
Beh
ڪرانتي ۽ شانتي لاءِ
سنگهرش ۽ ساڌنا
Talreja
4.4.2021
آسنداس پيرواڻي

ڪرانتي ۽ شانتيءَ
لاءِ
سنگهرش ۽ ساڌنا

ليکڪ : آسنداس پيرواٹي

ارپڻ - پتر

پوڄنيه ماتا شريمتي لڪشمي ٻائي ۽ پوڄنيه پتا شري نانڪرام نهالچند ڀيرواڻي.

جن گهڻي پيار ۽ سرجوشيءَ سان آدرش لوليون ڏئي، سندر سکيائون ڏئي منهنجي جيون کي گهڙيو. سماج سيوا ڪندي جي مشڪلاتون سامهون آيون، اُنهن کي منهن ڏيڻ لاءِ آتم وشواس پيدا ڪندي، تڪليفن کي برسر ڪيائون. سندن ٿورا ڪڏهن به لاهي نه سگهبا. سندن پوتر ياد ۾ ارپڻ ڪندي، نماڻي ڪوشش !

چرن وندنا
داس - آسن

١-٣-٢٠٠١

٩١، سنڌو واڙي، مهاتما گانڌي مارگ،
گهاٽڪوپر (اوڀر)، ممبئي-٧٧



دادا جشن واسواڻيءَ
جو سڪ ڀريو سنديش ۽ آسيس

منهنجا پيارا،

توهين ڪيئن آهيو اُميد اٿم تہ پنهنجي صحت جي پوري طرح سنڀال ڪري رهيا آهيو. توهانجي سادگي سمرڻ ۽ سيوا سان ڀريل زندگي اسان مان ڪيترن واسطي هڪ چمڪندڙ مثال آهي. شل پيارو ڀريو توهانکي نرويو سرير ۽ وڏي آورجا بخشي جئن اسانجي پياري پر ڀڳل قوم جي شيوا ڪندا رهو.

ڪمل قدمن ۾
جشن واسواڻي

١٧-١٢-٢٠٠٠
١٠- سادو واسواڻي پٿ،
پوني- ٤١١ ٠٠١

Kranti Aen Shanti
Lai
Sanghrash Aen Sadhna

Author	:	Shri Asandas Behrwani
Add.	:	91, Sindhuwadi, M.G. Road, Ghaktkophar (E), Mumbai-400 077. Tel. : 5126354
Copies	:	500
Edition	:	First
Year	:	April 2001
Cost	:	Rs. 50/-
Cover Design	:	Shri Meghraj Talreja
Printed by	:	Maruti Computers, 8, Gagandas Shopping Complex, New Link Road, Opp. Regency Hall, Ulhasnagar-421 002. Tel. : 571480 / 570647
Published by	:	Shri Asandas Behrwani 91, Sindhuwadi, M.G. Road, Ghaktkophar (E), Mumbai-400 077. Tel. : 5126354

With Kind Part Finaincial Support From :
M/s. Indus Ind. Foundation
New Delhi

شڪر گذاري

۴ فيبروري، ۱۹۲۰ ۾ منهنجو دادو سنڌ ۾ جنم ٿيو. اُن سال ۾ اُن مهني ۾ لوڪمانيه بال گنگادر تلڪ سنڌ جي دوري تي آيو. ’سوارج منهنجي جنم جو اڌڪار آهي ۽ مان اُهو حاصل ڪندس.‘، جو سنديش هن گرجنا ڪندي ڏنو ۽ ديش ڀڳتيءَ جي پاونا لوڪن ۾ خوب ڀري. ۱۹۲۰ ۾ مهاتما گانڌيءَ لوڻ جو ستياگره ڪيو. مون به پنهنجي شهر ۾ اُن هلچل ۾ بخوبي ڀاڱو ورتو. سڄو ڏينهن اُپواس رکيو. اُهو سمو آزادي آندولن جو شاندار سمو هو. ورڊ سورٿ جي اکرن ۾ -

بِلِس واز اِٽ اِن دئٽ ڊان ٽُ بي اَلائيو،

بَٽِ ٽو بي ينگ واز ويري هيون.‘


‘Bliss was it in that dawn to baive

But to be Young was very heaven.’

(اُن پرڀات ۾ ڀاڳ موجود هئڻ ئي پرم آنند هو

۽ وري نوجوان هئڻ ته بلڪل سرڳ ئي هو.)

اُن وايو منڊل ۾ مون ۱۲ سالن جي عمر ۾ ’ڀارت ماتا‘ تي ليک لکيو. جو ’هندستان‘ اُن وقت ’هندو‘ روزاني اخبار ۾ ڇپيو. اُن بعد قلم هلندو رهيو. اُتساه وڌندو رهيو. اخبار جي سمپادڪ شري هيرانند ڪرمچند جو مهان ديش ڀڳت ۽ آدرش اڳوان - قلم جو مهان سپاهي هو، سان مترتا وڌندي رهي. هو به هر طرح همٿائيندو رهيو. مان به اخبار لاءِ لکندو رهيس، ۽ اڄ تائين پيو لکان. وقت بدلبو تو رهي. اِتهاس پنهنجي سڳنڌ ڏيندو تو رهي. هن وقت جي سمپادڪ شري منگهارام سپاهيملاڻي به شري هيرانند ڪرمچند جي نقش قدمن تي هلي، وطن پرستو ڦهلائڻ لاءِ اخبار جو بخوبي اُپيوڳ پيو ڪري. هن جي پيار ۽ سهائتا سان هندستان هندواسيءَ ۾ ايتري



"Truth is God"

ANAND T. HINGORANI : Editor-Publisher : "GANDHI SERIES"

C/18-D, MUNIRKA : NEW DELHI-110067

PHONE
6167498

June 27, 1996

Dear Brother :

A few days back, I had a chance to read your article on Sindhis and their duty in the present changed times. It was a very thoughtful article and I highly appreciated the same. I trust you will pursue your efforts a little more energetically till our Sindhi community awakes and arises from slumber and bestirs itself to do something worthwhile socially and politically , and makes itself so powerful that its united voice is heeded all over India. It must claim its share in the governance of the country commensurate with its sacrifices and sufferings in the cause of India's freedom.

I suppose you must be knowing Shri Menghraj Tirathani of Khandwa. His letter, received recently, I am enclosing herewith for your perusal and reply.

With all good wishes,

Yours sincerely,

(Anand T. Hingorani)

Shri Assandas Bherwani,
91, Sindhu Wadi,
Mahatma Gandhi Road,
Ghatkopar,
BOMBAY-400 077.

نمبر	ليک	صفحو
١.	ڀڳوان مهاوير	٦
٢.	چت شڌي ۽ گوتم ٻڌ ...	١٢
٣.	گوتم ٻڌ ۽ اڄ جو وايو منڊل	٢١
۴.	ويهين صديءَ جو وشو مانو ...	٢٦
۵.	گانڌيجيءَ جي ١٣٠ جنم ڏن موقعي تي ...	٣٦
٦.	عرب ملڪن ۾ مهاتما گانڌيءَ لاءِ صدق ۽ سنيهه	۴٣
٧.	ويهين صديءَ جي مهان ناري راشٽر ماتا ڪستوربا	۴٦
٨.	اِستري شڪتي نوچيتنا نرماتا راشٽر ماتا ڪستوربا	۵٢
٩.	وشو-مانو ۽ ڀارت جو لاثاني ڪرانتيڪاري مهاپرش آچاريہ ونوبا ڀاوي	۵٧
١٠.	آچاريہ ونوبا ڀاوي .... ’سوارج-سواولمبن ۽ شانتي‘	٦٢
١١.	سنت ونوبا ڀاوي جي ’گيتائي‘	٦٧
١٢.	لوڪ نائڪ ڄئہ پرڪاش نارائڻ	٧٢
١٣.	”سمپورن ڪرانتي“، ”شانتيميہ اِنقلاب“ جو رهنما لوڪ نائڪ ڄئہ پرڪاش نارائڻ	٧٨
١۴.	لوڪ نائڪ ڄئہ پرڪاش نارائڻ ڀارت جي آزادي - سماجواد - اهنسڪ اِنقلاب جو تپسوي مهان ڪرانتيڪار	٨٧
١۵.	نشڪام نريہ، سريشٽ گانڌيوادي سيوڪ-بابا آمٽي !	٩۴
١٦.	پوجنيہ دادا جي پانڊورنگہ شاستري آٺولي، ڀڪتي ڀاؤ جي نوچيتنا سان، رچناتمڪ ڪرانتيءَ جو نرماتا !	١٠٠

وقت کان لکيل ڪن ليکڪن جو مجموعو ناهي مون هيءَ ڪتاب تيار ڪيو. ڪتاب جو هيءَ پهريون ڀاڱو آهي. ٻيو ڀاڱو سنڌ جي مهاپرشن جي 'ڪرانتي ۽ شانتيءَ لاءِ - سنگهرش ۽ ساڌنا' لکي تيار ڪيو آهي. ٽيون ڀاڱو منهنجي پنهنجي جيون جي سنگهرش ساڌنا بہ تيار آهي. سماج کي هيءُ ڪتاب دلچسپ ۽ ڪارائتو لڳو تہ سهوليت موجب باقي ٻيا ڀاڱا بہ ڇپائڻ جي ڪوشش ڪبي.


هن ڪتاب جي ڇپائيءَ جي خرچ لاءِ 'انڊس اِنڊ ٽرسٽ' هندوجا ڀائرن جو برپا ڪيل ۽ شري منگهارام سپاهيملاڻي ۽ شري ناڪر چاولا جي سهيوگ سان مدد ملي آهي. انهن جو شڪر گذار آهيان، اُن مدد جي آڌار تي ئي هيءُ ڪتاب ڇپائڻ لاءِ سهيوليت اُتساھ مليو.

١-٣-٢٠٠١

شيوا ۾
آسنداس پيروالي

سوتنترتا سينانيءَ ۽ لوڪ سيوڪ
٩١، سنڌو واڙي، مهاتما گانڌي مارگ،
گهاٽڪوپر (اوپر)، ممبئي-٧٧

ڀڳوان مهاوير



هن سال ٢٠٠٠ ڪان، دنيا، ڪرائيسٽ جي جنم بعد ايڪهين صدي جو شڀ آگمن منائي رهي آهي. پر ڪرائيسٽ کان ٻه پنج سؤ سالن کان ٻه اڳي ڀارت ۾ پراچين جين ڌرم جو آخرين ٢٤ تيرٿنڪر ڀڳوان ورڌمن مهاوير جو جنم ٿيو. جنهن جو جنم ڏن هن سال آرتوار ١٦ اپريل گهٽي شرڌا سان جين سماج ۽ مانو سماج ملهائي رهي آهي. سال ١٩٧٤ ۾ مهاوير جي اڍائي هزار (٢٥٠٠) نرواڻ شتابدي وڏي شدمد سان دنيا ۾ ملهائي وئي. اُن موقعي تي جين ڌرم جي اتهاس، جين ڌرم گرن تيرٿنڪرن جي سکيائن ۽ جين ڌرم جي آخرين ٢٤ تيرٿنڪر ڀڳوان ورڌمن مهاوير تي نهايت شاندار ساهتيہ، دنيا جي جدا جدا ٻولين ۾ نرماڻ ٿيو. سنڌي سماج ٻہ اُن ڏينهن تي پنهنجا شرڌا جا قول ڀڳوان مهاوير کي ارپڻ ڪيا. اُن موقعي تي بمبئيءَ جي آل انڊيا ريڊيو تي مون ڀڳوان مهاوير جي جيون تي اُتساهه سان شرڌانجلي وارتا

صفحو	ليک	نمبر
١٠٧	وشو شانتي - وشو سرڪار جو مهان اُپاسڪ ڊاڪٽر راڌا ڪرشڻ	١٧.
	باب ٻيون	
١١٣	جئہ -گرام - جيہ جڳت !	١٨.
	شانتي سينا ٺاهڻ جي ضرورت	١٩.
١١٨	سال ٢٠٠٠ کان ٢٠١٠، ڏھ سالن جو شانتي ۽ اهنسا پروَ!	
	سيواگرام جو سڏ نئين آزادي، مڪمل آزاديءَ لاءِ نوان اُمنگ،	٢٠
١٢٥	نوان قدم ! چونڊن بعد سوراج کان پورن سوراج لاءِ نئين ياترا !!	
	ڀارت جي موجوده حالتن بابت سروَ سيوا سنگھ جي نويدن	٢١
١٣٢	شانتي سينا، گرام سوراج، سواولمبن ۽ لوڪ شڪتي نرماڻ لاءِ اپيل	
١٣٦	گودي مين جسڪي بهتي، هئہ هزار نديان	٢٢.
	مهاشوراتريءَ جو سنديش گئو بيلن جي رکشا ڪريو !	٢٣.
١٤٢	گئو رکشا لاءِ شريمتي مينڪا گانڌيءَ جو سمرٿن	
	٢٦ جنوري ٢٠٠٠ ڀارت جي سنوڌان جا پنجاھ سال	٢٤.
	٢٦ جنوري، ريپبلڪن ڏينهن ملهائڻ لاءِ سرو سيوا سنگھ	
١٤٧	جو پروگرام جنتا جي اڌڪارن، جاڳرتا ۽ سنگٺن جو ڏينهن	

هتيا کان پري رهندا آهن. جيو ديا جي ڪمن کي همٿائيندا آهن. اهنسا پرم ڌرم مڃيندا آهن. جين مندرن ۾ هنن جي تيرٿنڪرن جون سندر مورتيون ۽ شاندار ساهت رکيل هوندو آهي. جتي جيني وچي آراڌنا ڪندا آهن ۽ اپياس ڪندا آهن. جين پُرش چاهي استرين کي هڪ جهڙي آزادي آهي. جينين جا ٻہ سمپردايہ مڪيہ آهن. هڪ دگمبر (ننگا) ۽ ٻيو سوتمبر (سفيد-پوشاڪ). دگمبر سمپردايہ ٽن حصن ۾ وراهيل آهي تيرا پنٿا، يا سُڌا منيا ۽ بسا پنٿا ۽ تارن پنٿا يا سامئيا.

سويتمبرا ۾ سام ويگي يا مندرن ۾ پوڄا ڪندڙ يا استانڪ واسي يا ساڌو مارگي ۽ تيرا پنٿا آهن. گهڻو تعداد سوتامبر مندرن ۾ پوڄا ڪندڙن جينين جو آهي. دنيا جي پراچين گرنٿ رگويد ۾ بہ جين تيرٿنڪرن جو ذڪر آهي. خاص ڪري رشڀ تيرٿنڪر بابت ويدڪ ساهتيہ ۾ چرچا آهي.

ويدڪ ڌرم ۽ جين ڌرم ۾ ڪيتريون ساڳيون مڃتائون آهن. پر ڪيترين ڳالهين ۾ ڀنتا بہ آهي.

جين ڌرم جو اِتهاس گهڻو پراڻو آهي. پر پورين حقيقتن سان آخرين ٢٤ تيرٿنڪار ڀڳوان (٦ صدي بي-سي) جي زماني کان اعتبار جوڳو سلامت آهي.

مهاوير جو جنم چيت جي تيرهين تاريخ ٥٩٩ (بي.سي.) ۾ بهار جي وئشالي نگر نزديڪ ڪُندا گرام ۾ ٿيو. هنجو پتا سدارٿ ڪتري هو. ڀوڻ جو راجا هو. هنجي ماتا جو نالو هو ديوي ترشلا. مهاوير جي جمڻ وقت ساري ملڪ ۾ خوشحالي ڇانئجي وئي. ان ڪري هن جو نالو رکيو ويو ورڌمن. ورڌمن ننڍي عمر ۾ ئي نهايت نرڀيتا سان وهنوار ڪندو هو. هڪ دفعي دوستن سان جهنگل ۾ راند ڪرڻ ويو. اُتي هڪ شاهي نانگ نظر آيو. ٻيا ٻار ڇرڪي ويا، ڊڄي ويا. پر ورڌمن ان سرپ کي پڇڙيءَ کان پڪڙي پري اُڇلائي ڇڏيو. ان جي نرڀيتا ڏسي هنکي مهاوير چيو ويو. هن جو ماءُ، پيءُ ۽ گهر وارن سان گهڻي سنيهہ جو سنبنڌ هو. پر سندس اندر ۾ سنسار تياڳڻ جي ڀاونا زوردار هئي. ماءُ جي گهڻي زور ڀرڻ ڪري هن گهر گرهست قبوليو. ٢٨ سالن جي عمر تائين ان ريت رهيو.

پيش ڪئي. اُن موقعي کان اڳ مان ڪاڏي گرام اُديوگ ڪميشن جي پاران بينگال-بهار جي ڳوٺن جي وڪاس لاءِ دورا ڪندي، بينگال جي شانتي نڪيتن ۽ سري نڪيتن جو ۽ بهار ۾ ڀڳوان مهاوير ۽ ڀڳوان گوتم بڌ جي ڪرم کيتر وئشاليءَ جو دورو ڪيو هو. اُن دوري ڪندي وئشاليءَ ۾ اِتهاسڪ واقعن ۽ شين جو ميوزم ڏٺو. جنهن ۾ ان کيتر جي پراچين لوڪتنتر راڄ، جين ڌرم ۽ بڌ ڌرم جا نشان نظر مان ڪڍيا. اُتي سمراٽ اشوڪ جا ٺهرايل پراچين ٿنيا به ڏٺا. ان ڏينهن مهاوير جي ڏينهن جو اُتسو ٿيو هو. ڳوٺ ۾ اُتساه هو. دهليءَ مان آل انڊيا ريڊيو جو ڊئريڪٽر شري ماٿر، بنارس يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلير ۽ ودوان ساهتڪار آچاريه هزاري پرساد دويدي صاحب به آيا ها. مون هننکي پنهنجي پروگرام، ڳوٺ وڪاس جي پنج سالي يوجنا ٻڌائي. هنن کي ڳالهه وڻي. مونکي گهڻي سنيهه سان پاڻ سان گڏ اُتسو جشن جي سهڻي اسٽيج تي گڏ وهاريو.

اُن بعد اسان جي سنڌو واڙي گهاٽڪوپر ۾ ڀڳوان مهاوير ۽ هن جي پرم شش راجچندر مهراج جو نهايت سندر مندر جو نرماڻ ٿيو. شري راجچندر سان مهاتما گانڌيءَ جو گهڻو سنبنڌ هو. گانڌيجي هن کان ڌرم جي سوکيم سکيائن ۽ درشن بابت گهڻو ڪجهه پرايو ۽ ان لاءِ گانڌيجي شري راجچندر جيءَ کي گروءَ سمان سمجهندو هو. ان مندر ۾ گهڻو ڪري هر روز مان وڃي نه رڳو درشن ڪندو آهيان، پر مهاپرشن جو ساهتيه به پڙهندو آهيان.

اسان سنڌي پنهنجي پراچين ويدڪ ڌرم جي ته ڄاڻ رکون ٿا. مهاوير ۽ گوتم بڌ پنهنجي وقت جا سمڪالين ڀارت جا ڌارمڪ اڳوان هئا. مهاوير جين ڌرم جي سکيا جو ڦهلاءُ ڪيو ۽ گوتم بڌ، بڌ ڌرم نرماڻ ڪيو.

ڀارت ۾ هن وقت چاليهه ملين جين رهن ٿا. هاڻي ڀارت جي مئنارٽي ڪميشن جين سماج کي ٿورائي واري جاتي ڪري قبوليو آهي. جين سماج ۾ تعليم جو گهڻو ڦهلاءُ آهي ۽ اهنسڪ درشٽي رکڻ سبب هنن ۾ گناهگارن جو انداز گهٽ آهي. هو گهڻو ڪري واپاري آهن. پنهنجي ڌرم جي واڌاري لاءِ سيوا جا گهڻائي سنا ڪم ڪن ٿا. ڪاڏي ڀيٽي ۾ جيني ماس آهار شراب کان دور، ويشنو آهن. هو سڄ لهڻ ڪانپوءِ گهڻو ڪري ڪاڏو نه ورتائيندا آهن. جيو

مھاوير اڌياتمڪ درشٽيءَ کان ھر آتما کي ھڪ سمان مڃيندو ھو. آتما ھڪ آھي. سڀ سمان آھيون، جيترا اڌڪار پرشن کي آھن، اوترا اڌڪار اِسترين کي بہ آھن. اِن ڪري ھاڻي بہ جين ڌرم ۾، سنياسي ھوندا آھن ۽ سنياسٽيون، ستيون، مھا ستيون بہ ھونديون آھن.

جنم مرڻ کان مڪتي : شري مشرو والا لکي ٿو تہ سنسار ۾ جنھن سک ۽ دک جو سيني کي انڀو ٿئي ٿو اُھو ست ڪرم ۽ دُشڪرم جو نتيجو آھي، اِھا ڳالھہ ان ريت صاف لڳي ٿي. جنھن سک ۽ دک جي ڪارڻ جي خبر نہ ٿي پوي، اُھو بہ ڪنھن وقت ڪيل ڪرم جو ئي نتيجو ٿي سگھي ٿو. مان نہ ھئس ۽ نہ رھندس، ائين مونکي نہ ٿو لڳي. ان مان ويچار اچي ٿو تہ ھن جنم کان پھرين مان ڪٿي نہ ڪٿي رھيو ھوندس. موت کانپوءِ بہ ڪٿي نہ ڪٿي رھندس. اُن وقت بہ مون ڪرم ڪيا ھوندا ۽ اُھي ئي منھنجي ھن جنم جي دک سک جو سبب ٿيڻ گھرجن. جئين پٽ تي ٽنگيل گھڙيال جو لڏڪڻو ساڄي ۽ کابي پيو جھوليندو آھي، ان ريت مان جنم مرڻ جي وچ ۾ جھونڪو کائيندڙ جيو آھيان، ڪرم جي چابيءَ سان، ھن لڏڪڻي کي گتي (رفتار) ملي ٿي ۽ ملندي رھندي. جيستائين اِھا چابي چالو رھندي، تيستائين مان انھن جھونڪن کان ڇٽي نہ سگھندس. انھن جھونڪن جي حالت دکدائڪ آھي، اُن ۾ ڪڏھن سک جو احساس بہ ملي ٿو. مونکي ان دکدائڪ جھونڪن (چرپر) کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ گھرجي. ڪنھن بہ طرح ان چابيءَ جي آنٽن کي کولڻ گھرجي. ان ويچار ڌارا کان پريرڻا پائي، ڪي آريہ جنم مرڻ جي جھونڪن کان ڇٽڻ لاءِ، موڪش پراپتيءَ لاءِ، جدا جدا ڪوششون ڪندا ھئا. اُھي ڪرم جي چابيءَ کي جيترو جلد ٿي سگھي، اوترو، جلد ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا ھئا، آريہ پرجا ۾ پيدا ٿي انيڪا انيڪ ممڪشو ان جنم مرڻ واد مان ڇٽڻ لاءِ موڪش جي ڪوشش ڪرڻ لڳا. ان شوڌ-کوج جي ڪارڻ جنھنکي جنھن مارگہ مان شانتي ملي، جنم مرڻ جو ڊپ لھي ويو. اُن، اُن مارگہ جو پرچار ڪيو. ان کوج ۾ ڪيترا درشن شاستر نرماڻ ٿيا. مھاوير ان پرڪار جي پرڪرتيءَ جو آدرش نمونو آھي.

مهاپرش جو جيون اِتهاس ٻڌائي ٿو ته هن پنهنجي ماتا پتا جي آدر ۽ پريم سان سيوا ڪري آشيرواد پاتي آهي. شري رام، ڪرشن، ٻڌ، مهاوير، عيسيٰ، گيانيشور، تڪارام، ايڪناٿ، سادو واسواڻي ۽ ٻيا پنهنجي ماءُ پيءُ ۽ گروءَ جي شيوا ۽ پوڄا سان وڌيا. ماتا پتا جي سرڳواس ٿيڻ بعد، گهر ڇڏي سنياس وٺڻ جي ڳالهه دُهرايائين، وڏي ڀاءُ جو راڄگدي تي وينو هو، ڪيس چيو ته منهنجو دک نه وڌاءِ. ماتا پتا جي مرڻ جو دک، وري مٿان تنهنجي گهر تياڳڻ جو دک مان سهي نه سگهندس. وڏي ڀاءُ کي خوش ڪرڻ لاءِ هن ٻه سال وڌيڪ گهر گرهست اپنايو. سندس شادي ٿي هئي ۽ کيس هڪ نياڻي به ڄائي هئي. پر هنجو محل ۾ رهندي به وهنوار بلڪل ويراڳه ۽ تياڳه وارو ڏسي آخر کيس گهر ڇڏڻ جي اِجازت ملي. ٣٠ سالن جي عمر ۾ گهر ڇڏي، سادا ٻارهن سال هن تپسيا جو جيون، جهنگلن ۽ پهاڙن ۾ گذاريو. هو بلڪل ننگو رهندو هو. هن کي جهنگلي جانورن شينهن، چيتن، نانگن جو ته ڊپ نه ٿيندو هو. هن ايتري قدر چت شڌي ۽ نرڀيتا حاصل ڪئي، جو هن جي نرمل نظر اڳيان خوفناڪ جانور به شانت ٿي، هنجي سنيهه وس ٿي ويندا ها. هو ڪابه وستو، چيز پاڻ وٽ نه رکندو هو. کاڌو جيڪو ڳوٺن مان ملي، اُهو هٿ ۾ وٺي، کائيندو هو. ڪيترن ڳوٺن ۾ هنجو گهڻو اپمان ڪيو ويندو هو. کيس گهڻو ستايو ويندو هو. پر هن جي شانت تپسيا کي ڏسي ڪنور ڳوناڻا به هنجي چرن وندنا ڪرڻ لڳا. اُن تپسيا جي ذريعي هن اهنسا ۽ پريم جا گهڻا تجربا ڪري، انڀو حاصل ڪيو ۽ سچو مهاوير بڻيو. سندس اندر جون سڀ واسنائون، ترشنائون، بک پياس، ڪروڌ، لوڀ، موهه، اهنڪار، پڻ بلڪل غائب ٿي ويا.

اُن تپسيا بعد هو تير ٿنڪر بڻيو. پورا ٽيهه سال هو پيرين پنڌ گهمندو رهيو ۽ لوڪن کي شانتي ۽ سنيهه جو سنديش ڏيندو رهيو. هن سمجهايو ته جات، پات يا لنگ جو فرق نه رکڻ گهرجي. هنجا مکيه شش ٿيا اندرا ڀوتي گوتم ۽ راڻي ڪيلانا. ٧٢ ورهين جي جمار ۾ هن نرواڻ حاصل ڪيو. نرواڻ جي موقعي تي هنجا انڪل پنجاهه هزار شش (پرش ۽ اِستريون، حاضر هئا.) ان زماني جا ڪيترا امير، غريب، راڄائون به هنجا شش بڻيا.

۾ رچنا ڪرڻ گهرجي. جين ڌرم جي سڀني آچارين منين ونوباجيءَ کي ان ڪاريہ ۾ پورو سهيوگہ ڏنو ۽ آخر مهاوير جي ٢٥٠٠ نروارڻ ورسيءَ جي موقعي تي، جين ڌرم گرنٿ، جين منين يڪراءِ سوڌي سمپورڻ ڪيو. اُن گرنٿ جو نالو رکيو ويو (سَمڻ سُتم) 'SAMAN SUTTAM' اُهو گرنٿ سرو سيوا سنگهہ پاران ١٩٧٤ ۾ شايع ڪيو ويو. ونوبا جي ان تي گهڻي خوشي ظاهر ڪئي.

اُن گرنٿ ۾ مڪيہ طرح ايشور جي ڪا هستي نہ آهي، آتما جو درشن، موهہ مٿان سوڀ ۽ پاڻ سڃاڻڻ، اهنسا، انيڪنتا، ڌرم تت درشن، گرهست آشرم جو وهنوار، پرڪاش جوتي، سوتنترتا جي راهہ، تتو سوتر، سرشٽي سوتر، انيڪنتواد، پرماڻ سوتر، نيہ سوتر، سياد واد سوتر، سمنويہ سوتر، نکيشپ سوتر، سماپن ۽ مهاوير جي اُستتي ڀاڱہ آهن.

'جئين هاٿين ۾ آراوت، جانورن ۾ شير، ندين ۾ گنگا، پکين ۾ گروڙ، ان ريت جين پتر - مهاوير - مکتي سکيا گرن ۾ مهان هو.'

جيون مهامنتر

نمو ارهنتاڻم	-	گٽوانن کي نمسڪار
نمو سڌاڻم	-	سڌن کي نمسڪار
نمو آيرياڻم	-	آچارين کي نمسڪار
نمو اُوجهاياڻم	-	اُپاڌيين کي نمسڪار
نمو لوئي سو ساهوڻم	-	لوڪ ۾ سڀني ساڌن کي نمسڪار

هي پنج نمسڪار سڀني پاپن کي ناس ڪن ٿا ۽ سڀني پڄن ۾ اول نمبر پڄ آهن.

(سمڻ ستم ۽ ٻين گرنٿن جي مدد سان)

●●●●●

سنسار جو سچو تت ڇا آهي ؟ 'مان'، 'مان' جي روپ ۾ هن ديهه جي اندر جنهنجو احساس ٿيندو رهي ٿو، اُهو 'مان' ڪير آهيان، ڪهڙو آهيان، ڪيترو آهيان، هيءَ سنسار ڇا آهي ؟ منهنجي ۽ سنسار جي وچ ۾ ڪهڙو لاڳاپو آهي ؟

مهاوير سمجهايو : 'ڌرم سرو شريشٽ منگل آهي. (ڪهڙو ڌرم ؟) اهنسا، سنيم ۽ تپ روپ ڌرم. جنهن ماڻهوءَ جو من مٿئين ڌرم ۾ لڳو رهي ٿو، اُن کي ديوتا بہ نمسڪار ڪن ٿا.' جيون ۾ جا بہ آنند جي سمڀاونا آهي، اُها ڌرم جي دروازي مان ئي داخل ٿئي ٿي. ۽ جيون ۾ جو بہ دک آهي اُهو ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ ڌرم کان الڳ ٿي وڃڻ يا اڌرم ۾ ڦاسڻ جي ڪري آهي. مهاوير جي درشٽيءَ ۾ ڌرم جو مطلب آهي جو مان آهيان. اُن هئڻ ۾ ئي جيان ٿو. جو مان آهيان اُنکان ٿورو بہ الڳ نہ ٿيڻ منهنجو ڌرم آهي. رواجي طرح ماڻهون ديوتائن کي نمسڪار ڪندا آهن پر مهاوير چوي ٿو تہ ديوتائون اُن ماڻهون کي نمسڪار ڪن ٿا جو ڌرم جو برابر پالن ڪري ٿو.

آچاريہ رجنيش 'مهاوير واڻي' گرنٿ ۾ لکي ٿو :

'جئين پهاڙن ۾ هماليہ آهي يا شکر، چوٽين ۾ گوري شنڪر ان ريت ئي ماڻهن ۾ مهاوير آهي. ١٩٣٧ ۾ تبيت ۽ چين جي وچ ۾ بيڪام پهاڙ جي غفا ۾ ٧١٦ پٿر جا رڪارڊ مليا. اُهي پٿر جا رڪارڊ آهن مهاوير کان بہ ڏهہ هزار سال پراڻا. يعني اڄ کان سادا ٻارهن هزار ورهيہ پراڻا رڪارڊ. اُهي رڪارڊ ائين آهن جئين گرامو فون جا رڪارڊ ٿيندا آهن. نيڪ اُنهن جي وچ ۾ ننگہ آهن. سوراخ آهن. روس جيوگياني اِها کوج ڪندي چيو آهي تہ اِهي رڪارڊ بہ ڪنهن ينتر مشين ۾ وڄائي سگهجن ٿا.

جپان جي هڪ پهاڙ تي پنجويهہ هزار پراڻيون مورتيون مليون آهن. مهاوير ان پراچين سنسڪرتيءَ جو آخرين تيرٿنڪ وچارڪ آهي، اِها سنسڪرتي گهٽ ۾ گهٽ ڏهہ لک ورهيہ پراڻي سنسڪرتي آهي. هن کان اڳي ٢٣ تيرٿنڪر ٿيا. آچاريہ ونوبا ڀاوي جدا جدا ڌرم گرنٿن جا سار لکي تيار ڪيا. 'ڪرست ڌرم سار، 'نو سمهتا ڌم-پد'، قران-سار،' 'ڀڳوت ڌرم سار'، 'ويدن جو سار' وغيره. هنجي اِڇا هئي تہ اِن ريت جين ڌرم گرنٿ جي

جو متر ساٿي، شري دوارڪو سندراڻي پوڙ گيا ۾، گيا ضلع جي ڪليڪٽر طرفان سندس مندرن جي ديکڀال لاءِ قاعيل سمتيءَ جو سيڪريٽريءَ ناتي ڪم ڪندو رهيو آهي ۽ آچاريہ ونوبا ڀاو جو شروع ڪيل سمنويہ آشرم جو سنچالڪ آهي، اُن جي سنگہ ۾ پوڙ گيا ۽ آسپاس جي ڪيترن ئي ڳوٺن جا دورا ڪرڻ لاءِ بہ سهوليت ملي آهي.

ڪاڏي گرام اديوگہ ڪميشن جي ڪاريہ ڪندي، بهار جي ڪيترن اِستانن تي وڃي، پراچين اتهاس جو درشن بہ پائي سگهيو آهيان. خاص ڪري وئشالي ۽ نالندا گوتم بڌ ۽ مهاوير جي ڪاريہ کيتر جو بہ رٽن ڪيو آهي.

گوتم بڌ جي يوگہ وديا جو، وپشنا جو ڦهلاءُ اڄ ڪالهہ ڪافي وڌيل آهي. اُن جو مکيہ ڪيندر اگتپوريءَ ۾ ڏهہ ڏينهن ان وديا، پراڻن جي، ساھہ جي اوسٿا جي وديا جي ڪجهہ ڄاڻ حاصل ڪئي. من جي ايڪاگرتا ڌيان سيکارين ٿا.

نوبل پرسڪار وجيتا پروفيسر امرت سين بہ اها راءِ ظاهر ڪئي آهي تہ دنيا جي دکن نوارڻ لاءِ جي ڳالهيون گوتم بڌ چيون سي پر هي هنجي سياٽپ ۽ جيون جي ڪروٽا لاءِ اڄ بہ صحي لڳن ٿيون.

گوتم بڌ چيو تہ اِنسان ڄڏاپو، بيماري ۽ موت جو دکہ ڀوڳي ٿو، اُنهن دکن مان موکش ڪئين حاصل ڪجي ؟ انهن ڳالهين تي سوچيندي، هن کي راجائي ڪڻ ڀنگر سکن مان ويراڳہ آيو. هن جوانيءَ ۾ راڄ، سندر پتني، پٽ جو موھہ تياڳي. انهن دکن کي دور ڪرڻ جي راھہ، دنيا کي هميشهہ جي سکہ جي واٽ، حاصل ڪرڻ لاءِ، ڪروٽا سان ڀرپور من سان جهنگلن ۾ وڃي تپسيا ڪئي. ڪالام آلارام، اُدرڪ يوڳي ۽ ٻين تپسوين جي سنگہ ۾ ڪيتريون يوگہ ۽ وديائون حاصل ڪيون. لڳاتار ڇهہ سال هن کي وشين جي اِڇا، ڪام، ڪروڌ وغيره ڪاڏي پيتي جي ترشنا، آلس، ايمان، گوروَ ۽ سنمان جي اڇا، ڪيرتيءَ جي اڇا، آتم - اُستتي، پر ننڊا، وغيره چت جي آسري ورتين سان لڙٽو پيو. هنکي لڳو تہ اِن قسم جا وڪار ئي ماڻهوءَ جا وڏي ۾ وڏا دشمن آهن. آخر ۾ هن سڀني وڪارن کي جيتيو، چت کي بلڪل شڌ ڪيو. چت شڌيءَ سان هنکي گيان جو پرڪاش حاصل ٿيو. من جون پرانتيون دفن ٿيو ويون، شنڪائن جو

چت شُدي ۽ گوتم -ٻڌ
‘وشو شانتيءَ جو اوتار!’



١٨ مئيءَ ٻڌ پورڻما جو مهان پوتر ۽ اِتهاسڪ ڏينهن آهي. اڍائي هزار سال کان به اڳي، اُن ڏينهن راجڪمار سڌارٿ کي، راجائي ڇڏي جهنگلن، ٻنن ۾ تپسيا ڪرڻ بعد، ٻوڌ گيا ۾، پپر جي وڻ هيٺ ڌيان ڪندي، مهان گيان حاصل ٿيو. جنهن بعد هنکي گوتم ٻڌ ڪري سڏيو ويو. اِن ڪري ٻوڌ گيا، بهار ۾ تيرٿ اِسٿان آهي. اُتي دنيا جي ڪيترن ملڪن جي سرڪارين، گوتم ٻڌ جي سنمان ۾ ٻوڌ مندر نرماڻ ڪيا آهن. اُهي مندر نهايت سندر ۽ شاندار آهن. خوشقسمتيءَ سان مونکي گيا ۾ ڪيترائي دفعا وڃڻ جو موقعو مليو آهي ۽ انهن سندر مندرن جي درشن ڪرڻ ۽ مندرن جي پوڄارين سان وارتا لاپ ڪرڻ جو به وجهه حاصل ٿيو آهي. اُتان جي مها ٻوڌي سنستا جي پاران ٻڌ ڌرم جي گيان ڦهلائڻ لاءِ ڪافي ساهتيه نرماڻ ڪيو ويندو آهي. اُن سنستا جي اڌڪارين سان به مترتا رهيو آهي. پر وڏي ڳالهه ته منهنجو ننڍي هوندي

(٨) سميڪ سماڌي - يعني پنهنجي ڪرم ۾ ايڪا گرتا، پنهنجي نشچيه ۾ ايڪا گرتا، پنهنجي پرشارٿ ۾ ايڪا گرتا، پنهنجي ڀاونا ۾ ايڪا گرتا.

اِهو آهي ٻڌ جو آشٽانگه مارگه - آريه ستيه. ان کي وچون رستو، مڌيه مارگه چيو ويو آهي. ڇو ته ان ۾ اَشڀ ڪرمن کي قبوليو نه ويو آهي ۽ شڀ ڪرمن جو تياگه نه ڪيو وڃي.

ٻڌ ڌرم جا هيٺيان ٽي مها منتر آهن:

(١) ٻڌم شرڻم گڇامي.

(٢) ڌمم شرڻم گڇامي.

(٣) سنگهم شرڻم گڇامي.

ٻڌ ڌرم جا شش ٽن طريقن جا آهن:

(١) گرهستي (٢) اُپاسڪ (٣) ڀڪشو.

ٻڌ ڌرم ڪنهن ڪلپنا، يا ڪنهن واد جي بنياد تي نه آهي. ٻڌ ڌرم، هندو ڌرم ۽ جين ڌرم جيان پنر جنم ۾ وشواس رکي ٿو.

ٻڌ جي اُپديش ۾ چت شڌي، چرتر ۽ نيڪيءَ تي زور آهي. اُن لاءِ سرگه يا نرڪ جو لوڀ يا ڊپ نه آهي. پر وويڪ ٻڌيءَ جي سمجهاڻي آهي. ٻڌ چيو ته (١) شرڌا رکو (٢) پاپ ڪرم کان شرم ڪريو (٣) ودوان ٿيو (٤) ست ڪرمن لاءِ اُتساهي ٿيو (٥) سمتي جاڳرت رکو (٦) پرگياوان ٿيو. ڌرم جي ستن انگن جي ڀاونا رکو (١) سمرتي (٢) پرگيا (٣) ويريه (٤) ڪيرتي (٥) پرشر ٻڌي (٦) سماڌي ۽ (٧) اُپيڪشا.

سمرتيءَ جي معني آهي هميشه جاڳرت، ساوڌان، مان ڇو ٿو ڪريان، ڇا ٿو سوچان، من ۾ ڪهڙي قسم جون ڀاونائون، اِڇائون اچن ٿيون، آسپاس ۾ ڇا ٿي رهيو آهي. اُنهن سڀني ڳالهين لاءِ جاڳرتا.

(٢) پرگيا جي معني آهي منورتين کي سنڀالڻ جي شڪتي، آنند، شوڪ، سکه، دکه، جڙتا، اُتساهه، ڌيرجه، ڊپ، ڪروڌ وغيره ڀاونائون اُٿن ٿيون. اُنهن کي جاڻڻ، اُنهن جي بنياد ۾ ڪهڙيون واسنائون آهن، انهن کي الڳه ڪرڻ جي شڪتي ۽ سمجهه. انهن کي ڌرم-پروچيه چيو وڃي ٿو.

(٣) ويريه جو مطلب آهي ستڪرم ڪرڻ لاءِ اُتساهه.

نوارڻ تي ويو. جيون جو رهسيہ سمجھہ ۾ اچي ويو. چت ۾ اَشانتيءَ جي بدران شانتي آئي. سڌارٿ، اگيان جي ننڊ مان جاڳي، ٻڌ بڻيو. ويساکہ سُدي پونم ڏينهن پهريون دفعو، هنکي گيان جي سڳورتي ملي، ان کري ان ڏينهن کي ٻڌ جينتي، ٻڌ پورڻما مڃيو وڃي ٿو. جڏهن من جون سڀ شنکائون دور ٿيس ۽ مليل گيان مان هنکي سنتوش محسوس ٿيو تہ سنسار لاءِ مئتري ۽ کروڻا جي ڀاونا سان ڀرجي، حاصل کيل سچ جي پرچار لاءِ هن زبردست کوشش کئي. هن سماج کي هيٺيان چار آريہ-ستيہ سمجهايا. (۱) جنم، ٻڍاپو، وياڌي، موت، اڻ وڻندڙ شيءَ جو سامهون اچڻ، پريہ وستوءَ جو ويوگہ، اِهي پنجہ دکہ روپي وڻ جون ٽاريون آهن. اِهي پنجہ دکہ برابر آهن، اِنهن کان ڇوٽکارو نہ آهي، اِهي پنهنجي مرضيءَ مطابق نہ آهن. انهن کي سهڻ کان سواءِ ٻيو کو چارو کونهي. اِهو آهي پهريون آريہ سچہ.

باقي ٻيا سڀ دکہ، ماڻهو، پنهنجي لاءِ پاڻ ئي پيدا کري. سنسار جي سکن جي ترشنا ئي دکہ پيدا کري ٿي. اِهو ٻيون آريہ سچہ آهي. اِن ترشنا کي ختم کري سگهجي ٿو. ان بعد موکش ملي ٿو. اِهو ٽيون آريہ سچہ آهي.

ترشنائن کي ختم کرڻ لاءِ جا ساڌنا آهي، اُنجا هيٺيان اَٺَ سميک انگہ آهن: سميک جي معنيٰ آهي، بئلنسڊ، سنتلت.

ستار جي تار کي ايترو گهٽو بہ نہ ڇڪجي جو تار ئي ٽٽي پوي، ۽ تار کي ايترو ڍلو بہ نہ ڇڏجي جو گهربل سر بہ نہ نکري سگهي. اَٺ سميک انگہ آهن:

(۱) سميک گيان - يعني مٿين آرين سچن جي برابر سوجهہ ٻوجهہ.

(۲) سميک سنکلپ - شڀ کرم کرڻ جو نشچو کرڻ.

(۳) سميک واچا (واڻي) - سچي، پريہ وڻندڙ لاڀدائک واڻي.

(۴) سميک کرم - ستہ کرمن ۾ لڳو رهڻ.

(۵) سميک آجيوکا - زندگيءَ لاءِ پرمائک آجيون، گذاري لاءِ صحي سچا طريقا اپنائڻ.

(٦) سميک پريتن - يعني کشل پرشارٿ.

(۷) سميک سمرتي - يعني مان ڇا ڇا ٿو کريان. ڇو ٿو ڳالهايان، کهڙو خيال پيو کريان، ان لاءِ سدائين سجاڳہ رهڻ.

سگهجي ٿو. مان آتما جي ختم ڪرڻ لاءِ تپسيا نہ ڪندس. مان سرير جي رکيا لاءِ ۽ آتما جي جاڳرتا لاءِ پورو ڪاڏو ڪائيندو رهندس.

پپر جي پن ۾ برهمانڊ:

پپر جي وڻ هيٺيان ويهي، سڌارٿ تپ ڪري رهيو هو. هنکي احساس ٿيو تہ هن جي ڀاونائن ۽ ويچارن جو پيدا ڪندڙ تہ اگيان آهي. جڏهن انسان اگيان کان مڪت ٿئي ٿو تہ مانسڪ سنڪلپ وڪلپ خود بخود ختم ٿي وڃن ٿا جئن سجہ جي اُڀرڻ سان اونده دور ٿي وڃي ٿي. سڌارٿ جي هيءَ انتر درشٽي، گهري ڌيان-ساڌنا جو ڦل هئي. هن مسڪرايو ۽ هن آسمان ۾ لڏندڙ پپر جي پن طرف ڏٺو. پن ڏانهن نهاريندي هنکي صاف نظر آيو تہ اُن ۾ سجہ ۽ تارا سڀ موجود آهن ڇو تہ بنا سجہ، بنا پرڪاش ۽ بنا اگني تتو جي پن جي هستي ممڪن ئي نہ هئي. هيءُ پن اهڙو انڪري آهي جو سڀ تتو اُن ريت ڪم ڪري رهيا آهن. هن پن ۾ ڪڪرن جي (جل تتو جي) موجودگي ڏٺي. بنا بادلن جي برسات ممڪن نہ آهي ۽ بنا برسات جي پن جي هستي بہ ممڪن نہ هئي. هن ڏٺو تہ پرٿوي، ڪال، آڪاش ۽ منس (من تتو) تتو سڀ ان پن ۾ موجود آهن. حقيقت ۾ پورو برهمانڊ آهي. ان پن جي هستيءَ جي سارٿڪتا جو گيان هڪ اديت آشچريہ سان ڳنڍيل هو.

جيتوڻيڪ اسان اڪثر سمجهون ٿا تہ پن جو جنم وسنت رت ۾ ٿيندو آهي. پر گوتم ڏٺو تہ اُن جي هستي اننت ڪال کان سجہ جي روشنيءَ ۾، ڪڪرن ۾، وڻ ۾، ۽ خود هن ۾ موجود آهي. اِهو ڏسي تہ پن ڪڏهن جنم نہ ٿو وٺي، هو بہ ڪڏهن جنم نہ ٿو وٺي. پن ۽ پاڻ هڪ شڪتيءَ جا جذا آهن، هن جو نہ ڪڏهن جنم ٿيو ۽ نہ ڪڏهن موت ٿيندو. اِها اندر جي روشني ملندي ئي جنم مرڻ، هستي ناستيءَ جو ويچار صاف ٿي ويو. پتي جي صحي آڪرتي ۽ سندس سچو روپ هنجي سامهون روشن ٿي ويو. هن ڏٺو تہ هڪ جي سرجڻ ۾ (پوري) ساري سرشٽي بہ شامل آهي. ايڪتو ۾ بهتو، هڪ ۾ انيڪ سمايل آهن. اُهو پن ۽ هنجو جسم هڪجهڙا آهن. اُنہ ڪنهنجي ڪا الڳ هستي نہ

(۴) ڪيرتيءَ جو مطلب آهي سُٺن ڪمن مان آنند ملڻ.
(۵) پرشبڌڪا جو مطلب آهي چت جي شانتي ۽ خوشي.
(٦) سماڌيءَ جو مطلب آهي، چت جي ايڪا گرتا.
(۷) اُپيڪشا جو مطلب آهي، چت جي مڌيم اوستا، ويچارن تي ضابطو، جوش ۾ نہ اچڻ. جتي خوشيءَ ۽ ڏک، ڪروڌ ۽ ڊپ نہ روڪي سگهجن، اُن کي مڌيم اوستا نہ چئبو.

گوتم ٻڌ جي جيون جا ڪي واقعا :

راجڪمار سڌارٿ جو هڪ سوٽِ هو، ديودت. اُن هڪ ڏينهن، هڪ اُڏامندڙ هنس کي تير سان زخمي ڪري، هيٺ ڪيرايو. سڌارٿ ڊوڙي اُن زخميل پکيءَ کي، گهڻي پريم سان هنجھ ۾ کڻي سندس علاج ڪيو. ديودت سڌارٿ سان تڪرار ڪرڻ لڳو تہ هنس منهنجي تير سان ڪريو آهي، انڪري اهو منهنجي ملڪيت آهي، مونکي واپس ڪر. سڌارٿ پکي واپس نہ ڪيو. جواب ۾ چيائين تہ مارڻ واري کان بچائڻ واري جو اڌڪار وڌيڪ آهي. مون هنکي بچايو، پريم ڪيو آهي، انڪري اهو منهنجو آهي. راجہ دربار تائين معاملو پهتو. راجہ دربار بہ سڌارٿ جي حق ۾ فيصلو ڏنو. هنسا مٿان اَهنسا جي جيت ٿي.

ٻڌ ۽ سُجاتا:

گوتم ٻڌ جهنگل ۾ تپ ڪندي، اُپواس ڪرڻ سبب بلڪل هيڻو ٿي ويو هو. نزديڪ ڳوٺ جي هڪ نينگري اُن جهنگل ۾ ون ديوتا لاءِ کجھ کير ۽ ڪاڌو کڻي آئي. اُن جو نالو هو سجاتا. هن گوتم ٻڌ کي بيهوش حالت ۾ ڏسي، سندس چپ کولي وات ۾ ٿورو کير وڌو. کير پيئڻ سان ٻڌ کي شڪتي ملي ۽ هنجي بيهوشي دور ٿي. هن سجاتا جا شڪرانا مڃيندي چيو تہ مون هاڻي سمجهو آهي تہ شرير صرف ينتر ماتر نہ آهي. هيءَ تہ آتما جو مندر آهي. هيءَ اُها ٻيڙي آهي جنهنجي معرفت ندي پار ڪري ٻئي ڪناري پهچي

گوتم ٻڌ جي گذريل جيون جي ڪهاڻين کي جاتڪا ڪٿائون چيو ويندو آهي. جي ڪافي لوڪ پريہ آهن. موجوده جيون ۾ بہ گوتم ٻڌ جون ڪيترين وارتائون مشهور آهن. جهڙوڪ مدمست هاٿيءَ کي قبضي ۾ آڻڻ، انگلي مال ڌاڪوءَ کي سڌارڻ، جنهن گهر ۾ موت نہ ٿيو هجي اُن گهر مان ٻڪيا حاصل ڪرڻ وغيره.

٨٠ ورهين جي عمر ۾ ٻکيا ۾ مليل غلط کاڌي کائڻ سبب ِگوتم ٻڌ، سرير ڇڏيو. سرير ڇڏڻ جي انت وقت هن پنهنجي ٻکشو ششن کي اُپديش ڏيندي چيو تہ ”جڏهن جنم آهي تہ موت بہ اوس آهي. مڪتي پراپت ڪرڻ جي راهہ تي پريشرم ڪندي اڳتي وڌو.“

سڀ ٻيد ڀاوَ ڇڏي مهامنتر وري بہ اُچاريون:

”ٻڌم شرڻم گڇامي،

ڌمم شرڻم گڇامي،

سنگهم شرڻم گڇامي!“

ان منتر جي سمجهاڻي ڏيندي گوتم ٻڌ پنهنجي شش کي بار بار سمجهايو تہ جيڪي مان چوان ٿو، يا جيڪي گرنٿن ۾ چيو ويو آهي يا ڪو وڏو مشهور ماڻهو چوي ٿو، سو هڪدم اکيون ٻوٽي انڌ شرڌا سان نہ مڃيو پر اُن تي پنهنجي ٻڌيءَ سان سوچي سمجهي وويڪ انوسار مڃيو.

ڌمم يعني ڌرم ۾ ريتين رواجن يا پوڄا پاٺن کي، ڌرم نہ سمجهو. پر جيڪي سچ سمجهو، جنهنتي پريم سان عمل ڪريو اُهو آهي سچو ڌرم. ڌرم اُهو جو ڌارن ڪجي. سنگهم - ساموهڪ فيصلن پٺيان جي گڏيل فيصلن جو سنمان ڪريو. سماج جي سيوا ۾ پاڻ ارپڻ ڪريو.

(ٻوڌ ساهتيہ - ٽِڪ نيات هنهہ ويتنامتي ٻوڌ ودوان - رامچندر تواري ۽ ڪشوريلال مشرو والا جي گرنٿن جي آڌار تان).

●●●●●

آهي ۽ نه اها هستي دائما آهي. جڳ جا سڀ پرينچ هڪ ٻئي جي آڌار، پرسپر آولمبن آهن. هنکي ان سچائيءَ جي بوجهه ملي تہ مکتيءَ جي ڪنجي پرسپر آولمبن (هڪ ٻئي جي آڌار تي) آهي.

پنهنجو شرير، پاونائون، مانسڪ ڀاو ٻوڌ ۽ چيتنا جي ندين جي پرڪاش جي احساس سان سڌارت سمجهي ويو تہ جيون جو پرم ضروري تتو آهي - اَنتيتا ۽ اَناتمتا.

ان ريت جيون کي سمجهڻ سان اسان جو پرم دور ٿيندو تہ اسان هميشه نت الڳہ شڪتي تا سمجهون. جنم مرڻ، اُتپن وناش، ايڪتا ۽ انيڪتا، اندر ٻاهر، سڀ ٻڌيءَ جو اڱيان حو پرم آهي. جي اِنسان سيني شين جي اَسارتا کي سمجهي تہ سمورو مانسڪ سنڪلپ وڪلپ پار ڪري، دکن جي وُشو چڪر کان مکتي حاصل ڪري سگهندو.

راهول کي سکيا:

گوتم ٻڌ جو پٽ بہ ٻڌ ڌرم جو ڀڪشو ٻڻيو. گوتم ٻڌ هنکي سکيا ڏيندي چيو تہ ”راهول، پرٿويءَ کان سکيا حاصل ڪر. ماڻهو، پرٿويءَ تي ڀل سڀ گل وچائين، يا عطر هارين يا تازو کير ڦهلائين، يا ڀل اُن متان بانس واري وشتا اُڇلائين يا پيشاب ڪن يا ٿڪون ڦٽي ڪن، پرٿوي اهو سڀ سمان ڀاوَ سان قبوليندي آهي، نہ هنکي چڙ جي اِڇا ۽ نہ بري لاءِ ڌڪار. جڏهن بہ سکدائي يا دکدائي ويچار اچن تہ اُنهنکي پنهنجي متان حاوي ٿيڻ نہ ڏي. پاڻ کي ويچارن جو داس نہ ٻڻاءِ. جل کان بہ سکيا وٺ. جڏهن ماڻهو گنديون شيون پاڻيءَ ۾ ڌوئن تا تہ پاڻيءَ کي ڏک نہ ٿيندو آهي. ان ريت اڳني بہ بنا ڀيدڀاوَ جي سيني کي جلائيندي آهي. هوا کان بہ سک. هوا سيني قسمن جي گند پاڻ سان کڻي ٿي وڃي پوءِ ڀل اُها سڳند هجي يا درگند.

”راهول، ڪروڌ متان وجيہ پائڻ لاءِ پريم پورڻ ڪرپا ڀاءُ اپناءِ. ڪاوڙ کي ديا سان جيت. ڌڪار کي سهانپوتيءَ سان جيت.

پراڻايام سان ساهہ تي ظابطو رک، ويچارن کي چيتنا سان پڙ، آتم جاڳرتي حاصل ڪر. چت کي شانت رکڻ ئي ’سر و ڌرم‘ آهي.

سوال آهي ؟ تير ترشنا جو واسنا جو، دئيش، موهہ ۽ لوڀ جو.

آواز، واٽي، پڙاڏو، دور دور تنهنجي واٽي ڦهلي اڌ پرٿويءَ مٿان، ڀارت، برما، لنڪا، سيام، ٿبيٽ، منگوليا، جپان، چين ۾.

ڪڙا ٿي ويا مٺ، پگوڊا ۽ وهار

جن ۾ ڀڪشن، ڀڪشڻين جون قطارون، سرمنڊائي، وار لهرائي، پيلا وستر پائي، داخل ٿيڻ لڳا ۽ هن منتر جو جاپ ڪرڻ لڳا.

”ٻڌم شرڻم گڇامي، ڌمم شرڻم گڇامي، سنگهم شرڻم گڇامي.“

ڪهڙي ڏينهن تيزيءَ سان هلندو آهي هر پرواه، اِنسان ڇرڪيو، اُٿيو ۽ جاڳيو !

پر مانوتا جو پنهنجو ڪمال آهي.

هلي اچن پير، پيغمبر، آچاريہ، مهنت مهاتمائون هزار، اِلهام ڪٺي اچن، ڪمت سمت ڪن، گيان ڦهلائين،

پروچن ڏين، سکيائون ڦهلائين،

پر دنيا هڪ ڪن کان ٻڌي، ٻئي ڪن کان ڪڍي ڇڏي، پنهنجي سميہ انوسار، پنهنجي ڍنگہ، وهنوار سان پئي هلي.

جتي اِنسان جون بستيون آهن، بازاريون آهن، لين دين آهي، ڪمائڻ ۽ خرچڻ جا مرڪز آهن. اُتي ڪٿي آهن نشان رام، ڪرشڻ، ٻڌ، محمد ۽ عيسيٰ جا ؟

جتي ڀڳوان جي دال نہ ڳري، اُتي ٻڌ جي ڇا هلندي چال ؟

هو مورتي پوڄا جي خلاف هو. پر دنيا تہ هن جي مورتيءَ جي پوڄا شروع ڪئي. هنجو ايشور ۾ وشواس نہ هو، پر دنيا هنکي بہ ڀڳوان ڇيو.

هو ويراڳہ ڦهلائڻ، سينگار عيش آرام ڇڏائڻ لاءِ آيو هو.

دنيا تہ هنکي ئي سينگار جو ساڄہ بڻائي ڇڏيو آهي. هنجو سندر سرير جو آڪار، وار ڪوڙيل مٿي ۾ گهنگهرودار وار ڏئي، مٽي، لڪڙي، پٿر، لوهہ ٽامي، پتل، چاندي، سون، مونگا، نيلم، پنا، هاٿي ڏندن جي عاجہ، سپني ۾ هنکي وجهي، تراشي، ڪرڙي وڪري جو سامان بڻايو.

پيڪنگہ کان چڪاگو تائين، اهڙو هڪ بہ دڪان نہ ملندو جتي گوتم

گوتم ٻڌ
۽ اڄ جو وايو منڊل

’ٻڌم شرڻم گڇامي، ڌمم شرڻم گڇامي، سنگهم شرڻم گڇامي.‘

ٻڌ ڀڳوان،

جتي هو ڌن، وئڀو شان، ايشوريه خوشحاليءَ جو ڀنڊار، جتي پل پل سک هو.

جتي قدم قدم تي نئون سينگار هو،

جتي روپ، رس ۽ جوانيءَ جي هئي سدا بهار

اُتي تو جنم ورتي، پلجي، وڏي وڏارو ڪيو.

پوءِ تو ۾ جاڳيو، پنهنجي چوگرد جي سنسار تي سنديهه، شڪ ۽ اوشواس ! ۽ اوچتو هڪ ڏينهن تو اُن جي وجود جو ڀڪلُ ڪٽي ڏنو ته زهر سان ڀريل آهي، سنسار !

جنهنکي نئين ڪنوار جو ويس پهرايو ويو آهي، سا حقيقت ۾ آهي مرده سڙيل لاش !

توکي ڌڌڪو آيو، حيران ٿي وئين،

اِنسان ڇو پاڻکي دوکي ۾ رکيو آهي ؟

ڇا هو به زهر پي رهيو آهي جو ڦڙو ڦڙو ٿي نڪري رهيو آهي. ڇا اِهوئي سکه سينگار آهي.

جنهنتي اِنسان پاڻکي ڪجلائي رهيو آهي ؟ جيون آهي هڪ چڀيل تير، چنپٽائيندڙ من ۽ تڙڦندڙ تن ! سچائي آهي. جا سِڌ ڪرڻ جي ضرورت آهي.

پهرين ينتر کي ٻاهر ڪڍو، ڪنهن تير سان زخمي ڪيو. اِهو پوءِ جو

ٻڌ هنسا، لڙاين جو وايو منڊل بدلائي جيو ديا، ڪروڻا، اهنسا جي فضا نرمال ڪئي. انريت مهاوير جين ڌرم جو بنيادي ويچار اهنسا پرموڌرم، وئشنو ۽ ساتوڪ جيون، جيو ديا جي سنسڪرتي ڏني. محمد ڀائيچاري اِنساني برادري، سمانتا جو سبق سيکاريو.

عيسيٰ مانو من کي وشال بڻايو. گرونانڪ وگيانڪ سهج سيکاريو ’من جيتي-جڳ جيت.‘

گانڌيءَ اهنسا کي شخصي جيون ۾ ۽ سماجڪ جيون ۾ آڻي پوري سماج کي ستياگره جي نئين راھ بتائي.

ونوبا ڀارت ۽ وشو جي وشال جن سمدايہ کي گرام سوراج ۽ جئہ جڳت جو پرڪاش ڏنو. لوڪ نائڪ جئہ پرڪاش نارائڻ، سمپورن ڪرانتي جو بگل وڄائيندي چيو تہ مهاپرش دنيا جو سماج جو ڪلياڻ ضرور ڪيو آهي. هنن جا ۽ اسانجا جن ڪلياڻ جا پريوگہ وهندڙ پرواه سان نئين نهيءَ جي ايندڙ ڪرانتيڪارن جي رستي جا ڪنڪڙ پٿر هٽائي رستو سرل صاف ڪندا رهن ٿا. ڪارل مارڪس ۽ لينن ڪميونزم جو نئون اِنساني ڪامريڊ شپ جو انهو پيش ڪندي دنيا جو رنگہ بدلايو.

سوامي ديانند ايشوري ستا جو انهو سماج اڳيان ويدن جي نئين معنيٰ سان رکيو. سوامي وويڪانند دنيا جي آتما کي جاڳايو ’سماج کي ڏيو، ڏيو، اُٿو، جاڳو!

ساڌو واسوانيءَ اِنسان کي سيکاريو تہ پشون ۽ پکي بہ هنجا اسانجا هڪ جهڙا گونگا ڀائر ڀينر آهن.

اروند گهوش ·اڳتي ڪئي تہ اِنسان وشو مانو، مها مانو جي روپ سنسڪرتيءَ جو وڪاس ڪندو.

ناچ گهر، عيش جون ڪمزوريون برابر اڄ اِنسان ڏسي رهيو آهي. اِنڪري پئسي جي پرڀلتا بہ چوڌر برابر نظر اچي ٿي.

ڪويءَ سوال پڇيو آهي تہ جتي بازاريون آهن، لين دين آهي، اُتي ڪٿي آهن نشان رام ڪرشڻ، ٻڌ، محمد ۽ عيسيٰ جا ؟

حقيقت ۾ مهاتما گانڌيءَ جو سنديش موجب بہ بازارين، مارڪيٽ،

ٻڌ جي مورتي نہ ملي !

اميرن جا ڊرائنگ روم، رئيسن جا محل، ٻڌ جي چٽرن، ٻڌ جي مورتين سان سينگاريل آهن.

هنن کي ٻڌ جو درشن گهرجي پر ٻڌ جي ويچارن کان بي خبر، سپني ۾ بہ ٻڌ جي سکيائن جو ڏيان هننکي نہ ايندو آهي.

شير جي کل، هرڻ جا سنڱ، ڪلا ڪاريگرن جي سونهن سوڀيا جي نمونن سان گڏ ٻڌ بہ شامل نظر ايندو. ڇا گوتم ٻڌ ان لاءِ پنهنجي تپسيا سان زمين آسمان هڪ ڪيو هو ؟

اڄ مان ڏسان ٿو هڪ طرف تنهنجي مورتي ۽ ٻئي طرف آهي ناچ گهر، هي جيو ديا جا پرچارڪ، اهنسا جا اوتار، مهان وئراڳي، سنيم ساڪار !

تنهنجي سامهون ئي جواني ۽ حسن جي ڏوم هتي آهي، اِڇا ۽ واسنائن جا کليا اظهار وڌي رهيا آهن، ڳانءِ، سوئر جي مانس جو ڪباب پيا نهن، گلاس مٿان گلاس شراب پيو نوش جان ٿئي پائيپ، سگريٽ، سگار، ڏونها ڏار تماڪ پيو ڇڪجي. ماڻهو نشي ۾ ٽب ٻاڙها ٿي رهيا آهن.

جوان جوانڙين کي ڇڪي، ٻاهن ۾ کڻي، ڇاتي ۽ سيني سان لڳائي، لبن مٿان لب مچڪائي شروع ٿي ويو آهي ناچ، آرڪيسٽرا سان، ٽرمپيٽ، ڪلرنيٽ ۽ جاجہ وڄي رهيا آهن. اِهو آواز پيو نڪري، اِهو جاپ پيو جپجي، ’مڌ شرڻم گڇامي، مانس شرڻم گڇامي، ڊانس شرڻم گڇامي !‘

ڪوي هري ونشراءِ بچن جي مٿين هندي سندر ڪوتا پڙهڻ بعد مونکي لڳو تہ ڪويءَ جو سچ چيو آهي، سو اڌورو سچ آهي، پيو سچ آهي تہ مهاپرشن جي سکيائن اِنسان ذات جي سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ تي ڪافي پرڀاءُ ڪيو آهي.

رام راوڻ جي راڪشس سنسڪرتي ختم ڪئي. رام راڄ جو آنند ڌرتيءَ کي مليو. ڪرشن ڪنس ۽ ڪورون جي ڪرورتا ۽ ڪلورتا جو دور ختم ڪيو. گيتا جو مهان گيان سنسار کي حاصل ٿيو.

ويهين صديءَ جو وشو مانو
مليني جو مها مانو
مهاتما گانڌي



انٽرنيٽ تي وشو سروي جو نتيجو هيئنيءَ ريت مليو. ١٥ مارچ ١٩٩٩ کان ٥ ڊسمبر ١٩٩٩ تائين سروي ڪئي. ڪل ٩٢٢٨ ماڻهن پنهنجا رايا ڏنا.

جن موهنداس ڪرمچند گانڌيءَ کي ويهين صديءَ جو وشو مانو مڃيو انهن جو تعداد ٨٧٨٦ يعني ٩٥ سيڪڙو. اُنهن ووٽرن مان هڪ هو مسر فئود عبداللھ. هن چيو تہ،

"Though my religion does not permit me, but I think Allah must be some one like Gandhi"

يعني ”منهنجو مذهب مونکي اجازت نہ ڏيندو، پر مان سمجهان ٿو تہ اَللھ بہ گانڌيءَ جيان هوندو.“

مهاتما گانڌي جا ويچار مارٽن ليوٿر ڪنگ، نيلسن منڊيلا پنهنجي سنگهرش آندولن ۾ بخوبيءَ ڪم آندا تہ جئن جاتيءَ ييد ياوَ مٽجي. هنن بار بار پئي چيو آهي تہ هنن پنهنجي جيون سنگهرش ۾ مهاتما گانڌيءَ جي ويچارن تي عمل ڪرڻ سان سڦلتا حاصل ڪئي آهي. مهاتما گانڌيءَ جي باري ۾ دنيا جي ڏهن هزارن ماڻهن جيڪي رايا ڏنا

واپاري ٽرسٽيشپ جو ڦهلاءُ اڄ سرڪاري بجيٽن ۽ ٽرسٽن خانگي سيوا ٽرسٽن ذريعي ڏنبدن لوڪشاهيءَ جي معرفت وڌي رهيو آهي. انڪري ڏکرن ۾ بک وگهي لکن جو موت کان بچاءُ ڪيو آهي ۽ اِنسان جي عمر به ڪافي وڌي آهي.

اِنسان اڄ يونيسڪو، گلوبل، انٽرراشٽريه سيوا جا ڪاريه وڌائي وگيان ۽ اڌياتمڪتا جي سنگم ڏانهن وڌي رهيو آهي.

ائنم بم ٺاهيندڙ به چئي رهيا آهن ته اسان پهرين بم ڪتب نه آڻينداسين. ان جو مطلب آهي ته پنهنجي ڀلائي، پاڙي واري جي ڀلائيءَ ۾ اِنسان محسوس ڪري رهيو آهي.

سنڌ جي مهان شاعر عبداللطيف جي واٽي سپني ڪي ياد اچي رهي آهي :

”پائي ڪان ڪمان ۾ ميان مار م مون،
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئي توکي لڳي !“

مهاپرشن جي جيون جا پريوگ ڌرتيءَ تي شانتي ۽ خوشحالي ڦهلائڻ ۾ مهان پرياءُ وجهي سگهيا آهن. اِنڪري اسان بڌ پورنما جي ڏينهن سنڪلپ ڪريون ته اسان پوري سچائيءَ سان وگيان ۽ اڌياتمڪتا جي ميل سان، شڪتي ۽ پريم جي سنگٽن سان، سماج جي شيوا ۾ پنهنجو جيون ارپڻ ڪنداسين.

اِهائي آهي گوتم بڌ ۽ ٻين مهاپرشن جي سکيائن جي ڪاميابي ۽ اسان جي جيون جي سونهن ۽ سڦلتا ! چٽائيءَ ۾، سرو شڪتيمان، سرو وياپڪ ايشوري شڪتيءَ ۾ وشواس قائم رکون ۽ وڌايون، ڦهلايون.

’بڌم شرڻي گڇامي، ڌرمم شرڻم گڇامي، سنگهم شرڻم گڇامي.‘
’اَسدوما سدگميه، تمسوما جيوتر گميه، مرتيورما امرت گميه.‘

●●●●●

رهندو، جنهنکي ڪنهن ٻاهرين طاقت جي رحم تي نرڀر نہ رهڻو پوندو. مهاتما گانڌيءَ جي آزاديءَ جي ڪلپنا ۾ سمگر ۽ اِڪائي (ٽوٽل ۽ يونٽ) ٻنهي جي آزادي سمايل هئي. شخصي ستياگرہ ۽ شخصي سول‌نافرماني آندولن جي پٺيان اِهو ويچار هئو، تہ هرهڪ ناگرڪ کي، ساري ديش کي آزاد ڪرڻ سان گڏو گڏ، پنهنجو پاڻ کي آزاد ڪرڻو هو. هنجي درشٽيءَ ۾ ملڪ جي آزادي اڌوري هئي، جيسين تائين هرهڪ ناگرڪ جي اندر ۾ آزاديءَ جي ڀاونا محسوس نہ ٿي آهي ! ڳوٺ، ملڪ جو جاگرافيڪل اِڪائي آهي، اُنريت عوام (آبادي) جي اِڪائي شخص آهي. آتم نرڀر يا سواولمبي ڳوٺ ۾ آتم نرڀر يا سواولمبي شخص، اِهو هو هنجي آزاديءَ بابت بنيادي خاص ويچار. هن جو رايو هو تہ ڳوٺ پريو پاڳيو رهي. ماڻهو آدرش ڳوٺ ۾ سکي رهن ۽ ڳوٺ ڇڏي شهرن جي گندين بستين کي نہ وڌائين. پر دنيا اُلٽي راهہ تي هلي رهي آهي. هن گرام وشو جي نرماڻ لاءِ سوچيو. هن ڳوٺ جو دائرو وڌائي اُن ۾ ساري وشو کي سماويش ڪرڻ جي بدران، وشو جي دائري کي محدود ڪرڻ جو ڪم ڪيو. ڳوٺ اُجڙن، شهر مهانگر بڻجن. پيڙ، پردوشڻ، شورغل، اپراڌ گناہ، خطرناڪ بيماريون ۽ مانسڪ تناءَ ڪري مهانگر رهڻ لائق نہ رهن، اُن کان آگاہ ڪيو. هاڻي تہ ڪي ملي پر شخص پرٿوي ڇڏي، اُپگرهن ۾ بستيون اڏي، ڌرتيءَ مٿان راڄ ڪرڻ جا سپنا پيا لهن. اڌوري آزاديءَ جي ڪوچ ۾ انسان پوري طرح غلاميءَ ۾ ڦاسي پيو آهي. اِنسان ذات کي هاڻي نئين راهہ جي تلاش ڪرڻي آهي. ايڪويهن صدي ان لاءِ نئين راهہ جي تلاش جي صدي ٿيندي. گانڌي انڌيري ۾ روشنيءَ جو ترورو رهندو.

مهاتما گانڌيءَ جي سپنن جو ڀارت

٥ آڪٽوبر ١٩٤٥، مهاتما گانڌي، پنڊت جواهرلعل نهروءَ کي لکيو تہ منهنجو وشواس آهي تہ ڀارت ۽ ڀارت جي معرفت دنيا، سچي آزادي حاصل ڪري سگهندا، تہ اُن لاءِ دير مدار اسان کي ڳوٺن ۾ وچي رهڻو پوندو، جهوپڙين ۾ ۽ نہ محلن ۾. ڪروڙين اِنسان شهرن ۽ محلن ۾ آرام ۽ شانتيءَ سان نہ رهي

آهن. جي انٽرنيٽ تي ۱۹۹۹ ۾

htp://www.geocities

com/capitolHill/Lobby19727/

index .htm .website

تي ڪيا ويا. ۲۰ صديءَ جي مهاپرش ڪير آهي. يا ميلينيم جو مها مانو ڪير آهي ؟'' دنيا ڀر جي هر عمر، هر ڌرم، هر ٻوليءَ جي ماڻهن نہ رڳو مهاتما گانڌيءَ جو نالو ورتو پر پنهنجا رايا بہ ان باري ۾ ڏنا. انڪري ڇئبو تہ دنيا جي ماڻهن کي مهاتما گانڌيءَ جي سڪيا بابت ڄاڻ آهي. اهي رايا شري ڊاڪٽر سنيل ايڇ. گناترا گڏ ڪري ڪتابي صورت ۾ ڇپائي، دنيا ڀر جي مکيہ سنستائن ۾ ورهيا آهن. مونکي بہ اهو ڪتاب گانڌي بک سينٽر وارن مهرباني ڪري موڪليو. اهو ڪتاب جنتا جا مهاتما گانڌيءَ بابت ڏنل ويچار سپاويک دنيا ۾ اهنسا جي ڦهلاءَ ۾ مدد ڪندو. (Interncl (Global Survey on

ڊاڪٽر سنيل گناترا

گانڌيجيءَ جي سوراج جو ارٿ

ترقي يافتہ ملڪن جي اِها ئي ڪوشش آهي تہ دنيا هڪ گلوبل ڳوٺ جو روپ وٺي. گلوبل ڳوٺ جي ڪلپنا ترقي ڪندڙ ملڪ ۽ پوئتي پيل ملڪ بہ قبولين ٿا. پر اِهو هڪ گمراهہ ڪندڙ نعرو آهي. هيءَ نعرو آهي وڪست ديشن، ٻهوراشٽريہ ڪمپنين ۽ انتراشٽريہ وشو واپارين جي سنگٺن جو. ان ڪلپنا جو مطلب آهي تہ هڪ اهڙو سرڳ نرماڻ ڪجي، جتي ڪي ٿورا ماڻهو ويهي، باقي ساري دنيا جو ڪاروبار هلائين، پونجيواد جو هيءَ بهشت، غريبي جي مهاساگر جي وچ ۾ ئي نرماڻ ٿيندو.

مهاتما گانڌيءَ ۲۰ صديءَ جي شروعات ۾ گرام سوراج، سپنو ڏنو هو. اِهو سپنو وشو گرام جي سپني کان اُلٽو آهي. هن آتم نربر ڳوٺ جو ذڪر ڪيو هو. آتم نربر، سواولمبن ڳوٺ، خود هڪ پورن اِڪائي، يونٽ

بيان ڪيا. ’گرام سوراج جو مطلب آهي تہ ڳوٺ سمپورن ريپبلڪ آهي پر هڪ ٻئي تي آڌار بہ رکن ٿا. هر ڳوٺ جو فرض ٿيندو تہ پنهنجي گهرج جو اناج ۽ وستر لاءِ ڪپھ پوکين. پنهنجي مال جانورن لاءِ بہ بچائين. ٻارن ۽ وڏن لاءِ راندين جو ميدان بہ قائم رکن. اُنکانپوءِ بہ جي زمين وڌيڪ هجي تہ ڪئش فصل پوکين پر نہ گانجو، تماڪ ۽ آفيم. پاڻيءَ جو پنهنجو بندوبست، صاف پاڻيءَ لاءِ صاف کوهہ ۽ تلاوَ قائم رکن. ڳوٺ جي ناٽڪ شالا، اسڪول ۽ پبلڪ هال ناهين. تعليم ضروري ٿيندي. سڀ ڪاريہ سهڪاري طريقي سان ڪيا وڃن. جاتيواد، ڇوت ڇات، جات پات جو رواج بند ڪيو ويندو. ڳوٺ جي سماج ستياگره ۽ اسهڪار آندولن جو اُپيوگہ وقت بہ وقت ڪري سگهي. ڳوٺ جي رکشا لاءِ نوجوانن جون سيوائون ورتيون وڃن. گرام سڀا يعني ڳوٺ جا سڀ بالغ استري - پرش ملي پنجات جي پئنچن جي هر سال يڪراءِ چونڊ ڪن. پئنچات کي قانون سان، عدالت ۽ عملداري سيوائن جو ڪاريہ ڪرڻو پوندو. ڳوٺ جي هرهڪ رهواسيءَ کي پورن آزادگي رهندي جو هرهڪ منش پنهنجي قسمت جو پاڻ اڏيندڙ آهي. اهنسا هر ڳوٺ واسيءَ جو آدرش رهندي ۽ ڳوٺ جي گرام سرڪار جو آدرش بہ اهنسا رهندي. هنن ۾ دنيا جي سامني ڪرڻ جي ويرتا رهندي. آزادي بلڪل هيٺان کان شروع ٿيڻ گهرجي. هرهڪ ڳوٺ نرپيہ آزاد ريپبمڪ ٿي رهندو. دنيا جي هر حملي جو مقابلو ڪري سگهندو. جڏهن پئنچات راڄ نهندو تہ عام رايو ڳوٺ ۾ اهڙو مضبوط رهندو جو ڪنهن بہ قسم جي هنسا ان کي دٻائي يا بدلائي نہ سگهندي. جيترو ڳوٺ جي پئنچات کي وڌيڪ طاقتون هونديون اوترو ڳوٺ جي رهواسين لاءِ لاڀ ٿيندو. ڳوٺ جي رهواسين جي تعليم مڪمل ڪرڻ سان پئنچات جو ڪاروبار آدرش ۽ نگر سان ملندو. جنتا کي فوجي سکيا جي ضرورت نہ آهي پر اخلاقي ۽ سداچار طاقت جي ضرورت آهي. گرام سوراج جا هيٺيان انگہ رهندا.

١. ڳوٺ جي رهواسين جون بنيادي ضرورتون، سواولمبي درشٽيءَ کان پوريون ڪيون وينديون. سوراج لاءِ سواولمبن مکيہ آڌار آهي. ڳونواسين جو هڪ ٻئي سان پريم، وفاداري، ذميواري ۽ سماج سيوا جي ڀاونا وڌندي. سواولمبي جيون سادگي پسند رهندو. گهرجن وڌائڻ ۽ عيش

سگهندا. ستيہ ۽ اهنسا جو درشن ڳوٺن جي سادگيءَ ۾ ملي سگهندو. ڳوٺن ۾ ئي رام راڄ ٿيندو.

۱۹۲۹ ۾ گانڌيجيءَ لکيو تہ ڪارخانن جي سڀيتا تي اهنسا جو نرماڻ نہ ٿيندو. پر سوا ولمبي ڳوٺن جي سڀيتا ذريعي اهنسڪ سماج جو نرماڻ ٿيندو. ڳوٺن جي آرٿڪ نظام سان انياءُ دور ٿيندو. هنسا جو بنياد انياءُ آهي. اُن طريقي سان بنان ڪنهن سرڪار گورنمينٽ جي سماج نهندي.

سيلف گرنمينٽ، سوراڄ، ننڍن گروهن جي سماج ۾ ئي ڪامياب ٿيندو. گانڌيجيءَ جو ٽالسٽاءَ فارم ۽ فنڪس آشرم، انريت ننڍي سماجڪ گروپ جو آدرش مثال ها.

آدرش سماج جو نرماڻ ڪنهن جي حڪم سان نٿي سگهندو. چين ۾ ڪميون (Commnne) سسٽم انڪري ناڪامياب وئي. پر مهاتما گانڌيءَ جو ويچار تہ ڳوٺ آدرش سماج جو هڪ قدرتي سڀاويڪ ۽ پراچين سميہ کان ماڻهن جو گڏ رهڻ جو گروه آهي. ڳوٺن ۾ سوديشيءَ جي ڀاونا جو بہ ڦهلاءُ آهي. دور دور جي واپار بدران ننڍي دائري ۾ شين جو نرماڻ ۽ اُنجو واپرائڻ، سوديشي ڌرم لاءِ سهوليت آهي. هڪ دفعي گانڌيجيءَ لکيو تہ ڀارت کي ڳوٺن جي جيون جو پراچين سمي کان انڀو آهي. جنڪي ودوانن وليج ريپبلڪس ڪري چيو. ڳوٺن جي هنرن جي پيدائش ۽ پئنچات جو سرشتو ڪارگر آهي. ڀارت ڳوٺن جي ريپبلڪس جو ملڪ آهي. اُن ڪري ٻاهرين سڀيتائن ۽ حڪمرانن جو اُنهن مٿان خاص اثر نہ پيو آهي. ڳوٺ پنهنجي سوديشي سڀيتا قائم رکن ٿا، اُن ڳوٺن جي سڀيتا ۾ گهڻتايون بہ نظر اچن ٿيون، پر اُهي دور ڪري سگهجن ٿيون. آدرش ڳوٺ جي ڪلپنا مهاتما کي هئي.

گانڌيجيءَ چيو تہ شهري سڀيتا، ڳوٺن کي مدد ڪري نہ تہ آزادي ڏهي پوندي، شهر، ڳوٺن جي لوٽ کسوٽ ڪري، انياءُ ڪري وڃن ٿا. اِهو پاپ آهي. اِهو انياءُ ۽ پاپ دنيا ۾ جي مانو سماج لاءِ بدقسمتيءَ جو باعث آهي ۽ انڪري ڪئپيٽلزم ۽ سلطنتشاهيءَ جو، لوڀ جو، هنسا جو گناهہ وڌي ٿو.

گرام سوراج : ۱۹۴۲ ۾ گانڌيجيءَ گرام سوراج جا ڪجهہ تفصيل

اِنساني ڀورهئي کي هلائي مشينون هلائڻ کي مهاتما بلڪل غلط چيو آهي. مشينن جي ڪري طاقت ٿورن شخصن جي هٿن ۾ رهندي ۽ جنتا ڪمزور رهندي. اِنڪري مشينون صرف اُهي ڪم آڻجن جن جي ڪري بيروزگاري نه وڌي. جئن ديشڀڳتيءَ جي ڀاونا کي قبوليو ٿو وڃي تئن مهاتما جو رايو هو ته ڳوٺ لاءِ گرام ڀڳتيءَ جي ڀاونا هئڻ گهرجي. جئن پريوار جا تڪرار پريوار جي اندر نبيريا ويندا آهن. تئن ڳوٺ جا تڪرار به ڳوٺ جي اندر نبيريا وڃن. ڪٽنب جو وڏو جي ٻار کي ڪڏهن ٿڦ به هڻندو آهي ته ڪٽنب جو ڀاتي اُن جو جواب ٿڦ سان نه ڏئي وڏي جي آدار ڀاونا رکي ٿڦ شانتيءَ سان سهي ويندو آهي. ان ريت ڳوٺ ۾ وڏن ۽ هڪٻئي جي آدر ڀاونا قائم رکڻ گهرجي. اُن لاءِ ڳوٺ جا اڳوان سداچاري رهندا.

ڳوٺن کان ٻاهر جو سنگٺن.

١٩٣١ ۾ گانڌيجيءَ ڀارت جي جوڙجڪ (ڪانسٽيٽيوشن) جي روپ ريکا ڏيندي چيو ته ڳوٺن جا چونڊيل عيوضي، مرڪزي ليجسليچر جا ميمبر چونڊيندا. ١٩٤٢ ۾ لُئي فشر سان ڳالهين ڪندي مهاتما چيو ته ڳوٺ ضلع جا عيوضي چونڊيندا. ضلع جا انريت چونڊيل عيوضي وري راجيه اسيمبليءَ جا عيوضي چونڊيندا. اُهي چونڊيل عيوضي مکيه اڌڪاريءَ جي چونڊ ڪندا.

١٩٤٦ ۾ گانڌيجيءَ ڳوٺ جي ڪيتر کان ٻاهر جي سنگٺن جو ذڪر ڪندي سمجهايو ته بي شمار ڳوٺن جو لاڳاپو وشال ۽ ويڪرو ڪيتر سان رهندو. زندگي پرئمڊ جيان چوٽي تي ڪم ڪندڙ بنيادي وشال تري کي خورش نه ڏيندا. پر جيون سامونڊي لهرن جيان ٿيندو جنهنجو مرڪز ٿيندو، انسان، ويڪتي شخص جو ڳوٺن جي ڀلائي لاءِ هردم قرباني ڪرڻ لاءِ تيار رهندو. پورن سرڪل ۾ هڪ يڪسان جيون رهندو، جنهن ۾ هرهڪ شخص ايمان سان چٽاڀيٽي يا مقابلو ڪرڻ جو خيال نه ڪندو. پر هر طرح سيوا ۽ خدمت ڪرڻ لاءِ تتپر رهندو، شاهي مانو سماج جو هو هڪ انگ ٿي سيوا لاءِ پاڻ ارپڻ ڪندو. انڪري وڏو گهيرو، اندرئين ننڍي گهيري کي ڪمزور نه ڪندو پر ننڍن گهيرن (سرڪلس) کي سهيوگ ڏئي اُنهن مان ئي پنهنجي طاقت وڌائيندو.

گانڌيجيءَ شريمن نارائڻ کي هڪ خط ۾، هنجي ڪتاب 'گانڌين

پرستيءَ جي جيون سان دويش ۽ چناپيليءَ جي منورتي وڌي ٿي. ڳوٺ ۾ کهڙا فصل پوکجن، پاڻي ڪٿان ڪم آڻجي ۽ شڪتي (اِنرجيءَ) جا وسيلا ڪٿان ڪم آڻجن. انهن جي اختياري ڳوٺواسين جي هٿ ۾ رهندي.

٣. ناگرڪ سهوليتون، سپيتڪ ۽ تعليمي ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ ناٽڪ شالا، پبلڪ هال اسڪول، راندين جو ميدان پنچائت نرماڻ ڪندي.

۴. هر ڪنهن کي پورن شخصي آزادي رهندي. جات پات اوچ نيچ، هريجن گريجن وغيره فرق نه رهندا. اِسترين کي هر ڪاريه ۾ ڀاڱه وٺڻ جو سمان حق رهندو.

٥. اهنسا ڳوٺواسين جو آدرش رهندو. تڪرار جهڳڙا اهنسڪ ستياگره نيتيءَ سان مٽايا ويندا. شخص ۽ گروه ضرورت انوسار ستياگره ڪري سگهندا.

٦. پنهنجي سرڪشا پاڻ ڪئي ويندي. اهو هڪ مکيه اِسم آهي ڇاڪاڻ جو اڄ تائين شاسن پاران اِهو ڪاريه ڪيو ويندو آهي. جي سلامتي ڳوٺواسي نه رکي سگهندا ته آرٿڪ ويوستا ختم ٿي ويندي. اُن لاءِ الڳه فوج ڪڙي نه ٿيندي پر هرهڪ ڳوٺ واسي اُن ۾ ڀاڱ وٺندو.

٧. پنچائت جا پنج ميمبر هر سال چونڊ شاسن هلائيندا. چونڊون هر سال ٿينديون. ڪي گهٽ ۾ گهٽ لياقتون رکيون وينديون. شرم دان، بدني پورهئي تي ڌيان ڏيڻ گهرجي. لياقتن جو فيصلو ڳوٺ واسي گڏجي ڪندا. پنچائت قانون ساز ۽ عدالتي ۽ عملداري ڪاريه سنڀاليندي. هر ڪنهن کي اُتپادن جو ڪاريه ڪرڻو پوندو ۽ ضرورت وقت ٻئي سيوا ڪاريه ۾ سيني کي ڀاڱه وٺڻو پوندو.

مهتما گانڌيءَ پنچايتن کي پراڻي نموني، مُکيءَ جو پٽ مکي، پشت به پشت وارو سرشتو بدلائي چونڊ جو طريقو اپنايو آهي. ڳوٺ جي پنچائت جي گرام سڀا جي آدمشماريءَ جو تعداد، گانڌيجيءَ جي ويچار ۾ هڪ هزار تائين وڌ ۾ وڌ ٿيڻ گهرجي.

وڏي عزت ملندي ۽ انياءَ ۽ گناه ڪندڙن مٿان ڪنٽرول رهندو. گناه کي بيماري
سمجهي، گنهگار جو مانسڪ آرٿڪ سماجڪ علاج ڪيو ويندو. جيل ٿيندا
اِسپتالون يا علاج گهر. پوليس اهنسڪ درشني واري ٿيندي، جي سيوڪ ٿيندا
۽ نہ حاڪم. انهن کي ڪي هٿيار هوندا تہ اُهي بہ بار بار ڪتب نہ آڻيندا.
پوليس وارا حقيقت ۾ سماج سڌارڪ ٿي رهندا. انڪري مهاتما شانتي سينا
جي نرماڻ لاءِ صلاحون ڏنيون. جوڙجڪي ڪاريہ ڪرتا فسادن جي مهل پنهنجون
جانيون قربان ڪرڻ لاءِ تيار رهندا. اهنسڪ سماج کي ڌارين جي حملي جو
خطرو نہ ٿيڻ گهرجي. جتي سچو پريم آهي ۽ سڀني لاءِ شڀ ڪامنا آهي اُتي
حملي جو اهنسڪ مقابلو بہ پرڀاوَشالي ٿيندو. ڳوٺن جي سنگٺن واري ڀارت
کي، شهرن جي ڀيٽ ۾ ٻاهرين جي حملي جو خطرو گهٽو گهٽ آهي. شهرن
کي ڀل ملٽري، نيوي ۽ هوائي لشڪر هجن پر اهنسڪ ڳوٺن جو بنا هٿيارن
هوندي بہ ڌارين جي حملي کان بچاءَ وڌيڪ سولو ۽ سڦل ٿيندو.

اهنسڪ سماج کي ٻاهرين حملي جو خاص خطرو نہ آهي. پر اهڙي
حالت اچي تہ حملاورن سان اسهڪار ۽ اهنسڪ مقابلو حملاور کي ناڪامياب
ڪندو ۽ منو ڀاونا ۾ بدلائڻ ۾ سڦل ٿيندو. هنسڪ مقابلو وڌيڪ خرچائو ٿيندو.
اهنسڪ مقابلو صرف اهنسڪ سڪيا ذريعي ئي ٿيندو. جنهنجي ڪري ماڻهن
جي آتم ٻل ۽ اِخلاقي حوصلو، بلند رهندو. ساري سماج ۾ اهنسڪ مقابلي لاءِ
پرڀاءُ زوردار ٿيندو. ٧ لکن اهنسڪ ڳوٺن کي هٽلر جهڙو ڊڪٽيٽر بہ ختم نہ
ڪري سگهندو. فوجي، بنا هٿيار خلق کي مارڻ جي بدران اهنسڪ جنتا اڳيان
پنهنجا هٿيار مجبور ٿي ڦٽا ڪندا.

مهاتما جو رايو هو تہ ڀارت جي پراچين سڀيتا، جا ڳوٺن ۾ ڦهليل آهي،
اُن سڀيتا معرفت ئي سماج جي نرماڻ سان دنيا ۾ پورن شانتي ۽ امن قائم
ٿيندو. هئڙو مهان آدرش اڄ ڏکيو يا غير ممڪن يا غير عملي ڪيترن کي
لڳي ٿو. پر دنيا جي موجوده بيمارين ۽ درد کي مٽائڻ لاءِ انڪانسواءِ ٻيو
ڪو علاج آهي ئي ڪونہ. اها حقيقت اڄ دنيا جا مهان ودوان بار بار
قبولي گانڌيجيءَ کي ياد ڪندي شرڌا سان پرڻام ڪن ٿا. يورپ ۽ آمريڪا ۾
اهنسا يونيورسٽين جو نرماڻ ڪيو ويو آهي. گرين گانڌي گروپس هزارن جي

ڪانسٽيٽيوشن آف فري اِنڊيا' (آزاد ڀارت جو گانڌين جوڙجڪ) بابت لکيو تہ مون پنچائتن جي پالڪ ۽ ضلع ليول جي ڪارين جو مٿاڇرو ذڪر ڪيو آهي. اِهي صرف صلاحڪار سمتيون آهن، اُنهن کي قانوني طاقت ڇو ملڻ گهرجي ؟ انهنجو نرماڻ بہ خاص ضروري نہ آهي. جي ٻوٽ جاڳرت ۽ سنگٺت آهن تہ صلاحڪار سمتين جي ضرورت خاص نہ آهي. راجيہ پنچائت، ضلع ۽ بلاڪ پنچائتن ذريعي سڀ ڪم ڪنديون. راشٽر جي مرڪزي سرڪار جو بہ ضرور نہ آهي.

گانڌيجي هڪ ٻوٽ کي پورو وشو مڃي ڇيو تہ سماجڪ، راجنيتڪ، آرٿڪ، سيپتڪ، تعليمي، اخلاقي ۽ مانسڪ ضرورتون ٻوٽواسي پنهنجو پاڻ پوريون ڪندا. مهاتما جي ويچارن کي وڌيڪ صاف ڪندي شري وسنت پلشيڪر لکي ٿو تہ ٻوٽ کان ٻاهرين سرڪل ٿيندي ٻوٽن جو گروپ جنجي آدمشماري ٿيندي پنج-ڇهہ هزار ڪٽنب. ان ٻاهرين سرڪل (گهيري) جي ايراضي ايتري ٿيڻ کپي جئن پنچائت جا ميمبر ان ايراضيءَ جي هڪ ڏينهن جي اندر پد ياترا ڪري نظرداري ڪري سگهن. ماٺهو پنڇڻ جي مٿان پرياوَشالي نظرداري يا ضابطو رکي سگهن ٿا. ٻين سرڪل ندين جي جاگرافيءَ جي ڪيتر جي يا ڏهاڪو گروپ ملي ناهين. گروپ پنچ سهوليت سان روزانو ملي سگهن.


ٻوٽن کي شاسن جو وڌ ۾ وڌ طاقتون ملڻ گهرجن. ٻاهرين سرڪلس يا گروپ پنچائتن کي ٻوٽ جي طاقتون ڏين، اوتروئي انهن کي ڪاريہ ڪرڻو آهي. يعني ٻاهرين سرڪلس کي گهٽ ۾ گهٽ آرٿڪ ۽ راجنيتڪ سٽا حاصل ٿيڻ گهرجي.

هاڻي سوال ٿو اُٿي تہ شهرن جو ڪاروبار گرام شاسن ۾ ڪئن هلندو ؟ پراچين سمي ۾ شهر ٻوٽن جي اڌين ها. شهر ٻوٽن جي اُتپادن جا ايمپوريم ها. اِن ريت شهر ٻوٽن جا سهيوگي مرڪز ٿيندا. ماڻهن کي ٻوٽن ڇڏڻ جي مجبوري نہ ٿيندي ڇو جو ٻوٽ ۾ هرڪنهن کي روزگار ميسر ٿي ملندو. تڪرارن جو نبيرو بہ پنچائتن معرفت اهنسڪ ڍنگ سان ٻوٽ ۾ ٿيندو. انڪري شهرن ۾ جو داداگيري ۽ گناهہ ورتي وڌندڙ آهي. اُهي گهٽجنديون عام جي آواز کي

٢ آڪٽوبر ١٩٩٩

گانڌيجيءَ جي ١٣٠ جنم ڏن جي موقعي تي

راشٽر پتا مهاتما گانڌيءَ جي مهان ويچار، مهان ڪاريه ۽ تپسوي-جيون



گانڌيجيءَ جڏهن لنڊن ۾ وڪالت پڙهڻ ويو تہ اُتي ڪيترن ئي ڪرستانن سان نزديڪ جا سنبنڌ ٿيس. ڪيترن ئي ڪرسچنس چاهيو پئي تہ گانڌي، ڪرستان بڻجي اسانجي ڌرم ۾ اچي تہ وڏو لاڀ ٿيندو. پر مهاتما گانڌيءَ تي ننڍي هوندي جا، ماتا پتا جا سيڪاريل هندو ڌرم بابت پڪا سنسڪار ها ۽ درڍ نشٺا هئي. پر ڪن ڳالهين ۾ نوجوان موهنداس گانڌي ڪجھ منجهندو هو تہ شريمد راجچندر سان لکپڙهہ ذريعي يا روبرو ملي، انهن ڳالهين جي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو هو. شريمد راجچندر، مهاوير جو وڏو ڀڳت ۽ آڌياتمڪتا جو گياني ۽ تپسوي هو. هنجي ڳالهين مان گانڌيجيءَ کي سنتوش ملندو هو.

گانڌيجيءَ جو ايشور جي پرارٿنا ۾ گهڻو وشواس هو. گانڌيجي لکي ٿو تہ ’سچي پرارٿنائن جو سار اِهوئي آهي تہ اسان پنهنجي دل ۾ ايشور کي وسايون. هر ساهہ سان گڏ رام-نام نکري، اهڙي حالت کي پهچڻ پرارٿنا جو آدرش آهي. شخصي پرارٿنا سان ئي ساموهڪ پرارٿنا جو رواج شروع ٿيو. جي ماڻهوءَ کي ئي ساموهڪ پرارٿنا، گڏيل پرارٿنا جي پياس نہ هوندي تہ اها سموهہ، سماج کي ڪٿان محسوس ٿيندي؟ ساموهڪ، گڏيل پرارٿنا جو لاڀ

تعداد ۾ جدا جدا ملڪن ڪم ڪن ٿيون. ائٽم بم جي آزمائش خلاف جي مظاهر ڪيا ٿا وڃن، تن ۾ هزارين لکين نوجوان ڀاڱہ وٺن ٿا. آرگئنڪ فوڊ، قدرتي کاڌي جو رواج نهايت گهڻو وڌي رهيو آهي. ڪيميڪل ڀاڻ، غير موسمي ميوا ڀاڄين جو بهشڪار ڪري موسومي قدرتي آرگئنڪ (جيوڪ) ڀاڻ ذريعي پوکيل کاڌي جو مان ۽ گهر وڌندڙ آهي. اسواد ورت جنهن لاءِ مهاتما گهڻو لکيو، ودوانن ۾ وڌي رهيو آهي. هاڻي تہ جرمني، اِٽلي، سپين، آسٽريليا، فرانس ۽ سئٽزرلئنڊ ۽ ٻين ديشن ۾ سوديشي پيدائش، مڪاني اُتپادن قدرتي وسيلن سان، مهاتما جي سکيا انوسار، ناهيل شين جي پرچار لاءِ زور شور سان آندولن هلي رهيو اهي. ڀارت کي انهن ديشن جي معرفت ئي شايد، مهاتما گانڌيءَ جي آدرشن جي وڏيڪ پرڀاوَ شالي ڄاڻ ملندي. سنڌي سماج جا نوجوان جي اڄ وشو ڀر ۾ ڦهليل آهن. اُميد تہ اِنهن حقيقتن جو اڀياس وڌيڪ گهرائي سان ڪندا ۽ اهنسا جو پرڪاش ڦهلائيندا.

مهاراشٽرا جي گورنر سي الينگزينڊر سان راڄ ڀون ۾ ڪيترائي دفعا ملاقاتون ٿيون آهن. هو وڏو ودوان شخص آهي. هميشهہ ڌهرائيندو رهندو آهي تہ جئن ڪرائيسٽ کي ٻي سمجھہ ماڻهن قتل ڪندي نہ پئي سمجهيو تہ هو ڇا ڪري رهيا آهن، تئن گانڌيجيءَ جي بہ ساڳي حالت رهي. صدين بعد ڪرائيسٽ جي مهانتا کي لوڪن سمجهو ۽ مڃيو. ان ريت مهاتما گانڌيءَ جي مهان آدرشن کي لوڪ صدين بعد سمجهندا ۽ عمل ڪندا. مان سمجهان ٿو تہ صدين تائين ترسڻ نہ گهرجي. هاڻي ئي جلد بہ جلد اسانکي مهاتما جي اُصولن جي پيروي ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. ڪرائيسٽ جي زماني کان اڄ جو زمانو وڌيڪ وگيانڪ آهي اُن ڪري شُڌيءَ سان اهنسا جو رستو اپنائي سنسار کي مشڪلاتن کان، دکن کان آجو ڪرڻ لاءِ، مکت ڪرڻ لاءِ جيون جو، پراڻن جو پورو زور لڳائي، ڪوشش ڪرڻ گهرجي. ايشور شل اسانکي سمت ڏئي !

●●●●●

كنجوسي دان سي جيتو، ستيہ سي جوٺ واد کو،
وير سي نہ کداپ پي - منتي وير هئڻ کهين
مئتري هي سي منّي وير - يهي ڌرم سناتن.

(۵) مسلم پرارٿنا

دياوان کو کرون پرڻام، کرپاوان کو کرون پرڻام،
وشو سکل کا مالک تُو، انتم دن کا چالک تُو،
تيري يکتي کرون سدا، تيري پوجا کرون سدا،
دکا همين تُو سيڌي راهہ، تيري جن پر رحم نگاهہ،
ائسون کو جو سيڌي راهہ، دکا همين وهہ سيڌي راهہ،
جن پر کرتا هئڻ تُو کروڌ پرمت هئي، يا هئڻ گمراهہ،
اُن کي پٿ کا لون نهين نام، دياوان کو کرون پرڻام.

(٦) عيسائي پرارٿنا

شانتي کا واديہ بنا تؤ مجهي،
پريو شانتي کاواديہ بناتُو مجهي
هو ترسکار جهان، کرون سنيهہ
هو حملا تو کميا کرون مئن - شانتي کا ...
هو جهان پيد، آپيد کرون،
هو جهان پوُل، مئن ستيہ کرون شانتي کا
هو سنيهہ جهان وشواس،
گهور نراشا وهان کرون آشا، شانتي کا ....
هو انڌيار وهان پي پرکاش،
هو جهان دکہ اُسي کرون هاس شانتي کا .....

آشرم ۾ هيٺيان ايکادش ورت پالن کرڻ لاءِ روازانہ سنکلپ دهرايو ويندو هو. ’اهنسا - ستيہ - استيہ - برهمچريہ - اَسنگرهہ - شرير شرم - آسوُاد

ماڻهوءَ جي ڀلائيءَ لاءِ آهي. آتم -درشن ۽ آتم - شڌيءَ لاءِ هرهڪ شخص کي گڏيل پرارٿنا مان مدد ملي ٿي.'

ڀارت ۾، دنيا ۾ ڀن ڀن ڌرم ۽ مذهب آهن. پر اِنساني سماج هڪ آهي. سڀ اِنسان ملي، گڏيل پرارٿنا ڪن. جئن سرو ڌرم سمانتوَ جي ڀاونا وڌي. اُن لاءِ گانڌيجيءَ جي آشرم ۾ سڀني ڌرمن جون پرارٿنائون ڳايون وينديون هيون. جي هيٺ ڏجن ٿيون، جئن ڌارمڪ دويش يا نفاق دور ٿئي ۽ مانو ايڪتا پريم وڌي. ويدڪ پرارٿنا :

'لي جا استيہ سي ستيہ کي پرت.
لي جا تمس سي جيوتي کي پرت،
مرتيو سي لي جا امرت کي پرت.'

'چلين ساٿ اور بولين ساٿ، دل سي هل مل جئين ساٿ.
اڇي ڪرم ڪرين هم ساٿ، بيٺ کي ساٿ ڀڄين هم ناٿ.
هون سنڪلپ سمان سمان - هون جن - جن کي هرديہ سمان،
سبکي من مين ڀاوَ سمان - نشچيہ سم هون ڪاريہ سمان.'

(٢) تائو پرارٿنا

'سد وهنوار ڪرين جو مجهسي اُن سي سد وهنوار ڪرون،
در وهنوار ڪرين اُن سي ڀي مئن تو سد وهنوار ڪرون،
دُر جن ڪو سجن ڪرني ڪا سداچار اُپچار هئہ،
دويش ڪروڌ ڪو پگهلاني ڪا سهي طريقا پيار هئہ.'

(٣) جين پرارٿنا

ڪميا مئن چاهتا سب سي، مئن ڀي سب ڪو ڪرون ڪميا،
مئتري ميري سڀي سي هو، ڪسي سي وير هو نهين.'

(٤) ٻوڌ پرارٿنا

'جيتو اڪروڌ سي ڪروڌ، ساڌتوُ سي اساڌو ڪو

دکہ وڏائيندڙ ڇناپيٽيون نہ هيون. هرڪو پنهنجي ڌنڌي ۾ روزگار ۾ خوش هو ۽ مناسب اگهہ يا مزدوري گهرندو هو. ائين نہ آهي تہ اسان کي اها ڄاڻ نہ هئي تہ مشينري ڪئن ٺاهجي ؟ پر اسان جي وڏن کي اِها ڄاڻ هئي تہ جي اسان اهڙين لوڀ واسنائن ۾ پونداسين تہ اسين غلام ٿي، پنهنجو سداچار وڃائي ڇڏينداسين. انڪري، پوري سوچ ويچار بعد هو اُن راءِ تي پهتا تہ اسان صرف اهوئي ڪريون جو اسان پنهنجي هٿن ۽ پيرن ذريعي ڪري سگهون. هنن اِهو ڏٺو تہ اسان جي خوشي ۽ صحت ان ۾ سمايل آهي تہ پنهنجا هٿ ۽ پير برابر نموني ڪتب آڻيون.

(هند سوراج)

گانڌيجيءَ وڏيڪ لکيو تہ ڀارت راڄنيتڪ آزادي حاصل ڪئي آهي. ڀارت کي اڃان سماجڪ، نيتڪ ۽ آرٿڪ آزادي، پنهنجي ستن لکن ڳوٺن ۾، شهرن کان نرالي طور حاصل ڪرڻي آهي.

گانڌيجيءَ پنهنجي آخرين وصيت نامي ۾ ٢٩ جنوري ١٩٤٨ ۾ لکيو تہ ديش جو ورهاڱو ٿيڻ بعد بہ، ڀارتيہ راشٽريہ ڪانگريس ذريعي موجوده ساڌنن معرفت هندستان کي آزادي ملي وڃڻ، سبب موجوده سوروپ واري ڪانگريس جو ڪم هاڻي ختم ٿيو. يعني پرچار جا وسيلا ۽ اسيمبلي پارليامينٽ جي پرورتي هلائڻ جي ناتي اُن جي ضرورت هاڻي پوري ٿي. شهرن ۽ نگرن کان ڀن هندستان جي ستن لکن ڳوٺن جي خيال کان هندستان جي سماجڪ، نيتڪ، ۽ آرٿڪ آزادي حاصل ڪرڻ اڃان باقي رهيل آهي. لوڪشاهي مقصد ڏانهن هندستان جي واڌاري جي وچ ۾ سينڪ ستا مٿان ناگرڪ ستا کي پرڌانتا ملڻ جي لڙائي اٽل آهي. ڪانگريس کي اسان کي راڄنيتڪ پارٽين ۽ فرقيوار پارٽين سنستائن سان گندي چٽاڀيٽي ڪرڻ کان بچائڻ گهرجي. ان ۽ اهڙن ٻين سببن جي ڪري اکل ڀارت ڪانگريس هيٺ ڏنل نيمن انوسار پنهنجي موجوده سنستا کي ٽوڙي ۽ لوڪ سيوڪ سنگهہ جي روپ ۾ ظاهر ڪرڻ جو فيصلو ڪري. ضرورت موجب انهن نيمن ۾ ڦيرڦار ڪرڻ جو حق ان سنگهہ کي رهندو.

ڳوٺ وارن يا ڳوٺ وارن جهڙي منورتيءَ وارن جي پنجن چوند پرشن يا اِسترين جي هرهڪ پنچائت جي اڪائي ٿيندي.

- سروتر پيہ ورجن، سروڌرم سمانتو - سوديشي - سپرش ڀاونا. وِنمر ورت نشنا سي ٻي ايڪادش سيويہ هئن.''

گانڌيجيءَ جو ورت سنڪلپ جي درڍتا تي نهايت گهڻو زور هوندو هو. چي : 'ايشور پاڻ نشچيہ جي، ورت جي سمپورڻ مورتي آهي. هنجي نيمن ۾ هڪ اڻو بہ هيڏانهن هوڏانهن ٿڙڪي تہ هو ايشور رهي نہ سگهندو. سڄ مهاورت ڌاري آهي. هن سان سنسار جو ڪال نرماڻ (وقت مقرر ٿئي ٿو، شڌ پنچانگن جي رچنا ٿئي ٿي. هن پنهنجي اهڙي ساک سڌ ڪئي آهي. هو سدائين اُپرندو رهيو آهي، سدائين اُپرندو رهندو ۽ انڪري هميشهہ پاڻکي اسين محفوظ سمجهون ٿا. واپار فقط هڪ پڪي وچن تي هلي ٿو. واپاري هڪ ٻئي سان واعدن سان ٻڌل نہ هجن تہ واپار هلي ئي نہ. انريت ورت سروَ وياپڪ چيز آهي. تہ پوءِ جڏهن اسان جي پنهنجي جيون جي وهنوار جو سوال اُٿي ٿو، ايشور درشن جو سوال ٿو، اُتي ورت ڪانسواءِ ڪم ڪئن هلندو ؟ انڪري ورت جي ضرورت جي باري ۾ اسان جي من ۾ ڪڏهن بہ شنڪا اُٿڻ نہ گهرجي.'

ڀارت جي اوچ سنسڪرتيءَ ۾، گانڌيجيءَ جو اٽوٽ وشواس هو. گانڌيجي سچي سيبتا بابت لکي ٿو تہ 'سيبتا، وهنوار جو اُهو طريقو آهي جو اِنسان کي پنهنجي فرض جي راه ڏانهن اِشارو ڪري ٿو فرض جو پالڻ ۽ نيتڪتا وهنوار معني پنهنجي من ۽ ترشنائن مٿان ضابطو، ائين ڪرڻ شان اسان پاڻ سڃاڻي سگهنداسين. جي هيءُ ذڪر برابر آهي تہ ڀارت کي ٻئي ڪنهن کان بہ سکڻ جي ضرورت نہ آهي. اسان ڏسون پيا تہ من چلولو ٻي آرام پکي آهي، اُن کي جيترو وڌيک ملي ٿو، اوترو وڌيک، هنکي اجان وڌيک کپي ۽ پوءِ بہ اُن کي سنتوش حاصل نہ ٿو ٿئي. پنهنجن واسنائن، ترشنائن کي وڌيک چوٽ ڏينداسين، اوترو وڌيک اُهي بي لغام ٿين ٿيون. اسان جي بزرگن انڪري واسنائن کي حد ۾ رکڻ لاءِ چيو. هنن ڏٺو تہ خوشي من جي هڪ حالت آهي. ماڻهو امير آهي شاهوڪار آهي ان ڪري خوش آهي، يا غريب آهي انڪري دکي آهي، ائين هرويرو نہ آهي.

شاهوڪار گهڻو ڪري دکي نظر ايندا آهن ۽ غريب سکي. اهو سڀ ڏسي اسان جي وڏن، اسان کي عيش عشرت وڌائڻ کان روڪيو. اِنسان جي جيون ۾

(۵) چمپارن - سال ۱۹۱۷ - يورپين زميندارن خلاف نيل جي ڪسانن جي رڪشا لاءِ

(٦) احمدآباد - سال ۱۹۱۸ - مل مزدورن جي سهائتا لاءِ مل مالڪن جي خلاف

(۷) کيڙا - سال ۱۹۱۸ - ڏڪر سبب سرڪاري محصول پرڻ کان هارين کي بچائڻ لاءِ

(۸) ڀارت سال ۱۹۱۹ - پهريون عام ستياگرهه رولٽ ائڪٽ خلاف

(۹) ڀارت - سال ۱۹۲۰ - اهنسڪ اسهڪار آندولن - سرڪاري ڪاليجن جو بهشڪار

(۱۰) وائڪوم - سال ۱۹۲۴ - هريجنن کي رستن تي هلڻ جي آزاديءَ لاءِ

(۱۱) بورسد - سال ۲۳-۱۹۲۴ - زمينن مٿان جي واجبي محصول وڌائڻ خلاف

(۱۲) ڊانڊيءَ ڀارت - مارچ ۱۲، ۱۹۳۰ لوڻ جو ستياگرهه

(۱۳) ڀارت - ڊسمبر ۲۱، سال ۱۹۳۱ - بهشڪار ۽ پڪيٽنگ سرڪار خلاف سول نافرماني

(۱۴) راجڪوٽ - ۱۹۳۹ - برٽش ريزيڊنٽ راجڪوٽ ۾ رهندڙ، حاڪم خلاف جنتا جي آزاديءَ ۾ رنڊڪون وجهڻ سبب

(۱۵) ڀارت - آڪٽوبر ۱۹۴۰ - ٻين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ ڀارت کي زوريءَ گهلڻ سبب انگريزن خلاف شخصي ستياگرهه.

(۱٦) ڀارت - ۹ آگسٽ ۱۹۴۲ - 'ڀارت ڇوڙو' 'ڪئٽ انڊيا آندولن'

گانڌيجي نه صرف مهان تپسوي هو هو پر ڪروڻا، ديا جي مورتي هو. گانڌيجيءَ دريدر نارائڻ جي خدمت لاءِ رچناتمڪ ڪاريه جا ۱۴ پروگرام ديش کي ڏنا. سندس پريه گيت به هو

'وئشنوَ جن تو تيني ڪهيئي. جو پيڙ پرائي جاڻي ري'

ڪم ڪندڙن کي صلاح ڏيندي باپوءَ لکيو ته 'مان اوهان کي هڪ تعويذ ٿو ڏيان. جڏهن به اوهان مونجهاريءَ ۾ اچو، ها يا نه ۾ پنهنجي سوارٿ زوردار نظر ايندو هجي ته هيٺيون نسخو آزمائي ڏسندا. پنهنجي من جي اکين جي سامهون ڪنهن اهڙي هڪ غريب ۽ اسهايه ماڻهوءَ جو چهرو آڻيو، جنهنکي اوهان سڃاڻيندا هجو. پوءِ پاڻکان پڇو ته ڇا اوهان جو ڪاريه اُن کي ڪنهن

پسگردائي وارن اهڙين ٻن ٻن پنچائتن جي، اُنهن مان چونڊيل نيتا جي رهنمائيءَ ۾، ڪم ڪرڻ جو هڪ دل نهندو.

جڏهن اهڙيو سؤ (١٠٠) پنچائتون ٿهي وڃن، تڏهن پهرين درجي جا پنجاه اڳوان پاڻ ۾ ٻئين درجي جو هڪ نيتا چونڊين ۽ انريت پهرين درجي جو نيتا ٻئين درجي جي نيتا جي ماتحت ڪم ڪري. ٻن سؤن پنچائتن جا اهڙا جوڙ قائم ڪرڻ تيستائين چالو رکيا وڃن، جيستائين اُهي پوري هندستان کي والارين، پوءِ قائم ڪيل پنچائتن جو هرهڪ سموهہ پهرين جيان ٻئين درجي جا نيتا چونڊين. ٻئين درجي جا نيتا ساري هندستان جي لاءِ گڏيل ڍنگ سان ڪم ڪن ۽ پنهنجي پنهنجي پرديش ۾ الڳ الڳ ڪم ڪن. جڏهن ضرورت محسوس ٿئي تڏهن ٻئين درجي جا اڳوان پاڻ ۾ هڪ مکي چونڊين ۽ اُهو مکي، جيستائين چونڊيندڙ چاهين تيستائين سڀني سموهن کي ويوسٿت (برابر ٺاهي) اُنهن جي رهنمائي ڪري.

گانڌيجي گهڻو عمر تپسوي جيون گذاريو. هن اندر چاهي ٻاهر تپ ڪري، ڀارت جي آزاديءَ جهڙو مهان ڪاريہ سڦل بڻايو. دنيا ۾ هڪ نئون اِتهاس بڻائي، اهنسا ذريعي ستياگره معرفت ڀارت کي سوراج وٺي ڏنو. ڪويءَ ٺيڪ لکيو آهي.

’دي دي همين آزادي - بنا کڙگہ بنا ڍال‘
سابرمتي کي سنت تو ني کر ديا ڪمال !‘

مهاتما گانڌيءَ جي ستياگرهہ ڪيا سي هيٺ ڏجن ٿا،

(١) جوهانسبرگہ (سائوٿ آفريڪا) سال ١٩٠٦ - ايشيائڪ رجسٽريشن بل خلاف

(٢) .... ١٩٠٨ - پبلڪ ميٽنگہ ۾ ٻہ هزار سرڪاري سرٽيفڪيٽ جلائي

(٣) ٽرانسوال (سائوٿ آفريڪا) سال ١٩١٣ - نيوڪئسل کان ٽرانسوال تائين ياترا ٣ پائونڊ ٽئڪس خلاف

(٤) ويرمگام - سال ١٩١٣ - ٿرڊ ڪلاس، ريلوي مسافرن جي مشڪلاتن دور ڪرڻ لاءِ

عرب ملڪن ۾ مهاتما گانڌيءَ لاءِ صدق ۽ سنيهه

ڀارت سرڪار جي پرڏيهي وزارت کي تازو دمشق سيريا عرب ملڪ مان هڪ رجسٽر آيو آهي. اُن رجسٽر ۾ عربي ٻوليءَ ۾ اُتان جي ماڻهن، مهاتما گانڌيءَ جي شهادت جي پنجاهين ورسي جي موقعي تي، ڀارت جي ايلچيخاني ۾ رکيل رجسٽر ۾ جي رمارڪ لکيا آهن سي هيٺ ڏجن ٿا. جن مان ظاهر آهي تہ عربن ۾ مهاتما گانڌيءَ لاءِ ڪيترو نہ صدق ۽ سنيهہ آهي! دمشق هاءِ اِسڪول جي ماستر مسٽر خديجا همادا، فون نمبر ٢٧٧١٠٩٢ لکيو آهي تہ 'هندستان کي مهاتما گانڌيءَ تي فخر وٺڻ جو حق آهي. سچي دنيا کي هن مهان اڳوان تي ناز آهي. مهاتما گانڌيءَ ٻنهي مخالف ڌرين، راڄ ڪندڙن ۽ رعيت جن مٿان راڄ ڪيو ٿو وڃي، ظالم ۽ اُن جي سامهون بغاوت ڪندڙ مظلوم کي سبق سيکاريو آهي. سچي ڪوشش، قرباني، سهنشيلتا، جدوجهد، سياڻپ ۽ مانوتا جو هو آدرش آهي. اَسان کي هنجي پوئلڳي ڪرڻ گهرجي. اهڙي اڳوان جي اڄ ڪيتري نہ سخت ضرورت آهي، ساري اِنسان ذات کي!'

جارج جابر لکي ٿو تہ 'مهاتما گانڌيءَ جي پنجاهين ورسيءَ جي موقعي تي مان دل جي گهراين مان پنهنجي ڀاونائن جو گرم جوشيءَ سان ڀارت جي پياري جنتا ۽ دمشق جي ڀارتي ايلچي ۽ ايلچيخاني جي ملازمن ڪاروبارين لاءِ، پنهنجي پيار ۽ همدرديءَ جو اِظهار ٿو ڪريان. مهاتما گانڌيءَ ساري اِنسان ذات لاءِ مکيہ اِنساني ڀاونا، اِنساني آڌڪارن جي رکيا جي رهنمائي ڪئي. ڪجهہ هفتا اڳہ اخبارن ۾ ظاهر ٿيو تہ اڌ صدي

ڪم ۾ ايندو ؟ ڇا هنڪي ڪجهه فائدو ٿيندو ؟ ڇا هنڪي پنهنجو جيون ۽ آئينده ناهڻ ۾، اوهانجي ڪم مان ڪجهه مدد ملندي ؟ ٻين معني ۾ ڇا اوهان جي ڪم مان اسان جي ديش جي لکن ڪروڙن بکين، ننگن ماڻهن کي سوراجيه جي راه ملندي ؟' بس ايترو سوچيندين ئي اوهان جي پوري مونجهه دور ٿي ويندي ۽ سوارٿ ميڻ جيان رجي وهي ويندو.'

هئڙي پارت جي راشٽر پتا - لاءِ ڪويءَ برابر لکيو 'پارت ڪا سرتاج همارا ايڪ لنگوٽي والا هئه !'

مهاتما جو رايو هو ته پارت جي پراچين سڀيتا جا ڳوڻن ۾ ڦهليل آهي، اُن سڀيتا معرفت ئي دنيا ۾ پورن شانتي قائم ٿيندي. ڪيترن کي اڄ هيءَ مهان آدرش نه رڳو ڏکيو پر غير عملي پيو ڀاسي. پر دنيا جي موجوده اڻاه دکن کي دور ڪرڻ لاءِ، اُنڪانسواءِ ٻيو ڪو علاج ڪونهي. اها حقيقت اڄ يورپ، آمريڪا ۽ دنيا جي ٻين ملڪن جا ودوان ۽ عام جنتا قبولي گانڌيجيءَ اڳيان شرڌا سان پرڻام ڪن ٿا.

تازو آمريڪا ۾ ووٽ ورتا ويا ته 'دنيا ۾ ويهن صديءَ جو وڏو ۾ وڏو ماڻهو - مهاپرش ڪير هو ؟' نهايت وڏي گهڻائيءَ سان مهاتما گانڌيءَ کي ويهين صديءَ جو وڏو ۾ وڏو مهاپرش ڪري چونڊيو ويو. گانڌيجيءَ کي هڪ هزار ووٽرن مان اٺن سوَن کان وڌيڪ ووٽرن دنيا جو وڏي ۾ وڏو مهاپرش ڪري چونڊيو.

پارت لاءِ ڪهڙي نه وڏي فخر جي ڳالهه آهي !

ڪوي دڪايل برابر لکيو :

'مون ته گانڌي تنهنجو ناءُ تارن ستارن کان ٻڌو !'

●●●●●

ويهين صديءَ جي مهان ناري راشٽر ماتا ڪستوربا !

ويهين صديءَ جي مهان ناري راشٽر ماتا ڪستوربا جي پنجونجاهين پنيہ تٿي سومر ٢٢ فيبروري ١٩٩٩ ڏينهن ڀارت ۾ شرڌا سان ملهائي ويندي. پوجيہ ماتا ڪستوربا پنهنجو سارو جيون سيوا، تياڳ، تپسيا ۾ مانو سماج جي وڪاس لاءِ ارپڻ ڪيو. سڦل بڻايو. هوءَ ڀارت جي مهان آدرش ناري هئي. راشٽر پتا مهاتما گانڌيءَ سان گڏ هن دکن آفريڪا ۾ ڀارتواسين جي مانو اڌڪارن لاءِ، ستياگره ڪندي، جيل ڀوڳيو. هنجي اڳواڻي هيٺ هزارين ڀينرن، پردو ڦٽي ڪري گهڻي همٿ سان، دکن آفريڪا سرڪار جي سامهون اهنسڪ لڙائيءَ ۾ ڀهرو ورتو ۽ ڪاميابي پاتي. ڀارت جي آزاديءَ جي آندولن ۾ راشٽر ماتا ڪستوربا مهان ڪاريہ ڪيو. باربار ستياگره ۾ ڀاڱہ وٺي انگريز شاسن خلاف جيل ياترائون ڪيون. ۽ آخر ١٩٤٢ جي انگريز 'ڀارت ڇوڙو' 'ڪرو يا مرو' سوتنترات سنگرام ۾ تيز ڀهرو وٺي، انگريز جي بنديخاني، آغاخان محل ۾ مهاشوراتريءَ جي منگل پرپ ڏينهن ٢٢ فيبروري ١٩٤٤ تي پنهنجو آخرين ساهہ ڇڏيندي مهان بليدان ڏئي شهيد ٿي.

ماتا ڪستوربا جو سڀاءُ نهايت نمرتا وارو ۽ پريم ميہ هو. مهاتما گانڌيءَ لکيو تہ 'جي ماڻهو منهنجي ۽ ڪستوربا جي ويجهو سمپرڪ ۾ آيا اُنهن ۾ گهڻن ماڻهن جو تعداد، مونکان وڌيڪ ڪستوربا تي شرڌا رکندا آهن.'

سري پرڀوداس گانڌيءَ لکيو تہ 'ڪستوربا جي اٿاهہ ڪروڻا ۾ مهان اگني سمايل هئي. مها سمندر جي سيتل جل جي اندر مهان، اگني ستل

اڳي مهاتما گانڌيءَ کي شانتيءَ لاءِ نوبيل پرسڪار کان وانجيو ويو. اَڄ جي ڏينهن اُنهن پرسڪار اڌڪارين کي رد قد ڏيڻ جو موقعو آهي، جو هو پنهنجي فرض پالڻ کان ڳتا. موتمار هٿيارن جي کوجنا ڪندڙ کي شانتي پرسڪار ڏيڻ کان وڌيڪ ڪار ائتو آهي ته شانتي پرسڪار مهاتما گانڌيءَ جي نالي ۾ ڏنو وڃي.

مان اُميد ٿو رکان ته اِنسان ذات پنهنجي ڀلائي ۽ خوشحاليءَ لاءِ ايترو فرق ضرور رکندي.'

ڊاڪٽر غازي عبدل غفور، دمسقس فون ٢١٢٤٦٦٨ لکي ٿو ته 'اِهو اهڙو سولو نه آهي جو برابر ٺڙ لفظن ۾ لکان ته هن دکدائڪ ورسيءَ ڏينهن، نه صرف ڀارت پر سڄيءَ دنيا مهاتما وڃايو. مان ڀارت واسين سان، جي اَسانجا ۽ ايشيا جي عوام جا دوست آهن، اڄ ڀارت جي راشٽر پتا ۽ مهان نيتا جي شهادت جي ورسيءَ ڏينهن دک ۾ شامل آهيان.'

اِنجنيئر فاهما ملس لکي ٿو ته 'مهان مهاتما جي آتما ڏانهن، جو اِنسان ذات لاءِ هنسا ۽ فرقيپرستيءَ جو شڪار ٿيو ۽ شهيد ٿيو.

او گانڌي، ساري اِنسان ذات جو پاءُ، اڄ وري اوتار وٺي اچه ۽ چوگرد اچي ڏس ته دنيا کي اچه تنهنجي سخت ضرورت آهي ۽ ضرورت آهي تنهنجي اعليٰ سکيائن جي. تون پوري اِنسان ذات جو شڪشڪ هئين، نه صرف ڀارت جي مهان جنتا جو. او گانڌي، اڄ اَسان وٽ وري اچ، اسان سڀني کي تنهنجي ڏاڍي ضرورت اهي ۽ تو جهڙن اڳوانن جي ضرورت آهي جي ڌن دولت، ناماچار، طاقت يا نشان جي پنيان نه ڀڄا هر ڪجن.

او گانڌي، پنهنجي پوتر گنگا کان ٻاهر اچ ۽ اِنسان ذات کي هرروز جي دراچار ۽ انياءُ کان اچي بچاءِ. واپس اچ ۽ هنسا ۽ دٻاءَ کان اچي ساري دنيا جي رکيا ڪر. وري اچ ۽ ڌرتيءَ جي ڪمزورن جي اچي سهائتا ڪر، جن جو تعداد وڏيو آهي. پر هنن جي طاقت گهٽي آهي!

('سنسڪا ڪل' انگريزيءَ جي آڌار تان)

●●●●●

پيڻ مل جي ڪپڙي ۾ ڇانٽي رهي آهي. ٻا هڪدم پيڻ کي سمجهائيندي چيو تہ اسان سوديشيءَ جو ورت رکيو آهي. مل جي ڪپڙي ۾ ڇاٽيل ڪير پيئڻ پاپ ٿيندو ۽ پاڻ کاڌيءَ جي ڪپڙي ۾ ڪير ڇاٽي گانڌيجيءَ کي پيئڻ لاءِ ڏنو.

گانڌيجيءَ چيو تہ ڪستورٻا پرتگيا جو سوڪشم ارٿ برابر سمجهيو آهي.

بهار جي چمپارن ۾ نيل ستياگره جي وقت ٻا، ٻاپوءَ ڀارتواسين جي دريدرتا جو پهريون دفعو درشن ڪيو. هنن ڏٺو تہ ڀينر گهر کان اڪثر ٻاهر نہ ٿيون نڪرن. گهرائيءَ سان جاچيندي هنن ڏٺو تہ گهر ۾ چار ڀينر آهن، تہ بہ پهرڻ لاءِ ڪين صرف هڪ ئي ساڙهي ميسر آهي. اهڙي دردناڪ حالت ڏسي گانڌيجيءَ دريدرتا مٽائڻ لاءِ چرخي تي سٽ ڪتائي ڪري، هٿ جي اڏاڻي تي کاڌي ڪپڙو تيار ڪرڻ جو آندولن هلايو. اڄ بہ ڀارت ۾ چاليهہ سيڪڙو آدم غريبيءَ جي ريکا هيٺ جي رهيو آهي. کاڌي گرام اُديوگہ جي ذريعي ئي هنن کي روزگار جو وسيلو ميسر ٿي سگهي ٿو. اسان کي ڪوشش ڪرڻ گهرجي تہ جئن کاڌي گرام اُديوگہ وڌن. ٻارن کي بہ اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ کاڌي يونيفارمس ڏيڻ سان ڀارت جي غريبي دور ٿيڻ ۾ هٿي ملندي. روزگار جي ڪميءَ جي ڪري، ڳوٺ ٽٽن ٿا، شهر وڌن ٿا. شهرن ۾ ڀارت جي سڀيتا جو وناش ٿئي ٿو. بکہ، بيروزگاري، هنسا، آتنڪواد، دکہ ۽ بداخلاقي وڌي ٿي. هاڻي تہ پاڻ سرڪار ڀوراشٽر ڪمپنين جي چنبي ۾ ڦاسي، مڪاني روزگار جا وسيلا ختم ڪري، اسماجڪ تتو وڌائي رهي آهي. اسان کي خبردار ٿيڻ گهرجي، سوراج لاءِ سوديشي ۽ سواولمبن جي ڀاونا وڌائڻ گهرجي.

هريجن سيوا

مهاتما گانڌيءَ هندو ڌرم مٿان، ڇوت ڇات، سورڻ ۽ اورڻ (دلت) جو ڪارو داغ مٽائڻ لاءِ، سماج جو ڌيان ڇڪائڻ لاءِ زوردار آندولن هلايو.

گانڌيجيءَ پنهنجي آشرم ۾ هڪ چمار هريجن پريوار کي سمان ڀاوَ سان گڏ رکيو. ان پريوار جي ننڍي ٻالڪا، لڪشميءَ کي ڪستورٻا پنهنجي

آهي اُن پراڻڪ ڪٿا تي اوهان جو وشواس هجي يا نه، پر مانو جاتيءَ جي دکن ۾ امنگل بنياد کان ختم ڪرڻ جي شڪتي، ڪروڻا جي مهاساگر ۾ آهي. ان سچائيءَ کي ٻا ۾ ٻاپوءَ پرڪٽ ڪيو.'

ڊاڪٽر جي رامچندرن لکيو ته 'ڀارت ۾ وشو جي اتهاس تي ٻاپوءَ جي قدمن جا نشان ڇڏيل آهن. پر انهن نشانن جي گهرائيءَ ۾ 'ٻاجي' مورتي سمايل آهي. ٻاپو ۾ ٻا ٻئي هڪ هئا. ٻئي هڪ ٻئي جي طاقت هئا. هڪ ٻئي جا پورڪ هئا. هڪ ٻئي کان سواءِ پنهنجي آدرش آروهڻ، بلنديءَ تي ايترو اونچو چڙهي نه سگهن ها، ان ڪري هننجي تيجسوي وراست ڀارت ۾ دنيا کي ملي آهي.'

قوه جوانيءَ ۾ ٻاپوءَ برهمچريه جو ورت گرهڻ ڪيو. ڪستورٻا ان ورت جي پالنا ۾ ڀرپور تياڳ ڪيو. گانڌيجيءَ پاڻ لکي ٿو ته 'برهمچريه جو گڻ مون کان وڌيڪ 'ٻا' لاءِ سياويڪ سڌ ٿيو. برهمچريه پالنا ۾ 'ٻا' نه ڪڏهن منهنجو وروڌ ڪيو ۾ نه ڪڏهن اُن کي نوڙڻ لاءِ مونکي لالچايو. ان ڪري نتيجو اِهو نڪتو جو اسين هڪ ٻئي جا سچا متر بڻياسين.'

راشٽر ماتا ڪستورٻا دکن آفريڪا ۾ هندستان ۾ هر ستياگره لڙائيءَ ۾ پنهنجو پاڻ پنهنجي اندروني اِڇا سان شامل ٿي ۾ هن ٻاپوءَ کان وڌيڪ ساريرڪ ڪشٽ سهي، سماج جي اُنتي لاءِ تپسيا ڪئي.

رچناتمڪ ڪاريه ۾ دلچسپي

گانڌيجيءَ جي رچناتمڪ ڪاريه ۾ ڪستورٻا گهڻي شرڌا سان ساٿ ڏنو. کاڌي گرام اُديوگ جي واڌاري لاءِ، راشٽر ماتا نشٺا سان ڪاريه ڪيو. کاڌيءَ کانسواءِ ٻيو ڪپڙو ڪنهن به ڪم ۾ آڻڻ نه چاهيندي هئي ۾ گهڻي مظبوط اِرادي سان اُن تي عمل ڪندي رهي. هڪ دفعي ٻا جي پير جي آڱر ۾ ڏک لڳو. رت وهڻ لڳو. هڪ ڀيڻ اِهو ڏسي هڪ سنهڙي ڪپڙي جي پٽي ڪٽي آئي ته ٻا زخم مٿان ٻڌي. ٻا پٽي ڏسي چيو ته هيءَ مل جي ڪپڙي جي پٽي مان ڪم نه آڻيندس. کاڌيءَ جي پٽي مون کي کهري نه لڳندي. کاڌيءَ جي پٽي ٻڌائين. هڪ ٻئي دفعي ٻا ڏنو ته مهاتما جي ڀيڻن لاءِ کير، هڪ

جيو ديا

هڪ دفعي ماتا ڪستوربا نهايت گهڻو بيمار ٿي پيئي. ڊاڪٽر گانڌيجيءَ تي زور آندو، ته ’با‘ کي مانس جو شروو پيارڻو وڃي. گانڌيجيءَ انڪار ڪيو. چيائين ته مانس جو شرو نه پيئڻ ڪري جي ڪستوربا مري وئي ته اُهو مان سهن ڪندس پر با جي اِجازت کان سواءِ مان ڪيس مانس نه کارائيندس. اُن بعد گانڌيجيءَ، ڪستوربا سان آهستي آهستي، ڊاڪٽر جي صلاح بابت ڳالهه ڪئي. با هڪدم مظبوطيءَ سان چيو ته مان مانس جو شروو، نه پيئندس. پل مان مري وڃان. مانش جنم بار بار نه ٿو ملي. مان پنهنجي ديهه کي پرشٽ نه ڪندس‘ اهڙا هئا جيو ديا جا پنلا، اسان جا راشٽر ماتا ۽ راشٽر پتا! پر کهڙي نه ارمان جي ڳالهه آهي جو ڀارت سرڪار جا اڌڪاري ڀارت جي لکها جانورن گانين، گابن، ڍڳن جو مانس باهرين ديسن کي موڪلي، ڀارت جي اوچ سنسڪرتيءَ کي ناس ڪري رهيا آهن. ان ڪري آچاريه ونوبا ڀاوي جي آديش انوسار، گذريل ١٨ سالن کان ديونار قتلخاني جي سامهون ستياگره هلي رهيو آهي. شل سرڪار کي پرماتما سمت ڏئي، جو جلد ئي قانون پاس ڪري هن ڪيتي پرڌان ديش ڀارت ۾ ڪنهن به عمر جي ڳانءِ يا بيل جي هتيا تي بندش وجهن. هيءَ گئو ونش رکشا ستياگره اهنسڪ، اسمپردايڪ ۽ آراجنيتڪ آهي. هر سچي ڀارتواسيءَ جو فرض آهي ته هن ستياگره جي سڦلتا لاءِ تن من ڌن سان سهيوگ ڪري ساٿ ڏئي.

شري مُکل ڀائي ڪلارٿي لکي ٿو ته ’باپوءَ کي باپو بنائڻ ۾ ’با‘ جو وڏو هٿ هو. خود گانڌيجيءَ ماتا ڪستوربا جي سرڳواس ٿيڻ بعد چيو هو جي ’با‘ جو ساٿ نه ملي ها، ته مان ايترو اونچو نه اُٿي سگهان ها.‘ با ۽ باپوءَ جو گرهست جيون اڄ جي پيڙهيءَ لاءِ ۽ ايندڙ پيڙهين لاءِ آدرش گرهست جيون لاءِ پريرڻا ڏيندو رهندو. اڄ جو اِستري آدرش ڇا آهي؟ اِستري ۽ پرش، سمان آهن. اِهو برابر آهي، پر اِها سمانتا ڌرم ۾ سمايل آهي ۽ نه ڪام ڀوڳ ۾. ان ڪري اِستري سهه ڀوڳ چرٽي هوندي به حقيقت ۾ سهه -ڌرم چرٽي ئي آهي.

شري مگن ڀائي ديسائي لکي ٿو ته ڇا باپوءَ پنهنجي زندگيءَ ۾ ’با‘ کان ڪجهه پاتو؟

پتريءَ، ڏيءَ سمان پاليو نپايو. ’با‘ جي پريم کي ڏسي، ڪنهن کي به ائين نه محسوس ٿيندو هو، ته لڪشمي کا ’با‘ جي سڳي ڌيءَ نه آهي. مرڻ وقت ’با‘ لڪشميءَ کي پنهنجي ساڙهي ڀيٽ ڪئي. ڇوت ڇات جو ڀيد مٽائڻ لاءِ جي انريت سماج وهنوار ڪري، ته اڄ جو سوُرڻ ۽ دلت راڄنيتيءَ جو جهميلو ڀارت کي ستائي رهيو آهي، سو ختم ٿئي ۽ مانو ايڪتا جي ڀاونا وڌي، ديش ۾ شانتي اچي.

ماتا جي روزاني جيون

ماتا ڪستوربا، هر روز پرڀات جو چئين بجي اٿيندي هئي ۽ پرارٿنا ۾ شريڪ ٿيندي هئي. پرارٿنا کان پوءِ گانڌيجيءَ لاءِ گرم پاڻي ۽ ماکي تيار ڪندي هئي. گانڌيجي، صبوح جو گهمڻ لاءِ ويندو هو ته ڪستوربا اُن وقت پنهنجي سنان وغيره ڪمن مان نورت ٿي، پوڄا پاٺ ڪندي هئي. گيتا تلسي رامائڻ جو هڪ ڪلاڪ پاٺ ڪندي هئي. اُن کان پوءِ رسوئي تيار ڪرڻ جي ڪم جي تڪڙ ڪندي هئي. ڀوڄن جي وقت گانڌيجيءَ جي پرسان، پنکو لوڏي مک مڇر ويجهو اچڻ نه ڏيندي هئي. ڀوڄن ڪرڻ کانپوءِ، گانڌيجيءَ اخبار پڙهندو هو ته ’با‘، هنجي پيرن جي ترين کي گيهه جي مالش ڪندي هئي. گانڌيجيءَ جي اک لڳندي هئي ته ’با‘ وڃي ٿورو آرام ڪري، اخبار پڙهندي ۽ ڪتائي ڪندي هئي. ڪستوربا روزانو چار سوَ يا پنج سوَ تارون ڪتيندي هئي. چئين بجي گانڌيجي ڪاڏو کائڻ وهندو هو ته ڪستوربا هنجي پرسان پنکو لوڏيندي هئي. سالن کان ماتا صرف هڪ ئي دفعو ڪاڏو کائيندي هئي. رات جو ٿورو کير تلسي ۽ مرچ وجهي گرم ڪري پيئندي هئي. شام جو جڏهن گانڌيجي گهمڻ نڪرندو هو ته ’با‘ آشرم جي ڪنهن نه ڪنهن بيمار وٽ وڃي وهندي هئي. ان بعد ڀين ڀينرن سان گڏجي گهمڻ لاءِ نڪرندي هئي. موٽندي گانڌيجيءَ سان گڏ واپس ايندي هئي. گهمڻ بعد شام جي پرارٿنا ۾ رامائڻ جون چوپايون ڳايون وينديون هيون. ’با‘ اُن ۾ شريڪ ٿيندي هئي. پرارٿنا کان پوءِ، گانڌيجيءَ جي آرام لاءِ تياري ڪندي هئي. روزانو باپوجيءَ جي مٿي تي تيل مالش ڪندي هئي.

اِستري شڪتي نو چيتنا نرماتا
راشٽر ماتا ڪستوربا !

٢٢ فيبروري ١٩٤٤، شوراتري جي مهاپرب ڏينهن، انگريزن جي جيل پوٽي جي آغاخان محل ۾، راشٽر ماتا ڪستوربا، ڀارت ڇوڙو آزادي آندولن ۾ 'ڪرو يا مرو' سنڪلپ ساڪار ڪندي پنهنجا انتم پراڻ ڏنا. مهان بليدان ڏنو، امر شهيد ٿي.

ماتا ڪستوربا جو سمورو جيون ساريرڪ سختيون مرڪندي سهندي، مانو سيوا ۾ گذريو. مهاتما گانڌيءَ جيڪي به ستيه ۽ اهنسا جا پريوگ ڪيا، تن ۾ ڪستوربا، هر طرح ڀاڱي ڀائيوار رهندي، سهڌرمڻي جا فرض نباهيا. گرهست ۾ برهمچريه پالنا جو ورت پاليندي گانڌيجي ۽ ڪستوربا، ڀارت جي پراچين رشين وسشٽ ۽ اروڻ ڌتيءَ جو آدرش قائم ڪيو. اهڙا آدرشي گرهستي جوڙا جيترا وڌيڪ نرماڻ ٿين. اوترو گرهست جيون جو درجو عاليٰ ۽ اُتم رهندو ۽ مانو سماج جو مهان ڪلياڻ ٿيندو.

ڏکڻ آفريڪا ۾ گانڌيجيءَ سنه ١٩٠٦ ۽ ١٩١٣ ۾ ستياگره آندولن هلائيندي، هندستانين سان ٿيندڙ انياءَ خلاف، جيل ويو. ڪستوربا پهرين ڀارتي استري هئي، جا وڏي جريت سان پرديس ۾ گورن جي جيل ۾ وئي. اُن جو اثر دکن آفريڪا ۾ رهندڙ هندستانين تي زوردار ٿيو ۽ وڏي تعداد ۾ پينرن ڀائرن يڪمشت ٿي جيل ڀريا ۽ ستياگره سڦل بڻائي نياءُ حاصل ڪيو.

هندستان ۾ اچي، مهاتما گانڌيءَ ١٩١٨ ۾ ويرمگام ۾ ريلوي مسافرن جي زيادتين دور ڪرائڻ لاءِ آندولن هلايو. ١٩١٧ چمپارن ۾ نيل پوک جي گورن زميندارن جا، هارين مٿان ظلم ڏسي، گانڌيجي ستياگره ڪيو ته ڪستوربا جيل

گانڌيجيءَ جي اندرئين وڪاس جو اڀياس ڪندڙن کي، اهو چوڻو ئي پوندو ته ’با‘ جي اياءَ ۾ باپو ڪجهه ٻيو شخص ئي رهي ها. باجي معرفت باپوءَ اِستري شڪتيءَ جو درشن پاتو ۽ ان ڪري هو ڀارت جي استري سماج کي جاڳرت ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو. اڳتي وڌندي چوان ته باپوءَ جي ورت مالها جي مڻڪن لاءِ، ڌاڳي جو ڪم ڪرڻ واري نمرتا جو پاٺ، هنکي ’با‘ سان زندگي گهارڻ سبب سکيا ملي. ’با‘ نمرتا جي مورتي هئي.‘

گجرات ۾ راشٽر ماتا ڪستوربا جي لڳاتار ڪاريه، همٿ ۽ تپ جي ڪري رچناتمڪ ڪاريه نهايت گهڻو وڌيو. کيڙا ضلع جي ستياگره ۾ زبردست سڦلتا ملي. گهر گهر مان پينر ٻاهر نڪري آيون. کاڌي سواولمبن جو ڪم ايترو ته زور پڪڙيو، جو جڏهن مهاتما گانڌيءَ جو ويڙهچيءَ ۾ سنمان ڪيو ويو. ته ٻن هزارن کان مٿي پائر ۽ پينر، سواولمبن سان پنهنجي هٿ سان سُٽ ڪتي، اُن جي کاڌي پائي، اچي گانڌيجيءَ جو پنهنجي ڪتيل سٽ جي مالهائن سان سنمان ڪيو. سورت ضلع نهايت امير ضمغ هو پر ڪستوربا جي پرچار ڪري، پوري ضلع ۾ سڀ شراپ جاگتا بند ٿي ويا.

شري رنگناٿ دواڪر لکي ٿو ته ’ڪستوربا جي باري ۾ ٿوري ۾ ئي ڪجهه چوڻ موزون نه ٿيندو، هنسان پورو نياءُ نه ٿيندو. هن جي باري ۾ ائين چوڻ ته هوءَ سيتا، ساوتري، اروند تي يا يشوڌرا جي سمان هئي، پورو نه ٿيندو. اسان رڳو اِهو به نه چئي سگهنداسين ته هو پرمهنس رامڪرشن جي پتني شاردامڻي جيان هئي. اِتهاس پلي پاڻ کي دهرائيندو هجي. ڪستوربا ڪيترن سببن کان بي مثال، لاثاني هئي ۽ هنجو جيون گانڌيجيءَ جي اساڌارڻ جيون جي لاءِ ڪيترن ئي معنائن ۾ مکيه هو، مَهتوَ پورڻ هو، جنهنجي ڪري هو وينهن صديءَ جي پيغمبر بڻجي سگهي.‘

راشٽر جا پرڻام، با جي چرنن ۾، بار بار پرڻام!

●●●●●

سروري آهي ۽ اُن لاءِ پنهنجو جيون سادگي ۽ سرلتا وارو بڻائڻ گهرجي ۽ نڊرتا سان ڪاريه ڪرڻ گهرجي.

مهاتما گانڌيءَ جي آشرمن ۾ هميشه پرارٿنا ٿيندي هئي. جتي يارهن ورت پالڻ جو سنڪلپ دل سان دهرايو ويندو هو. اُهي ورت آهن اهنسا، ستيه، استيه، برهمچريه، اسنگره، شرير شرم، اسواد، سرو ڌرمي سمانتو، سوديشي، سپرش ڀاونا ۽ سروَ ڀيور، جنم. ماتا ڪستوربا اِهي ورت دڙ سنڪلپ سان پالن ڪندي رهي. پنهنجي سنيهه ميه سڀاءَ سان آشرم واسين جي بنا ڀيد ڀاوَ سان سيوا ڪندي رهي. هن وٽ نه صرف سادارڻ آشرم واسي اچي آشيرواد وٺندا ها پر ان زماني جا وڏا اڳوان سردار پٽيل، سروجني نئڊو، جواهرلعل نهرو، آچاريه ڪرپلاڻي، مولانا آزاد، خان عبدالغفار خان. سرحدي گانڌيءَ ۽ ٻيا به اچي رهاڻيون ڪندا ها. ان ريت ٻا نه صرف آشرم جي ماتا بڻي پر ڀارت راشٽريه جي ماتا بڻي. ڪيڏي نه اِخلاق جي بلندي آهي ! هڪ اڻپڙهيل سينگري پنهنجي گڻ وڪاس سان راشٽريه ماتا بڻي، پنهنجي جيون جي مهان سڦلتا حاصل ڪئي. اڄڪلهه ڪيترا نوجوان ڀائر ڀينر چوندا آهن ته پهرين پئسو خوب ڪمايون، اُن بعد قوم جي شيوا ڪنداسين. اِهو کهڙو نه غلط خيال آهي ! پئسي جي واسنا، پئسي جو داس بڻائيندي ۽ سيوا جي جيون کان دور ڪندي. انڪري ونوبا جي چوندو هو ته سماج ويسن مڪت رهي اُن لاءِ ڪنچن مڪتي، سواولمبن ۽ چت شڌيءَ جي ضرورت آهي. ائٽم بم، هٿيار ۽ ڌن دولت ڊالر اِنسان کي سکي نه بڻائيندا. اِنسان کي سک شانتيءَ لاءِ پرتر شڌيءَ اخلاقي ٻل جو نرماڻ ڪرڻ گهرجي. وگيان ۽ اڌياتمڪتا جي ميلاپ سان جئه جڳت نرماڻ ڪرڻو آهي.

ماتا ڪستوربا جڏهن چمپارن، بهار ۾ نيل ڪيت ستياگره ۾ بهرو ورتو ته ٻولن ۾ گهر گهر وڃي ڀينرن سان وارتالاپ ڪندي ڏنائين ته نه رڳو ڀينر اڻ پڙهيل آهن، انڪري هيسيل ٿيون رهن، پر غريبي ايتري جو گهر ۾ ٽي مهلائون آهن ته ساڙهي صرف هڪ آهي. جا ساڙهي واري وڃيءَ سان ٻائي ڀينر گهر کان ٻاهر اچي سگهنديون هيون. اِهي حالتون ڏسي ڪستوربا اُتي ڀينرن لاءِ اسڪول شروع ڪيو جو اڄ به هلي رهيو آهي. ڀينرن کي ڪم ڏيڻ

قبوليو ۽ غريب هارين کي راحت وٺي ڏيڻ ۾ سڦلتا حاصل ڪئي. ۱۹۱۸ ۾ احمدآباد ۽ کيڙا ضلع جي، مزدورن جي حقن ۽ هارين جي حقن جي ستياگره ۾، تہ ڪستوربا ڳوٺ ڳوٺ ۾ ويرتا ڦوڪي. جنهن ڪري وڏي تعداد ۾ پينرن پڙدي کان ٻاهر نڪري گرفتاريون آڇيون. ۱۹۱۹ ۾ رولٽ بل خلاف ستياگره ڪندي ڪستوربا جنتا کي خوب جاڳايو. ۱۹۲۰ ۾ گانڌيجي اهنسڪ اسهڪار آندولن هلائي ساري ديش ۾ هندو مسلم ايڪتا، سرڪاري اسڪولن ڪاليجن جو بهشڪار، ڇوت ڇات جو مرض دور ڪرڻ لاءِ ۽ کاڏيءَ جي پرچار کي زور وٺايو، ڀارت ڀر ۾ قومي ايڪتا ۽ نڊرتا جو وايو منڊل برپا ٿيو. ڪستوربا ان ۾ بہ خوب محنتون ڪيون. هنجي پرياڻ هيٺ شاهوڪار سورت ضلع ۾ مڪمل شراب بندي عمل ۾ آئي. ۲۲-۱۹۲۲ ۾ بورسد ستياگره ۾ هارين کي ڳرن سرڪاري محصولن کان ڇڏايو، ۱۹۳۰ ۾ لوڻ جي ستياگره، ڊانڊي مارچ ۾ ڪستوربا اڳري رهي. ۱۹۳۱ ۾ پڪيٽنگ ۽ بائڪاٽ جي پروگرام ۾ تيز ڀهرو وٺي. هن گهٽي جاڳرتا آندي. ۱۹۳۹ ۾ راجڪوٽ جي برٽش پريزيڊنٽ خلاف ستياگره ڪندي جيل وئي. جيتوڻيڪ انهن ڏينهن ۾ سندس طبعيت ناساز هئي. پر ڪستوربا چيو تہ راجڪوٽ منهنجو شهر آهي. مان هتان جي ناگرڪن مٿان انگريزن جو انياءُ سهن نہ ڪندس. ۱۹۴۰ ۾ شخصي ستياگره ڪندي پڪڙي ۽ آخر ۹ آگسٽ ۱۹۴۲ ڪئٽ اِنڊيا هلچل ۾ گرفتار ڪئي وئي. ان ريت لڳاتار سوراج لاءِ سختيون سهندي رهي. پر ڪڏهن بہ پير پوئتي نہ هٽايائين. اڄ اسين سوراج جو ڦل اهڙن ويرنگنين ۽ ويرن جي اتڪ اورڇ پورهين ۽ قربانين ڪري ماڻي رهيا آهيون. پر دکہ آهي جو ڪيترا پرشٽ اڳوان ۽ عملدار انهن مهان آتمائن جي پيهہ جو اُلٽو فائدو وٺي. اڄ بہ جنتا کي پيڙي رهيا آهن. ديش سان دغا ۽ غداري ڪري رهيا آهن. اهڙن عناصرن کي سڌي ڪرڻ لاءِ، اِنتظام ۾ آڻڻ لاءِ اهنسڪ آندولن ذريعي جنتا سڦلتا پائي سگهندي. نراس ٿي وهڻ برابر نہ آهي. جڏهن با ۽ باپوءَ بنا هٿيارن، اهنسڪ سداچار ۽ اخلاقي شڪتي آتمڪ بل جي وسيلن سان، پرشٽ انگريز سلطنت، جنهن تان سج ئي نہ لهندو هو، ان مهاياري طاقت کي ختم ڪري سگهيا، تہ سماج جون باقي رهيل برايون ۽ مسئلا بہ شانتمي اهنسڪ وسيلن سان لوڪشاهي بل سان حل ٿي سگهندا اهڙو آتم وشواس رکڻ

اڄ ڪلهه دلت هلچل ڪافي وڌي آهي. ڀارت جي هر راڄيه ۾ سوَرڻ ۽ دلت پاڻ کي الڳ پيا سمجهن. پر ڪستوربا پنهنجي عملي آدرش سان هڪ چمار ڇوڪريءَ کي گود جي ڌيءَ ڪري پالي نڀائي ايڪتا ۽ پريم سان اُن نفاق دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. جي اهڙو آدرش ڀارتواسي پالين ته ڪيڏو نه شانتميه اِنقلاب اچي ۽ ڀارت شڪتيشالي بڻجي ؟ پر ڪرسيءَ جي. لالچ، اڳوانيءَ جو لوڀ ملڪ کي پريشان ڪري رهيو آهي. وڏو نقصان ڀلائڻ ۾ ڪوبه شرم نه ٿو محسوس ٿئي. حقيقت ۾ ڀارت ۾ چونڊن جو موجوده طريقو، پارٽيءَ بازي جو طريقو بدلائي، گرام سوراڄ جو نئون سرشتو قائم ڪرڻ گهرجي.

هڪ هندي ڪويءَ لکيو ته تاج محل ۾ شاريرڪ سوُپيا جي ياد تازي ٿئي ٿي ۽ آغاخان محل ۾ ڀارت جي سواڌينتا جي آتما جو سنديش ملي ٿو.

ڀارت جي جنتا شرڌا سان مهاتما گانڌيءَ کي ڪستوربا فنڊ لاءِ هڪ ڪروڙ ڇويهه لک، ڇوهٺ هزار ڀيٽ ڪيا. اُن رقم مان گانڌيجيءَ ڀارت جي ڀينرن، خاص ڪري ڳوٺن جي غريب آديواسي ڀينرن، جي وڪاس لاءِ تعليم سکيا لاءِ انڊور ۾، ڪستوربا گرام نرماڻ ڪيو. ان ڪستوربا گرام ۾ هڪ لک ڀينرن کي گرام سيوا لاءِ ترتيب ڏني ويئي آهي. ٢٢ راڄين ۾ هن ٽرسٽ جون شاخون آهن. ٽرسٽ طرفان ٢٢ ڪيندر آهن صحت سکيا، گرام سيوڪا، آنگن واڙي، بنيادي تعليم، ڪتائي، کاڌي اُديوگ، گئوشالا، ڪرشي وگيان ڪيندر، بايو گئس پروگرام، هنري ڪيندر وغيره هلي رهيا آهن ٩٢-١٩٩١ ۾ ڪيندر جي بجيٽ ساليانه ٻه ڪروڙ اناسي لک هئي ۽ سال ١٩٩٤-١٩٩٥ ۾ ٽرسٽ جي بجيٽ ٽي ڪروڙ ڇوهٺ لک روپيه ٿي. آغاخان محل ۾ هر سال وڏي ڌام ڌوم ۽ شرڌا سان هيءَ ڏينهن ملهايو ويندو آهي. وڌوان ڀينر اچي آديسواسي، دهيج ۽ ٻين ڀينرن جي مسئلن بابت اوک ڊوک ڪندي نئين سال جا پروگرام ٺاهينديون آهن.

’سوارج جي صدقي جنهن جيجل ڏني جندڙي،
تنهن ماءُ مٺيءَ کي، اڄ سنتان ساري ٿي !‘

●●●●●

لاءِ ڪستوربا چرخي جو گھڻو پرچار ڪيو. ڪاڏيءَ ۾ هنجي زبردست نشٺا هئي. هڪ دفعي هڪ جيت ماتا جي پير جي آڱر ۾ چڪ پاتو، رت پئي وهيو. هڪ پيڻ سنهي ململ جي اڳڙيءَ سان پير ٻڌو. ماتا هنکي سمجهايو تہ ڪاڏيءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪپڙو نہ اپنائڻ گھرجي. ان سمجهاڻي انوسار ان پيڻ ململ جي اڳڙي لاهي ڪاڏيءَ جي اڳڙيءَ سان ماتا جو ڦٽ ٻڌو.

اڄ ڀارت ۾ گھڻا بيروزگار آهن ؟ گھڻا غريبيءَ جي ريکا هيٺ آهن ؟ ان ڪري هنسا ۽ آتنڪواد جو ڪيڏو نہ ننگو ناچو اسين چوگرد ڏسي دکي ۽ پريشان آهيون. پر وري بہ ڪاڏي گرام اُديوگہ نہ ٿا اپنايون. ٻاهرين ديسن جي ملٽي نئشنل ڪمپنين جو مال اپنائي ڀارت ۾ وڏيڪ بيروزگاري ڦهلائي رهيا آهيون. سواولمبن ۽ سوديشي جي مضبوط ڀاونا سان ئي ڀارت جي سوتنترتا قائم رهندي. آرٿڪ غلامي آخر آزاديءَ کي ختم ڪندي. انڪري سڀاڳہ ٿي سوديشي ڀاونا کي پرڀاوَ شالي بڻائڻ گھرجي، تہ جئن ڀارت جي لوڪشاهي مضبوط ٿئي ۽ آزادي مضبوط ٿئي.

ڪستوربا ايشور ڀڳت هئي. ڀارتي سنسڪارن جي مورتي هئي. جيوديا ۾ هنجو وڏو وشواس هو. هر جيو ۾ هن کي ايشور جو روپ ڏسڻ ۾ ايندو هو. انڪري هو مانس آهار جي سخت خلاف هئي. هڪ دفعي ڏاڍي بيمار ٿي پئي. ڊاڪٽر ضد ڪرڻ لڳا، تہ گوشت جو سوپ پئي تہ، چڙهندي نہ تہ چڱي سگھندي. لاچار گانڌيجيءَ سانس ڳالھہ چوري. ٻا درڍتا سان چيو ٻيو جيو ماري پاڻي بچائڻ پاپ ٿيندو. انڪري هن آخر تائين مانس نہ ورتايو. ايشور ڪرپا سان چاڪ ٿي نوبني ٿي. ان ريت هن ڏيکاريو تہ سڀني جيون ۾ آتما جو درشن پائي، سڀني جيون کي عزت ۽ پيار ڏيڻ گھرجي. جئن اسان جي دادل شاھ ساڌو واسواڻي چوندو هو تہ 'آل لائيف اِز سيڪريڊ' سڀ جيو سمان ۽ پوتر آهن. بدقسمتي سان اِها سندر سکيا وساري، ڀارتواسي هزارن لکن ڳانين ۽ ٻيلن جو قتل وڏائي ڏن جي لالچ ۾ مها پاپ ڪري رهيا آهن. وري بہ شڪر آهي جو آچاريہ ونوبا ڀاوي جي آديش انوسار، بمبئيءَ جي ديونار قتلخاني وٽ گئو ونش رکشا ستياگرہ چالو آهي. اِهو هڪ اُتم آندولن آهي ان کي هر طرح همٿائڻ گھرجي تہ جئن ڀارت جي سنسڪرتيءَ جي رکشا سڦلتا سان ٿئي.

رواجي طرح سماج برا سمجهي ڏڪاري ٿي، پر انهن ڪمن ڪانسواءِ مانو سماج زنده رهي نه ٿي سگهي. مثال طور صفائي ڪاريه، اسين سمجهون ٿا ته صفائيءَ جو ڪم صرف ڀنگين لاءِ آهي. عام رستن جي صفائي، ڪاڪوسن جي صفائي، جيڪي ڪن سي دلت هريجن اڇوت. پر جي ويچار ڪجي ته اِها سمجهه ڪيتري نه غلط آهي. ان ڪري ونوباجيءَ وارڌا نزديڪ **سرگانو** ڳوٺ ۾ لڳاتار ١٢ سال مهتر، ڀنگي، صفائي ڪامگار جو ڪم گهٽي نشٽا سان ڪيو. شروع ۾ ته ڳوٺ واسي ونوباجيءَ جي هن ڪم تي ٺٺوليون ڪرڻ لڳا. ونوبا جي ٻهارو ۽ ٺوڪري کڻي هڪ گليءَ ۾ ڳوٺواسين جي گونهه مٽ ميڙي وڃي ته ڪيس سڌ ڪري ڇوندا ته اجان هتان به ڪرفتي ميڙي وڃ. هتان به ڪچرو صاف ڪندو وڃ. ونوبا جي هڪ شانتي سيوڪ جيان ماڻهن جون ٺٺوليون سهن ڪندو رهيو ۽ پريوءَ در پرارٿنا ڪندو رهيو ته هي پريو! هنن ڀائرن کي ڪميا ڪج ڇاڪاڻ جو هو اِهو ويچاري ئي نه ٿا سگهن ته هو ڇا ڪري رهيا آهن! جئن ڪرائيسٽ کي جڏهن ماڻهو ڪليون ٺوڪي ماري رهيا ها ته پريو در ٻاڏايائين ته پريو هنن کي معاف ڪج ڇاڪاڻ جو هو سمجهي نه ٿا سگهن ته هو ڇا ڪري رهيا آهن.

ونوباجيءَ ڀوڌان ياترا جي سمي ۾ اندور شهر ۾ لڳاتار رهي ڀاڻ ٻهارو، ٺوڪري ۽ ڪوڏر کڻي گليون صاف ڪندي،سوڇه نگر سوڇه ڀارت جي عملي سنديش ڏنو.

ونوباجيءَ جو **سواولمبن** ۾ پڪو وشواس هو. هو پئسي کان پري ڀڄندو هو. هنجو پورو زور هو ته سماج **ڪنچن مڪت** رهندي ته ستيه پريم ڪروڻاميه اهنسڪ رهي سگهندي. جيترو پئسي جي پٺيان يا ستا جي پٺيان پئبو اوترو سماج ۾ ونجوڳه هنسا ۽ دکه وڌندو. ان ڪري پرم ڌام، برهم وديامندر ۾ هن ڪنچن مڪتي پروگرام کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ رشي کيتي شروع ڪئي. ڀارتواسي ڳوٺن جا هاري مسڪين آهن. ڪين ڍڳا خريد ڪري کيتي ڪرڻ جي توفيق نه آهي. انڪري بنا ڍڳن جي مدد جي، هٿن سان هر کيڙي کيتي ڪجي. آشرم ۾ ڪجهه گرئجوئيٽ ساٿين اُن تجربي ۾ پورو سهيوگ ڏنو. ايشور جي ديا سان ان تجربي ۾ مون کيترا ڏينهن ٻهرو ورتو. نهايت گهڻو آنند مليو. تن به درست ٿيو ۽ چت به شڌ ٿيو. **جهاڙو** صفائيءَ لاءِ ۽ ڪوڏر هٿ جي ڪم لاءِ.

وشو-مانو ۽ ڀارت جو لاثاني ڪرانتيڪاري مهاپرش آچاريہ ونوبا ڀاوي



١١ سيپٽمبر، ڀارت جي مهان تپسوي، فيلسوف، آزاديءَ جي اُپاسڪ، ستيہ، پريم ڪروڻا جي پرڪاش ڦهلائيندڙ، مهان ودوان آچاريہ ونوبا ڀاوي جو جنم دن، ڀارتواسي ۽ وشو ۾ شانتيءَ جا اُپاسڪ وڏي شرڌا سان هر سال ملهائيندا رهن ٿا. هن سال ١٠١ ’هڪ سَوَ هڪ‘ جنم دن ملهايو ويندو. ١٩٩٥ ۾ گذريل سال ونوبا جنم شتابدي ڀارت چاهي دنيا جي جدا جدا ملڪن ۾ وڏي اُتساهه سان ملهائي ويئي. سنڌي سماج بہ ان سندر ڪاريہ ۾ بخوبي ڀاڱہ ورتي ٿي. ونوباجيءَ جي لکيل گيتا پروچن سنڌي عربي ۽ سنڌي ديوناگريءَ ۾ نئين سر ڇپائي وئي، ونوباجيءَ جي جنم ڳانو ڳاگودا ۾ بمبئي مان سنڌي ڀائر ڀينر اچي گرام سوراج سميلن ۾ وڏي اُتساهه سان شامل ٿيا. سوامي ديو پرڪاش مهراج (ستگرو سوامي شانتي پرڪاش جا پرم شش) جن اچي جنتا کي اڌياتمڪ سنديش ڏنو. ونوباجيءَ جي سيڪريٽري شري بال وجيہ ’جيہ جڳت مئتري ياترا معرفت اهنسڪ سماج نرماڻ لاءِ، لوڪ چيتنا ترماڻ لاءِ ڪاريہ ڪيو. دنيا جي ٢٧ ملڪن ۾ بہ شتابدي سال، جيہ-جڳت ڀاونا نرماڻ ڪرڻ لاءِ اُتساهه سان ملهايو ويو.

ونوباجيءَ سارو جيون اکنڊ برهمچاري، تپسوي جيون گذاريو. غريب ڀارت جي جنتا سان هڪ رس ٿيڻ لاءِ، اُهي ڪرانتڪاري ڪاريہ ڪيا جي

ڇرخو نڪلي هلي ته ڀارت ڪپڙي جي ضرورت پوري ڪري سوائلمبي بڻجي سگهي ٿو. اڄ به مهاتما گانڌيءَ جي ۽ ونوباجيءَ جي تپسيا سبب پنجاهه لک ڀارتواسي کاڌي گرام جي ڪم مان روزگار پائين ٿا. پر جي انهن مهاپرشن جو چيو مڃي ڀارتواسي پورن طور کاڌي گرام اُديوگ اپنائين ته پندرهان ڪروڙ ڀارتواسي روزگار حاصل ڪري سگهن ٿا ۽ سوَ سيڪڙو ڀارتواسي تعليم يافته ٿي سگهن ٿا. ملٽي نئشنل ڪمپنيون اڄ پنهنجا مطلب سِڌ ڪرڻ لاءِ ڪن ٿورن هلندي وارن کي امير بڻائي، عوام کي بيڪار ۽ بيروزگار بڻائي، هر جڳهه اَشانتي ۽ آتنڪواد ۽ ڀرشٽاچار وڌائي رهيون آهن. ٽٿ پيسٽ، صابڻ، جوتا چمپل، ڊرنڪس، ٻج ۽ ٻاڙ روزمره ڪم ۾ ايندڙ چيزون لکن ورهين ڪان ڀارتواسي ٺاهيندڙ آهن، انهنکي لوٽ ۽ راڄنيتي، ڀرپاوَ هيٺ ناس، برباد ڀيو ڪيو وڃي. ڪي مشينون ۽ ٽيڪنيڪل وگيانڪ چيزن جو فائدو وٺڻ سنو آهي. پر وويڪ ڪتب آڻي، سوديشي کي همٿائڻ نهايت ضروري آهي.

اِنسان صرف پئسي ۽ روٽيءَ تي برابر نه ٿو هلي. ان لاءِ منورنجن ۽ چت شڌيءَ لاءِ ڀارت وٽ ڪيڏو نه وڏو املهه خزانو آهي ! ان جو ابياس ۽ اُپيوگ، پرڪرتي ۽ پرماتما جو درشن جيون کي ڪيڏو نه سڦل ۽ آنندميه ٿو بڻائي ! ڀارت جو ساهت ۽ سنسڪرتي اڄ به دنيا کي موهي ٿو. ونوباجيءَ انڪري ڀارت جون ۽ دنيا جون ٢٢ ٻوليون سکيو ۽ انهن ڀاشائن جي اعليٰ گرنٿن جو ابياس ڪري، ڀارت جي ساهتڪ خزاني کي پريو. رگ وید سار، ڌمپد ٻوڌ گرنٿ، سمٽسنتو (جين گرنٿ) قران شريف، جپ صاحب، سکه ڌرم، گيتائي، گيتا پروچن، اُپنشد ۽ ٻيا سوين گرنٿ نرماڻ ڪري هن گهٽي جفاڪشي محنت ۽ ودوتا سان سنسار ۾ مئتري دوستي پيار وڌائڻ لاءِ اٿڪ ڪوششون ڪيون. هن جا ٿورا سنسار ڪڏهن به ڀلائي نه سگهندو. ٻارهن ١٢ سال برسات اُس ٿڌ سهندي ڀارت جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ پد ياترا ڪراي وڃي ڀودان آندولن ذريعي انيتاليهه لک ايڪڙ دان ۾ حاصل ڪري، بي زمين ڪسانن ۾ زمين وراهي آنڌرا جي ڪميونسٽن جي خونريزي بند ڪئي ۽ ڀنڊموريئنا جي ڏاڪن کي هنسا ڇڏائي اهنسڪ ناگرڪ بڻايو. جتي سرڪار جي ملٽري ۽ پوليس سڦلتا نه پائي سگهي اُتي هيءَ One Man Army ون مئن

ونوبا جا ٻئي اوزار مانو سماج لاءِ ڪيترا نه لاپدائڪ آهن، سادا ۽ سستا اوزار. ڪوڊر سان احمدنگر جي ڳوٺڙي ۾ ته اَنا هزاري به ڪرامت جو ڪم ڪري ڏيکاريو آهي. برسات جو پاڻي ٨٥ ڪوهن ۾ روڪي ڳوٺ کي سجلام سڦلام بڻايو اٿس. پورهيو ئي پوڄا آهي. شڪتي آهي. ڳوٺ قرض کان مڪت. وِيسَن شراب تماڪ مانس کان مڪت. پرشناچار کان آزاد، مندر جا دروازا ٢٤ ئي ڪلاڪ کليل. مندر ۾ سونا قيمتي ميبدل کليا رکيا آهن. سالن کان چوريءَ جو نالو ئي ڪونهي. رام راڄ جو نظارو. ڀارت ۾ ايشور جي ديا سان ڪافي مينهن پوي ٿو. مينهن جو پاڻي گڏ ڪري ديش کي ڪيترو نه سرسبز ۽ آباد ڪري ٿو سگهجي. آءِ ايم ايف ۽ ورلڊ بئنڪ جي قرض جي ته ڪا ضرورت ئي نه پوي. سوريه ڀڳوان جي به ڀارت تي وڏي ڪرپا آهي. سوريه شڪتيءَ جو ڪيڏو نه اُپيوگ ڪري ٿو سگهجي. وگيان ڳوٺ ڳوٺ کي سکيو ستابو ڪري سگهي ٿو. وڏا ڊئم قدرت سان کيچل آهي. پاپ آهي. ان بدران ڳوناٽا سولي نموني ڀگهرجي پورهئي سان گهٽو وڪاس ڪري سگهن ٿا. ان ڪري آچاريه ونوبا ڀاوي بار بار چيو ته راجنيتي بازيلين کيلڻ سان نفاق ۽ تڪرار وڌن ٿا. ڌرم مذهب به غلط طريقي ڪم آڻڻ سان ڀرم ۽ انڌڪار ٿا ڦهلائين. وگيان ۽ اڌياتمڪتا Science and Sprituality نئين يگه جو روحاني آنند ۽ هر طرح جو سک اُتپن ڪن ٿا. اڄ جي تعليمي نظام کي به ان ڪري وڏو اِنقلاب آڻي نئين دنيا جي اڏڻ لاءِ ڪوشش جي ضرورت آهي. ڳوٺ ڪيتي اناج ۾ سمپن رهي، کير مکڻ ڏڌ ڏهي ۾ ڀرپور رهي، ان لاءِ گئو ونش رکشا جي وڏي ضرورت آهي. ونوباجي جي آديش انوسار ديونار قتلخانه وٽ گذريل ارڙهن سالن کان اهنسڪ، اراجنيتڪ ۽ اسمپردائڪ Non Political-Non Communal and Non Violent ستياگرهه چالو آهي. سنڌي سماج ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهراج جي رهنمائيءَ هيٺ ستياگره جي سڦلتا لاءِ بخوبيءَ ڀاڱه ورتو آهي. پر اڃان سنگهرش چالو آهي. ڀارت ۾ گئوبيل جي رکشا جي قانون پاس ڪري عمل ڪرڻ سان ئي سچو سوراڄ جنتا ماڻي سگهندي.

سنت ونوبا جو سولو ۽ سادو ٻيو اوزار هو چرخو ۽ تڪلي. هن ڪيترا سال تڪليءَ تي سٽ ڪتي پنهنجو گذران ڪيو. ڀارت جي ڪروڙها هٿن ۾

آچاريہ ونوبا ڀاوي جي ١٠٢
جنمدن جي موقعي ١١ سيپٽمبر

"سوراج- سواولمبن ۽ شانتي"



خوشيءَ جي ڳالهہ آهي جو ڀارت جي آزاديءَ جو پنجاهون سال، ١٥ آگسٽ ١٩٩٧ کان ١٥ آگسٽ ١٩٩٨، ڀارت ۾ ۽ دنيا جي ڪيترن ملڪن ۾، سونهري جشن- گولڊن جبلي طور ملهايو پيو وڃي. سياويڪ سوال اُٿن ٿا تہ ڀارت آزاديءَ جي گذريل پنجاهہ سالن ۾ ڪيتري اُنتي ڪئي؟ ٻين ملڪن جي ڀيٽ ۾ گهٽ اُنتي ڇو ڪئي؟ ڪهڙيون ڪمزوريون آيون؟ ڪهڙيون غلطيون ٿيون؟ آئينده لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟ ڪهڙيون نيتيون اپنائڻ گهرجن؟ ١٩٤٨ ۾ راشٽر پتا مهاتما گانڌيءَ پنهنجي آخرين وصيعت ۾ ويچار ڏنو تہ اِنڊين نئشنل ڪانگريس، انگريز شاسن ختم ڪيو. راڄنيتي آزادي حاصل ڪئي. ڪانگريس وسرجن ڪري لوڪ سيوڪ سنگهہ جي روپ ۾ بدلائي وڃي. ڀارت جي پنجن لکن ڳوٺن ۾ لوڪ سيوڪ وڃي رچناتمڪ ڪاريہ ڪن. جي ڪانگريس چاهي ٻين سياسي پارٽين جا ڪم ڪندڙ، راڄنيتڪ ڪرسيءَ جي موهہ ڇڏي، رچناتمڪ ڪاريہ ۾ پاڻ ارپڻ ڪن ها، تہ ڀارت جو نقشو بدلجي وڃي ها. ڀارت ۾ قرض مڪت، ويسن مڪت، سواولمبي سوراج جو نرماڻ ٿئي ها. اُن جو پرڀاءُ دنيا جي ٻين ملڪن تي بہ انوکو پوي ها. ڀارت جي آزاديءَ جو آندولن ٢٠٠ سال هليو. پبلڪ جاڳرتا لاءِ دادا ڀائي نوروجي، لوڪمانيہ تلڪ،

آرمي ٻڌجي پريم جي سنهي ڌاڳي ۾، ايڪتا جي شانتيءَ جي سوٽر ۾ ٻڌڻ جو هن نئون پرڪاش ڏنو. آچاريہ ونوبا ڀاوي جو رايو هو تہ سوراج مليو آهي، هاڻي گرام سوراج نرماڻ ڪرڻو آهي. ڳوٺن ۾ گرام سڀا سنگٺت ڪري، ڳوٺ جي سرڪار ٺاهڻي آهي. راڄنيتڪ ۽ آرٿڪ سٽا ڳوٺ واسين جي هٿ ۾ رهي، اهڙو نظام بنائڻو آهي. گرام سوراج نرماڻ ٿيو تہ ان جو پرڀاءُ دنيا جي ٻين ملڪن تي ٿيندو. اهنسڪ شڪتيءَ جو وڪاس ٿيندو. جئہ-جڳت جي ڀاونا مظبوط ٿيندي. هو چوندو هو تہ 'اسين ڪنهن خاص ملڪ جا ايماني نہ آهيون. ڪنهن خاص ڌرم جا پوئلڳہ نہ آهيون. ڪنهن بہ سمپردايہ يا خاص جاتيءَ ۾ ٻڌل آهيون. وشو ۾ موجود سدويچارن جي گلستان ۾ وهار ڪرڻ اسان جو سو اڌياءَ آهي. سد ويچارن کي اپنائڻ اسان جو ڌرم آهي. ڀن ڀن خاصيتن ۾ ايڪتا آڻڻ، وشو ورتي، چيتنا جو وڪاس ڪرڻ اسان جي ساڌنا آهي.'

سماج جي شڪشڪن سدگڻي شخصن کي ملائي آچاريہ ڪُل ٺاهڻ جي لاءِ هن زور ڏنو تہ جئن (۱) نرڀيہ، نروير ۽ نرپکش آچاريہ شڪتيءَ جو وڪاس ٿئي. (۲) ويڪتي، سماج ۽ راشٽر ۾ آتم چيتنا ۽ آتم انوشاسن ايترو وڌن جو ٻاهرين شاسن جي ضرورت ۽ آڌار دنبدن گهٽجندو رهي. (۳) تعليم جي سوتنترتا ۽ خودمختياري قائم ڪرڻ (۴) اِنساني سنبنڌ پريم ميہ سوسٽ رهن، ان لاءِ وروڌي سماجڪ مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ اهنسڪ طريقن ۽ تجربن ۽ تعليم جو واڌارو ڪرڻ (۵) اهڙن جاڳرت شڪشڪن ۽ دانشمند وچارڪن کي سڏي، ملائي، لوڪ شڪتيءَ جو نرماڻ ڪري، لوڪ نيتي عمل ۾ آڻڻ جي راهہ ٻتائڻ.

انهن ويچارن کي ڦهلائڻ لاءِ اڄ بہ لکين سروديہ ساٿي، ڪاڏي آچاريہ ڪُل، ونوبا جي آشرمن جا نواسي، گئوسيوڪ ۽ شانتي سيوڪ ڪاريہ ڪري رهيا آهن، جيہ جڳت مئتري ياترا، گئورڪشا پد ياترا ٿن ذريعي تپسوي سيوڪ ڀاڻ موڪي رهيا آهن. اسان جو بہ فرض آهي اهڙن سيوڪن کي هر طرح ساٿ ڏئي سماج جي نونرماڻ ۾ ڀاڱہ وني سچيءَ دل سان ڀارت ماتا جي جئہ منايون! اسان جو تنترگرام سوراج - اسان جو منتر جئہ-جڳت!

●●●●●

اڳوانن، حڪومت جي ڪرسيءَ جي موهه ۾ ان پروگرام کي نظر انداز ڪيو. ان ڪري اڄ به ڀارت ۾ پنجاهه سالن جي آزاديءَ بعد به ۴۰ سيڪڙو جنتا غريبيءَ جي ريکا هيٺ پريشان آهي. ۴۸ سيڪڙو مهلائون اڻپڙهيل آهن. ۱۸ ڪروڙ ٻار تعليم کان وانجهيل آهن، هزارين ڳوٺ پيئڻ جي پاڻي حاصل ڪرڻ لاءِ تڙڦي رهيا آهن. چوطرف هنسا، آتنڪواد، بک ۽ بيروزگاريءَ جا مسئلا سامهون آهن. ڀارت جي پارليامينٽ تازو ۴ ڏينهن ڀارت جي مسئلن نسبت جوسيشن سڏايو. اُتي جدا جدا پارٽين جي پارليامينٽ ميمبرن مسئلن جي اوک ڊوک ڪئي. پاڙيسري ايشيا جا ملڪ گذريل پنجاهه سالن ۾ ڀارت کان جدا جدا کيترن ۾ وڌيڪ ترقي ڪري سگهيا آهن، پارليامينٽ جي اسپيڪر شري سنگما، ڀارت جي سچي آزاديءَ لاءِ ٻي لڙائي لڙڻ لاءِ آواهن ڪيو. سچ آهي ته ڀارت کي صرف راڄنيتڪ ڪرانتيءَ مان سنتوش نه مليو آهي. سمپورن ڪرانتيءَ جي ضرورت آهي. سچو سوراڄ جنتا ماڻي اُن لاءِ هرهڪ ڀارتواسيءَ کي هٿن ۾ ڪم ملي ته چت شڏي ايندي ۽ مُک ۾ رام ايندو. رام راڄ نرماڻ ٿيندو. لوڪشاهي مضبوط ٿيندي. ڀارت جي ڪانسٽيٽوشن جي ۴۸ فقري کي عمل ۾ آڻي ڳوٺن جي پنچاتن گرام سڀائن کي راڄنيتڪ، آرٿڪ ۽ ائڊمنسٽريٽو ستا ڏني وڃي. ستا صرف مرڪز ۾ ۽ راڄيه سرڪارين جي هٿن ۾ رهڻ سان جو اڄ ڀرشٽاچار ڦهليل آهي به ازخود دور ٿيندو. ڀرشٽاچار ۽ هنسا ۽ جهڳڙا گهٽبا ته ڪورٽون، جيل ۽ پوليس وغيره گهٽجندا. ونوباجي چوندا ها ته سياست ۽ ڌرم جا جهڳڙا ڇڏي اڌياتمڪ ۽ وگيانڪ شڪتيءَ جي ميلاپ سان سماج جو وڪاس ٿيندو. سائنس Ô ∑ x ⊚ Science and Spirituality جو آڌار سماج کي شانتيءَ جي شاهراهه تي وٺي هلندو. اُن راهه ذريعي ئي جئه-جڳت وشو شانتيءَ جو آدرش حاصل ٿيندو. راڄنيتڪ چونڊن جي ڪارڻ پارٽيبازي جي جهڳڙن ۾ ديس جي شڪتي برباد ٿئي ٿي. اُن بدران لوڪ نائڪ جئه پرڪاش نارائڻ رتا ڏني ته هر ڳوٺ جي گرام سڀا پنچاتي ڍنگ سان پنهنجو عيوضي چونڊي هر بلاڪ ليول تي اهڙا پنچاتن جا چونڊيل عيوضي ملي ڪري بلاڪ ليول جا عيوضي چونڊين. بلاڪ ليول جا چونڊيل عيوضي ملي ضلع ليول جا ڪاريه ڪرتا عيوضي چونڊين.

لالا لجپتراءِ، بپن چندر پال ۽ ٻين پرياءُ شالي ڪاريہ ڪيو. ۱۹۱۵ ۾ مهاتما گانڌي ڀارت ۾ آيو. بهار ۾ چمپارن ستياگرهه جي رهنمائي ڪيائين. ۱۹۱۷ ۾ برٽش سيڪريٽري فار انڊيا پڌرائي ڪئي تہ ڀارت کي آزادي ڏيڻ لاءِ انگريزن کي پنج سؤ سال هندستانين کي آزاد حڪومت هلائڻ جي سکيا ڏيڻي پوندي. مهاتما گانڌيءَ ۱۹۱۹ کان ستياگرهه شروع ڪيا. ۱۹۳۰ ۾ نمڪ ستياگرهه ۱۹۳۲ ۾ سول نافرماني ستياگرهه. هنسا جي ذريعي جي آندولن هليا، اُنهن جو بہ ڪافي اثر ٿيو. ديس ڀڳتي ۽ بليدان ڀاونا وڌي. نيتاجي سڀاش چندر بوس ٻاهرين ملڪن جي مدد سان انڊين نئشنل آرمي نرماڻ ڪئي. پر اُن آزاد فوج شڪست کاڌي. پر ۱۹۴۲ جي ڪئٽ انڊيا عوام جي ستياگرهه آندولن اڳيان برٽش حڪومت جهڪي. ڀارت ۱۹۴۷ ۾ آزاد ٿيو. ۳۰ جنوري ۱۹۴۸ مهاتما گانڌيءُ کي گولين سان شهيد ڪيو ويو. ان ڪري ڀارت اڳيان انڌڪار ڇائنجي ويو. گانڌيجيءَ جي جيئرو هجي ها تہ ڀارت جي ڳوٺن جي سواولمبن ۽ شانتيميہ گرام سوراج لاءِ نشڪام سيوڪ تيار ڪري ها. گانڌيجيءَ جو ڪاريہ آچاريہ ونوبا ڀاوي اڳتي وڌائڻ لاءِ زوردار ڪوششون ڪيون. سروودیہ سماج نرماڻ ڪرڻ لاءِ، اهنسڪ شڪتي وڌائڻ لاءِ پروگرام عمل ۾ آندائين، گرام سوراج جو آدرش ديش اڳيان رکيائين. ڀارت سرڪار جڏهن ڀارت جي وڪاس لاءِ پهرين پنج سالي يوجنا تيار ڪئي تہ پرڌان منتري جواهرلعل نهروءُ يوجنا تي نظرثاني ڪرڻ لاءِ ونوباجيءَ کان صلاح گهري. ونوباجيءَ يوجنا ناهيندڙن کان سوال پڇيو تہ ڀارت ۾ بيروزگاري دور ڪرڻ جي يوجنا ڇا آهي؟ بيروزگاري ڪڏهن ختم ٿيندي؟ يوجنا ماهر ڪوئي خاطر خواهہ جواب نہ ڏئي سگهيا. هاڻي بہ ڀارت جي نائين پنج سالي يوجنا چالو آهي پر ونوباجيءَ جي اُهو سوال تہ بيروزگاري ڪڏهن ختم ٿيندي، ڪئين ختم ٿيندي، اُن جو ڪو سنتوش جنڪ جواب نہ آهي. پر ونوباجيءَ وٽ اُن سوال جو جواب هو. سو هن عمل ۾ آڻڻ لاءِ ڀرپور زور لڳائي عمل ۾ آڻڻ لاءِ لوڪ شڪتيءَ ذريعي ڀوُدان، گرامدان، گئو رکشا، کاڌي گرام اُديوگہ ۽ بنيادي تعليم جي آندولن سان ڀارت جي ڳوٺن جي گرام پنچاتن گرام سڀائن جي سنگٺن مضبوط ڪرڻ لاءِ ۱۳ سال پد ياترائون ڪيون. پر ڀارت جي راجنيتڪ

پريم جو. پريم سان ڀارت جي دريدر نارائڻ جي اکين جا آنسون اُگهڻ لاءِ مان ڪوشش ڪري رهيو آهيان. اِهو هٿيار اوهان مان هرهڪ وٽ آهي. اوهان پنهنجا اڳوان پاڻ بڻجي، ستيہ ۽ اهنسا جي راهہ تي اڳتي وڌو. ڪرو يا مرو.

گانڌيجيءَ ۽ ونوباجيءَ پريم جي ڪچي ڌاڳي سان ڀارت جي جنتا کي سنگٺت ڪيو. هننجا هٿيار ها چت شڌيءَ لاءِ پرراٿنا ۽ گيتا جو اڀياس. سوڇ ڀارت بڻائڻ لاءِ، ڳانوَ صفائيءَ لاءِ هنن ڪنيو هٿ ۾ جهاڙو-ٻهاري. اُتم کيتيءَ لاءِ ڪنيائون هٿ ۾ ڪوڏر ۽ ڳانءِ بيل جي سيوا. وستر سواولمبن لاءِ ڪتب آندائون سستو چرخو ۽ تڪُلي. غريب ڀارت جي سيوا لاءِ هنن پاڻ سادگي ۽ غريبي جو جيون اپنايو. ان ڪري جنتا جا هو لاڏلا بڻيا. اِها وات اڄ بہ ڪارگر آهي ۽ اسان مان هرڪو اپنائي تہ ڌنيہ ڌنيہ ٿي سگهي ٿو. شل عمل ڪريون، صرف ڳالهائڻ ۽ لکڻ ڪافي نہ آهي! پنهنجي آتم چيتنا جاڳايون. پنهنجي آتم چيتنا سان لوڪ چيتنا، وشو چيتنا جو وڪاس ٿيندو ۽ جئہ-جڳت وشو شانتيءَ جو سپنو ساڪار ٿيندو! ١٩٤٥ ۾ جپان جي هيروشما ۽ ناگاساڪيءَ مٿان آمريڪا ائٽم بم ڪيرايا. سڄي دنيا اُن کي ننديو. ائٽمڪ هٿيارن جي اڄ امريڪا، فرانس، روس، اِنگلنڊ ۽ چين هڪ هٽي رکي ويٺا آهن. دنيا جي سڀني ملڪن کان سي-ٽي-بي-ٽي ٺاهہ لاءِ صحيون وٺي رهيا آهن. ڀارت مضبوطيءَ سان رخ ورتو آهي تہ پهرين سڀ ائٽم هٿيار ناس ڪيا وڃن. هنسڪ هٿيارن مان ڪنهن جو بہ ڀلو نہ ٿيندو. اِهو دنيا اڄ بخوبيءَ محسوس ڪيو آهي. ان ريت ڪنزيومرازم، ڊالر جي طاقت جا اڄ دنيا مٿان حاوي ٿي وئي آهي اُن خلاف بہ دنيا ۾ اسنتوش آهي. دنيا کي ونوبا جي ٽين شڪتي نيتڪ ۽ اڌياتمڪ شڪتي جي واڌاري لاءِ آواهن ڪندي جئہ-جڳت جو آدرش رکيو. اِهائي شانتيءَ جي شاهراهہ آهي.

جئہ جڳت

●●●●●

ضلعن جا عيوضي ڳڏجي راڄيہ ليول جا چونڊيل عيوضي چونڊين ۽ راڄيہ ليول جا عيوضي ملي مرڪزي پارليامينٽ جا عيوضي چونڊين. ان ريت سڄو سياسي چونڊن جو ڍانچو بدلي، پئسي بدران لوڪ نيتيءَ سان لوڪ شڪتي نرماڻ ٿئي. سائنس جو اُپيوڳہ ڳوٺن جي وڪاس لاءِ شري انا هزاريءَ ۽ شري موهن ڏاريا ڪري رهيا آهن اُن جو لاڀ پارت جي هر ڳوٺ کي ملي اُن لاءِ يڪشمت طاقت جي ضرورت آهي. شري اناهزاريءَ پنهنجي ڳوٺ ريلن سڌي (ضلع احمدنگر-مهاراشٽر) ۾ برسات جو پاڻي ٨٥ کوهن ۾ ڪٺو ڪري، کيتيءَ ۾ وڏو اِنقلاب آندو آهي. ايشور، قدرتي نعمتون پارت کي پرپور ڏنيون آهن. اُنهن جو وگيانڪ ڍنگہ سان لاڀ ورتو وڃي. گوبر گئس پلانٽ لڳائي گئو موتر ۽ گوبر سان سائنس جو فائدو ورتو ويو آهي. اُهو وڏائڻ گهرجي. شري اناهزاري ڳوٺ کي قرض مکت ۽ ويَسَنِ مڪت بڻايو آهي. ڳوٺ ۾ زبردست اِستري شڪتيءَ جي ڪارڻ پورڻ داروبندي آهي. انڪري شري اناهزاري جي مندر ۾ ڪيترائي سونا بلا تنگيل آهن سي سلامت آهن. مندر جا دروازا رات ڏينهن کليل رهندا آهن پر چوريءَ جو نالو ڪونهي 'جتي چوري نہ آهي سيني کي روزگار آهي. شراب نشي جي عادت نہ آهي. اُتي پوليس، ڪورٽ ۽ جيل جي کهڙي ضرورت ؟ انهن ئي پروگرامن کي عمل ۾ آڻڻ سان، اهنسا جي شڪتي وڏندي ۽ آزاديءَ جي ٻين لڙائي بہ جيتي سگهنداسين. اڄ ڪرسيءَ جي موهہ، پئسي جي موهہ جو وايومنڊل آهي، اهو وايومنڊل اِنساني سيتا کي ناس ڪري رهيو آهي. ان موهہ کي ختم ڪرڻ لاءِ ستيہ پريم ڪروٹا جو وايومنڊل جئن مهاتما گانڌي، آچاريہ ونوبا ڀاوي ۽ لوڪ نائڪ جئہ پرڪاش نارائڻ پنهنجي تياڳہ ورتي سان ڦهلايو جنهنڪري ڪيترن ڪرسيون، عيش جو جيون تياڳي، بليدان ڏنا اهڙو وايومنڊل وري نرماڻ ڪرڻو آهي. جنتا نہ انگريزن جي گولين جي پرواهہ ڪئي ۽ نہ اندرا گانڌيءَ جي اِمرجنسيءَ جي. انسان صرف شرير نہ آهي. اِنسان کي آتما آهي آتما جي چيتنا سان اڄ وري ٻين آزاديءَ لڙائيءَ لڙي اسان کي اڳتي وڌڻو آهي. ١٩٤٢ جي ڪرو يا مرو نهراءُ وقت مهاتما گانڌيءَ چيو تہ 'اوهان مون کي پنهنجو اڳوان ڪمانڊر ٿا چئو. مون وٽ نہ ڪا فوج آهي نہ ڪو هٿيار آهي. هٿيار آهي تہ صرف

ڪئي. وري مترن کان صلاحون گهريم. اُنهن تي به ويچار ڪيم. آخر ۱۹۲۲ ۾ ڌوليا جيل ۾ گيتائي آخرين طور تيار ٿي. اُن وقت، اُن ئي جيل ۾ گيتا پروچن جو جنم ٿيو. ساني گروجيءَ جي منگل ميه هٿن سان لکيل ڪاپي تيار ٿي. ايشور جي رٿا موجب هاڻي گيتا پروچن ساري ڀارت ۾ ڪيترين ئي ٻولين ۾ ترجمو ٿي، جنتا جي سيوا لاءِ حاضر ٿي.

منهنجو وشواس آهي ته منهنجي معرفت ٿيل ٻي سيوا دنيا وساري ڇڏيندي، پر گيتائي ۽ گيتا پروچن نه وساريندي. منهنجي هيءَ رچنا دنيا جي هميشهه سيوا ڪندي رهندي. ڇو ته گيتائي لکڻ وقت ۽ پروچن ڪرڻ وقت مان سماڌيءَ جي حالت ۾ هئس.

مون جو ڪجهه لکيو يا لکان ٿو، اُهو منهنجو نه آهي. مان پنهنجي سواميءَ جو مزدور آهيان. وڏن کان اِهو مونکي مليو آهي. اُهوئي مان ورهايان ٿو. ڪويءَ چيو آهي: ”تنهنجي اُدار سارسوت جي مهاساگر جو مان جيڪڏهن مين (مڇلي) بڻجي وڃان ته به منهنجي من جي ترشنا ڪڏهن به شانت نه ٿيندي.“ مونکي جو اهڙو ويچار-ڌن پراپت ٿيو آهي، اُهو مان ٿوري گهڻو ورهائي رهيو آهيان. مان هڪ ريزڪي واپاري آهيان. وڏن وڏن واپارين کان مال وٺندو آهيان ۽ اُهو ورهائيندو آهيان.

واطي سنت ڪرپا جي. ونيا جي رچنا ٻڙي.“

ڀارت جي ورهاڱي بعد، سنت ونوبا جيءَ سان، ڀاءُ دوارڪي سندراڻيءَ جي معرفت، سنبنڌ جڙيو. کاڌي گرام اُديوگ ڪميشن ۾ ڪم ڪندي، مهاراشٽرا جا دورا ڪندي، ڪيترن ئي سروودیه سيوڪن جي مترتا ملي، ڪيترن ئي ڳوٺن، آشرمن، اسڪولن ۽ سپائن ۾ ونوباجيءَ جي گيتائي جو پاٺ ٻڌڻ جو موقعو مليو. ونوباجيءَ جي جنم ڳوٺ گاگودا ۾، ونوباجيءَ جي جنم ڏن ۱۱ سيپٽمبر ملهائڻ جي هڪ موقعي تي، مهاراشٽرا ليجسليٽو اسيمبلي جي اِسپيڪر شري مڌوڪر راءُ چوڌري ۽ هنجي ڌرمپتني گڏجي اُٿي ٻيهي گيتائيءَ جو برزبان پاٺ ڪيو. ڏاڍو آنند آيو. ڪيترن ئي آديواسي ٻارن کان به گيتائيءَ جو پاٺ ٻڌي مونکي پريرڻا ملي ته هنڙي سندر گيتائي

سنت ونوبا ڀاوي

جي

’گيتائي‘

سنت ونوبا جي بار بار چوندا ها تہ ’بابا کي وساريو، گيتائيءَ کي ياد رکو.‘ گيتائيءَ جي اهميت ان مان ظاهر آهي. گيتائيءَ جي سنٻنڌ ۾ ونوباجيءَ لکيو تہ منهنجي ماءُ، مونکي چيو تہ ’ونوبا، گيتا جو سرل مرائي ڪوتا ۾ ترجمو تون ڇو نہ ٿو ڪرين؟ تون تہ اِهو ڪري سگهين ٿو.‘ ماءُ جي ان شرڌا مون کي گيتائي لکائي. گيتا سنسڪرت ۾ هئڻ ڪري، اُن جو چنتن، منن ۽ نديڌياسن ڪرڻ اسان جي عام ماڻهن لاءِ ممڪن نہ آهي. ان ڪري مرائيءَ ۾ گيتا لکڻ جي اِڇا هئي. ان لاءِ مانسڪ يوگہ ۽ ٻيون سهوليتون ۱۹۳۰ ۾ ملي سگهيون.

گيتا جو ارٿ لکڻ وقت، گيتا جي پنجين اڌياءُ منهنجا ڪيترا ورهيہ ورتا. مان اُن اڌياءُ کي گيتا جي ڪُنجي مڃان ٿو. اُن جي ٻي ڪنجي آهي چوٿين اڌياءُ جو ۱۸ سلوڪ ’ڪرم ۾ اَڪرم ۽ اَڪرم ۾ ڪرم.‘ اُن جو ارٿ جو مونکي خيال ۾ آيو اُن جو پرڀاءُ گيتا پروچن تي ٿيو.

تاريخ ۷ آڪٽوبر ۱۹۳۰ ڏينهن، پرڀات جو پنجين بڄ پرارٿنا بعد، گيتائي لکڻ جي شروعات پنجين اڌياءُ سان ڪئي. ’سرن ۾ سر پنچم-ورڻ ۾ ورڻ پنچم.‘ اِن ريت گيتا ۾ اڌياءُ پنجون ٦ فيبروري ۱۹۳۱ ۾ ڳيتائي لکڻ جي سماپتي ٿي. ايتري ويچار ڪرڻ ڪانسواءِ سنتوش نہ پئي ٿيو. ان ڪري آشرم جي ننڍين ڇوڪرين جي هڪ ڪلاس کي گيتائي سيکارڻ جو تجربو شروع ڪيم. جتي جتي ٻارن کي ڏکيائي محسوس ٿي، اُتي درستي

چرنن ۾ ارپڻ ڪر. گيتا ۾ ’ڪرم يوڳ‘ جو ’ڀڳتي يوڳ‘ سان سندر ميلاپ آهي. وري ٻنهي جو سنٻنڌ ’گيان يوڳ‘ سان آهي. گيان ڇا آهي؟ گيان اندر جي نرمل جوت آهي. پر اِها ڪئن چمڪي؟ پاڻ کي صاف ڪر. ترشنائن ۾ ڀٽڪڻ بند ڪر. اندرين تي ظابطو رک. من کي وڪارن کان روڪ. نشڪام ڪرم يوڳ جو آچرڻ ڪر. سانت ۾ ويهي اُن پريوءَ جي ڪرپا حاصل ڪر ته پنهنجو پاڻ تنهنجي اندر ۾ اُها نرمل جوت جاڳندي جا تنهنجي تن ۽ من کي ٺاري ڇڏيندي. جيون ۾ بهار اچي ويندي. گيتا جي ڀاڱيءَ ۾ اُهو پيغام آهي جو دنيا کي جيڪر نئون ڪري ڇڏي. اُها روحاني روشني آهي جا ساري سنسار کي اوندھ انڌڪار مان پرڪاش ۾ آڻي! شل گيتائيءَ جي گيان روپي جوت سيني جي هرديه ۾ گهڙي سيني جي جيون ۾ نئين جوت جاڳائي.“


هن کان اڳ آچاريه ونوبا ڀاوي جو گيتا پروچن، ڀاءُ دوارڪي سندراڻيءَ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري، سنڌي جاتيءَ جي وڏي سيوا ڪئي آهي. سنڌي گيتا پروچن لوڪ پريه آهي. گهٽي ئي ڇاپا اُن جا اڄ تائين ڇپيا آهن ۽ ٻيا به گهٽي ئي ڇاپا وري وري به ڀيا ڇپبا. پر گيتا پروچن تفصيلن سان سمجهائڻ سبب وڏو ٢٠٠ صفحن جو ڪتاب اهي. گيتائي سلوڪن جو ارٿ ٿوري ۾ آهي. صرف ١٢٨ صفحا، انڪري اهي سلوڪ چاهي اُنهن جو سولو ارٿ برزبان ياد ڪري، پاٺ ڪرڻ ۾ سهوليت وارا آهن. سنڌي سماج ۾ ديوناگريءَ جي به ڪافي ڄاڻ آهي. اُن ڪري ونوباجيءَ جا رچيل گيتائيءَ جا مراٺي اصلوڪا سلوڪ به، جنتا جي لاڀ لاءِ، سنڌي ترجمي سان گڏئي ڇپيا وڃن ٿا ته جئن ڀائر ڀينر انهن جو به آنند ماڻين.

اُميد آهي ته گهرن جا وڏا مائٽ، سنڌي اسڪولن جا وديا گرو، ۽ ڪٽي سماج سيوڪ ڀارن چاهي عام جنتا کي گيتائي سلوڪ برزبان ياد ڪرائيندا، جئن مهاراشٽرا ۾ عام جنتا ۾ ياد ڪري جاپ ڪرايا ويندا آهن. سنڌي سماج ۾ چت شڌي، آڌياتمڪتا لاءِ گهٽي حب آهي. انڪري آتمڪ آنند ماڻڻ لاءِ ۾

جي ڇاڻ سنڌي سماج کي ملي ته سماج جو ڪلياڻ ٿيندو. ڪوشش ڪيم ته جي ڪو سنڌي ڪوي، گيتائيءَ جو سنڌي ڪوتا ۾ ترجمو ڪري ته ڇپائجي.

ڪافي وقت اِنتظار ڪندي ترسيس، پر گيتائيءَ جو سنڌي ڪوتا ۾ ترجمو حاصل نه ٿيو. آخر ويچار ڪيم ته سنڌي ڪوتا ۾ گيتائيءَ جو ترجمو، ايشور اِڇا سان، جڏهن مليو ته اُهو ته ڇپائبو. پر جيسين سنڌي ڪوتا ۾ ملي، تنهن وچ ۾ جي گيتائيءَ جو سنڌي نثر ۾ به گيتائيءَ جو ترجمو سنڌي سماج جي سيوا ۾ رکجي ته اُهو به لاڀدائڪ ٿيندو. چت شُڌي لاءِ هتي ملندي. خوشقسمتيءَ سان سنت ونوبا ڀاوي جي آشرم برهم وديا مندر پونار ۾ رهندڙ، سنڌي ساڌڪا ڀيڻ شانتي ڪرپالاڻيءَ، اُنساهه ڏيکاريو ۽ لڳاتار محنت ڪري سنڌي ترجمو تيار ڪيو. ڏاڍي خوشي ٿي. ڀيڻ شانتي ڪرپالاڻيءَ سنت ونوباجيءَ جي رهنمائيءَ هيٺ شاسترن جو گهڻو اڀياس ڪيو آهي. ساڌنا ڪئي. پنهنجي پرواچن ۽ ليکن ذريعي هن سماج جي سيوا پڻ ڪئي آهي. ڀڳوان گوتم ٻڌ ئي سندس لکيل ڪتاب ڪافي لوڪ پريه ٿيو آهي. وقت به وقت سنڌي ’هندواسي‘ ۾، سندر ويچارن وارا ليکه به ڀيڻ جا ڇپيا آهن. ڀيڻ شانتي ڪرپالاڻي جو شڪر گذار آهيان جو هن گيتائيءَ جو سنڌي ترجمو، سنڌي سماج کي ڀيٽ ڪيو آهي. ڀيڻ شانتي ڪرپالاڻيءَ گيتائي جي سنبنڌ ۾ لکي ٿي ته ’گيتا هڪ ڌرمي، روحاني ۽ جيون لاءِ ڪارگر گرنٿ آهي. هن گرنٿ جيون جي هر پهلوءَ تي روشني وڌي آهي. پر اِهو سنسڪرت ۾ هئڻ ڪري عام جنتا لاءِ سمجهڻ گهڻو ڏکيو آهي. ان ڳالهه کي ڌيان ۾ رکي آچاريه ونوبا ڀاوي شريمد ڀاڳوت گيتا جو سرل ۽ سليس مرهٽي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي. جنهن کي گيتائي سڏبو آهي. اُن گيتا گيان جو فائدو اسان سنڌي ڀائر ۽ ڀينر به وٺي سگهون اُن خيال کان مون سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرڻ جو ساهس ڪيو آهي. ارجن يعني سرل سڀاءُ، اُن سرلتا جي اڳيان ڀڳوان شري ڪرشن گيان جو ڀنڊار کولي رکيو آهي. ڀڳوان شري ڪرشن چوي ٿو: اي ارجن! تون اُٿ، سجاڳ ٿي، توکي ڪم ڪرڻ جو حق آهي پر ڪرم جي ڦل وٺڻ جو ناهي. تون ڪرم ڪندو رهه ۽ ڦل کي پرڀوءَ جي

لوڪ نائڪ
جئہ پرڪاش نارائڻ



ڀارت جي آزادي آندولن جي مهان نرڀئہ يوڌي، سمپورڻ ڪرانتيءَ جي مهندار، لوڪشاهي سماجواد جي رهنما، لوڪ نائڪ جئہ پرڪاش نارائڻ جو ٩٧ جنم دن ١١ آڪٽوبر ١٩٩٨ ڏينهن ڀارت جا نوجوان، آزاديءَ جا اُپاسڪ گهڻي شرڌا سان ملهائيندا.

آمريڪا مان تعليم پوري ڪري جڏهن جئہ پرڪاش نارائڻ ڀارت ۾ موٽي آيو تہ هن جي اِڇا هئي تہ سماج ۾ نوجوانن کي، وشو وديالين جي ذريعي سماجڪ مسئلن جي گهري اڀياس ڪرڻ لاءِ سوشالاجيءَ جي سماج شاستر جي سکيا ڏيڻ لاءِ ڪوشش ڪريان. بنارس يونيورسٽيءَ سان ڳالهيون شروع ڪيائين، پر پنڊت جواهرلعل نهروءَ کيس پاڻ ڏانهن ڇڪيو. چيائينس تہ تون ڀارت جي آزاديءَ جي ڪاريہ لاءِ انڊين نئشنل ڪانگريس کي ڀوروساٽ ڏي ۽ کيس ڪانگريس جو 'مزدور ڪوچ وڀاڳہ' جو ڪاريہ سنڀالڻ لاءِ ڏنائين. ٦ مهنن جي اندر جئہ پرڪاش پنهنجي مڌر سڀاءَ ۽ قابليت سان سڀني کي موهيو. کيس ڪانگريس جو منتري مقرر ڪيو ويو. جواهرلعل سان گڏ ڪم ڪندي ٻنهي جي مترتا گهاٽي ٿي وئي. ٻاٽم پريوارڪ سنبنڌ بہ وڌين.

١٩٣٢ ۾ لنڊن ۾ گول ميز ڪانفرنس جي ناڪامياب ٿيڻ ڪري گانڌيجيءَ ستياگره آندولن شروع ڪيو. ٢ فيبروري ١٩٣٢، جئہ پرڪاش

هي ۽ گيتائي ضرور ڪارائتي ٿيندي.

گيتا پڙهڻ بعد جي ڪي ڳالهيون، ساڌڪ پاڻڪ وڌيڪ صفائيءَ سان سمجهڻ چاهين ته پيڻ شانتي ڪرپالاڻيءَ سان لکپڙهه ڪن يا گيتائي ڪلاس هلائي روبرو هنجو سهيوگ حاصل ڪري سگهن ٿا. اِستول گيان ڪان سوڪيم گيان پراپت ڪرڻ لاءِ وڌيڪ اڀياس ۽ ڌيان ضرورت آهي.

اسان جو سارو جيون، رجو-تمو ۽ ستو گڻن جي پرڀاوَ هيٺ رهي ٿو. اِن ريت سنسار انهن ئي ٽن گڻن جي چڪر ۾ ڪيل ڪيليندو رهي ٿو. پنهنجي اندر ۾ چيتنا شڪتي جاڳائي، نشڪام سيوا ۽ سنجم سم ڀاوَ سان ان راند ۾ رمندا رهنداسين ته سٺورتي، سڦلتا ۽ سمپورڻتا حاصل ڪري سگهنداسين. گيتائي ان چيتنا شڪتيءَ جي جاڳائڻ ۾، لاشڪ، اسان کي وڏي مدد ڪري ٿي. جيترو ڌيان سان، گهرائيءَ سان اُن جو اڀياس ڪنداسين اوترو وڌيڪ ۽ وڌيڪ سوڪشم پرڪاش پائينداسين.

اُميد آهي ته گيتائيءَ جي اڀياس سان، اسان جي سنڌي سماج ۾ سِوَ ڌرم پالنا ۽ وشو شانتيءَ لاءِ اُتساهه وڌندو، وڪاس ٿيندو.

جئہ جڳت!

●●●●●

ڪيو. جئہ پرڪاش مدراس ۾ گرفتار ٿي، ١٩٣٢ ۾ ناسڪ جيل ۾ هڪ سال جي سزا ڪاٽي رهيو هو. اُتي هن ڏٺو تہ ڪي ڪانگريسي اسيمبلين لاءِ اُتسڪ آهن ۽ ڪي بي همت ٿي پيا آهن. انهن ڳالهين تي سوچيندي، جئہ پرڪاش نارائڻ کي لڳو تہ ڀارت جي ڪسانن ۽ مزدورن جي سنگٺن سان ئي ڀارت آزاد ٿي سگهندو، ڪسان-مزدور راڄ نرماڻ ٿي سگهندو ۽ سماجواد جو نرماڻ ٿيندو.

١٧ مئي ١٩٣٤ پٽنا ۾، آچاريہ نريندر ديو جي صدارت هيٺ شاهي سماجوادي سميلن ٿيو. اُتي اکل ڀارتيہ سماجوادي پارٽي ناهڻ جو يڪراءِ فيصلو ڪيو ويو. پارٽيءَ جو مهامنتري جئہ پرڪاش نارائڻ کي چونڊيو ويو. هن پارٽيءَ کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ساري ديش جا دورا ڪيا. ڪسانن، مزدورن، نوجوانن، مهلائن ۾ آزاديءَ لاءِ سماجواد لاءِ گهڻي جاڳرتا ڦهلائي. جئہ پرڪاش هڪ ڪتاب لکيو سماجواد ڇو؟ Why Socialism ڪتاب نهايت لوڪ پريہ ٿيو. آندولن کي وڏي هٿي آئي. ١ سيپٽمبر ١٩٣٩ بي مهاڀاري يڌ شروع ٿي. انگريزن ڀارت کي يڌ ۾ شامل ڪيو. جئہ پرڪاش اُن جي سخت مخالفت ڪئي. انگريزن جئہ پرڪاش کي وري گرفتار ڪري هزاري باغ جيل ۾ بند ڪيو. مهاتما گانڌيءَ چيو تہ ’سماجواد جي آچاريہ جئہ پرڪاش جي گرفتاري غلط آهي.‘ جواهرلعل چيو تہ ’جئہ پرڪاش کي گرفتار ڪري اسان کي چئلينج ڏنو ويو آهي. اُن جو اسين مقابلو ڪنداسين.‘

١٩٤٠ ۾ جئہ پرڪاش جيل مان ڇٽي ٻاهر آيو تہ آزاديءَ لاءِ زير زمين، انڊر گرائونڊ ٿي سرڪار خلاف زوردار تحرڪ شروع ڪيائين. سرڪار کيس پڪڙي وري هزاري باغ جيل ۾ بند ڪيو. مگر جئہ پرڪاش نارائڻ ۽ هنجا پيا پنج ساٿي، ١٩٤٢ جي ڏياريءَ جي انڌيريءَ رات ۾ جيل جي ديوار ٽپي، پوليس کي چڪمو ڏئي وري وڃي آزادي آندولن لاءِ زير زمين ڪاريہ ڪرڻ لڳا. ساٿين کي ڪٺو ڪري، ڪرانتيءَ جي چنگاري ڦوڪڻ لڳا. جئہ پرڪاش جي ڪوشش هئي تہ ڀارت ۾ ٢٥٠ ضلعا آهن ۽ هر ضلع ۾ ٢٠ پوليس ٿاڻا آهن. هرهڪ ٿاڻي ۾ پنج اِنقلابي نوجوان گهڻي آسانيءَ سان ڪرانتي آڻي سگهن ٿا.

سرڪار ١٨ سيپٽمبر ١٩٤٣ ڏينهن مغلسراءِ اسٽيشن تي جئہ پرڪاش کي پڪڙي، لاهور جيل ۾ بند ڪيو. لاهور جيل ۾ کيس نهايت گهڻي ئي تڪليفون ڏنيون ويون. پر هن سڀ صبر سان سٺو. پوليس کي آندولن بابت

جي ڏرمپتني پرياوتي ديويءَ کي انگريز سرڪار گرفتار ڪيو. انگريز سرڪار خوب زور آزمايو. ظلم جو گهوڙو تيز ڪيو. پر ته به پارٽ جي جدا جدا هنڌن تي ڪانگريس آندولن پنهنجو جوهر ڏيکاريندو رهيو. سي - آءِ - ڊي وارا پريشان ها ته جڏهن اڳوان جيلن ۾ بند آهن ته هاڻي ان آندولن جي سڦلتا لاءِ ڪهڙو ماڻهو ڪم ڪري رهيو آهي؟ آخر سي - آءِ - ڊي جئه پرڪاش جي پنيان پيئي ۽ کيس گرفتار ڪيائون. ڀارت جي اخبارن وڏن سرن سان لکيو 'ڪانگريس برين آريسٽيڊ'، 'ڪانگريس جو سوتر سنچالڪ گرفتار.'

جئه پرڪاش آمريڪا ۾ ڪارل مارڪس، لينن جي ساهتيه جو اڀياس گهڻي دلچسپيءَ سان ڪيو. چوندو هو ته لينن جي رومانچڪاري سڦلتا جو ورنن پڙهندي مان ڪڏهن ٿڪبو ئي نه هوس. پنهنجي 'ويچار ياترا' ۾ جئه پرڪاش لکيو: شروع ۾ مان ڪٽر راشٽر وادي هئس. منهنجو لاڙو ڪرانتڪاري طريقن ڏانهن هو. ته به، دين آفريڪا ۾، گانڌيجيءَ جي ستياگره جي سڦلتا منهنجي نوجوان من کي موهي ڇڏيو. منهنجا اِنقلابي ويچار اڃان پڪا نه ٿيا ها ته گانڌيجيءَ جو پهريون ستياگره آندولن هڪ زوردار طوفان جيان ساري ديش ۾ ڇانئجي ويو. اُن زماني جي اُنهن هزارين نوجوانن مان، مان به هڪ هوس جو سڪل پنن جيان طوفان ۾ اُڏامي ڪجهه وقت لاءِ آسمان ۾ پهچي ويو هئس.

هيءُ ئي اُهو وقت هو، جڏهن سوتنترتا منهنجي جيون جي هڪ آڪاش ديپ بڻي. اڳتي هلي اُهائي اِنساني آزادي، ويچار جي آزادي، آتما جي آزادي بڻجي وئي. اِها آزادي منهنجي جيون جي هڪ نشنا تي وئي آهي. مان روٽيءَ لاءِ، ستا لاءِ، سلامتيءَ لاءِ، خوشحاليءَ لاءِ، راڄ جي شان لاءِ، يا ٻيءَ ڪنهن به چيز لاءِ اُن سان سمجهوتو نه ڪري سگهندس.' 'مارڪسواد، سمانتا ڀائيچاري جي هڪ ٻي جوتي مون ۾ جاڳائي. صرف آزادي ڪافي نه آهي. اُن جو ارٿ ٿيڻ گهرجي سڀني لاءِ آزادي. اُنهن جي به آزادي جي بلڪل هيٺئين سطح تي آهن. ان آزاديءَ ۾ ظلم کان، بک کان، دريدرتا کان مڪتي به شامل ٿيڻ گهرجي.

ڪرانتيءَ جي ديواني جئه پرڪاش جڏهن گهرائيءَ سان کوج ڪئي ته هن کي معلوم ٿيو ته ڀارت جي ڪميونسٽ پارٽي روس جي ڪٺپتلي آهي. اُنهن ڏينهن ۾ جي روس ۾ ڳالهيون ٿي رهيون هيون، اُنهن جئه پرڪاش جي من کي سچيت ڪيو ۽ مارڪس جي بنيادي سڌانتن تي وري سوچڻ لاءِ مجبور

ضرورت آهي؟ ساڳي شڌيءَ، چت شڌيءَ جي اوک ڊوک ڪندي جئه پرڪاش کي چٽائيءَ جي پريرڻا لاءِ، ڪالهه جي گهور ناستڪ کي اڄ آستڪ بڻايو.

جئه پرڪاش سار عمر سچ جي، ڪرانتيءَ جي لوڪ شڪتيءَ جي کوج ڪندو رهيو. امرجنسيءَ جي وقت چنديگڙهه جيل ۾ هن پنهنجي جيل ڊائريءَ ۾ لکيو:

’سڦلتا ۽ ناڪاميابين جا ارٿ مون لاءِ نرالا آهن.‘

’اتهاس کان پڇو ته سال اڳي ڇا مان پرڌان منتري نه ٿي بڻجي سگهيس؟ پر مون ڪرانتي کوجنيڪ لاءِ، ڪرانتي شوڌڪ لاءِ، کي ٻيا رستا ئي پسند آهن، مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ،

رستا تياڳ جا، سيوا جا، نرماڻ جا،
رستا سنگهرش جا، سمپورڻ ڪرانتيءَ جا،
جڳه جنهنکي ناڪاميابي ٿو چوي،
اهي شوڌ جون، کوج جون، منزلون هيون!
اهي منزلون ڳٽي نه ٿيون سگهجن،

آدرش به ڪافي دور آهي.
مون کي ڪٿي رڪٽو نه آهي.
مارگ کيترو به ڏکيو هجي.

منهنجي سنگهرش ۽ ڏکاين مان ايندڙ ڪرانتيڪارين جو رستو ٿورو صاف ٿيندو، سولو ٿيندو.‘

امرجنسيءَ کانپوءِ جئه پرڪاش پرشٽاچاري حڪمران پارٽيءَ جي خلاف باقي سڀني پارٽين کي گڏي جنتا پارٽي ٺاهي، جنتا کي زبردست سوڀ حاصل ڪرائي. اُن زماني ۾ ڀارت جي ٻوٽ ٻوٽ ۾ ۽ شهرن جي گلي گليءَ اِهو نعرو لوڪ پريه هو، بلند هو ’انڌيري ۾ ايڪ پرڪاش،

جئه پرڪاش، جئه-پرڪاش!

۵ جولاءِ ۱۹۷۹، جئه پرڪاش نارائڻ ڀارت ۾ سمپورڻ گئو رکشا لاءِ، پارليامينٽ جي سڀني ميمبرن کي هڪ کليل خط لکندي اپيل ڪئي ته ڀارت جي سڀني ناگرڪن جو فرض آهي ۽ سندس عيوضين جي خاص جوابداري آهي

ڪجهه به ٻڌائڻ کان اِنڪار ڪيو. ڄي پرڪاش کي پوليس ڏينهن چاهي رات ننڊ ڪرڻ ئي نه ڏني.

پر حالتون بدليون. ڪئبينيٽ مشن ڀارت ۾ آئي. هوم منسٽر ڄي پرڪاش کي مليو. ڄي پرڪاش ڪيس سڌو ٻڌايو ته اهنسا چاهي هنسا سان ڀارت جي آزاديءَ لاءِ لڙندا رهنداسين.

جواهرلعل ۽ گانڌيجيءَ جي پرياءَ هيٺ سڀني راڄنيتي قيدين جي آزاد ٿيڻ کانپوءِ آخر ۾ ١١ اپريل ١٩٤٦ جو ڄي پرڪاش ۽ لوهيا کي سرڪار آزاد ڪيو.


انگريز سرڪار ڀارت جا ٻه ٽڪرا ڪري آزادي ڏني. گانڌيجيءَ نهايت دکي هو. هنکي ورهاڱو پسند نه هو. ڄي پرڪاش کي به ورهاڱو قبول نه هو. گانڌيجيءَ جي اِڇا هئي ته ڪانگريس جو اڌيڪش، پرڌان ڄي پرڪاش ٿئي ۽ سماجوادي ٽوليءَ جي مدد سان سرڪار سان وري ٽڪر کائجي. پر حالتن اڳيان گانڌيجي چپ ٿي ويو. ڄي پرڪاش چيو ته 'هڪ غلطي گانڌيجيءَ ڪئي جو ورهاڱي جو ڪليو وروڌ نه ڪيائين. ٻي غلطي مون ڪئي جو مون گانڌيجيءَ جي ڳالهه چپ چاپ ۾ مڃي.'

ڄي پرڪاش ڪسانن، مزدورن، ريلوي، ٽپال، تار، شستر سر انجام جون وڏيون اکل ڀارتيه يونينس ٺاهيون. اُنهن جو هو پرڌان هو. ٢٢ جون ١٩٥٢ ۾، تار کاتي جي وزير جي انجام تان قرڻ ڪري ڄي پرڪاش ٽن هفتن جو اُپواس رکيو. برهم وديا مندر جي ڀينرن کي چيائين ته 'هن اُپواس جي ڏينهن ۾ مون اِهو محسوس ڪيو ته ڀوتڪ واد (مٽيريلزم) مان چڱائي، سداچار 'Insentive to Goodness' سٺالن جي زماني ۾ سٺو مقصد پوري ڪرڻ لاءِ ڪجهه به سهي، غلط ساڌن ڪم آڻڻ جي جا نيتي هلي، جو استيه هليو، مٿياواد هليو، اُن تي مون گهڻو ويچار ڪيو. مونکي لڳو ته ڀوتڪواد مان چڱائيءِ جي پريرڻا نه ملندي. ماڻهوءَ جي مرڻ تي دروِيه -ڀوُت ۽ ڀوت درويه ۾ ملي ويندو ته پوءِ ماڻهو نيتڪ وهنوار ڇو ڪري؟ اُدار ڇو ٿئي، ڇو ديالو ٻڻجي؟ ڇو نسوارٿي ٿئي؟ ٻين جي دکن ۾ دکي ڇو ٿئي؟ دکين جي لاءِ ڪجهه ڪرڻ جي پريرڻا هنکي ڇو ٿئي؟ وڌيڪ چيائين ته 'اگر ڪائي اهڙي آستا نه هجي ته انتم ستيه آهي، ته جيون جو ڪوئي مقصد ئي نه رهندو. پوءِ هن سوال جو جواب ئي نه ملندو، ته آدميءَ جي ڄڻي ڄيڻ جي کهڙي

”سمپورن ڪرانتي“، ”شانتيمئہ اِنقلاب“

جو رهنما

لوڪ نائڪ جئہ پرڪاش نارائڻ



ڀارت جي آزاديءَ جي سورڻ جينتي سال جي موقعي تي، جن اِنقلابي اڳوانن پنهنجو سرونس آزاديءَ لاءِ ٻليدان ڏنو، انهن ويرن جي ياد ۾ شرڌا سان سر جهڪايون ٿا. اُنهن ويرن ۾ لوڪ نائڪ جئہ پرڪاش نارائڻ جو خاص اِستان آهي. ۱۹۴۲ جي ڏياريءَ جي اونداهي رات جو هزاري باغ جيل مان ڀت ٽپي، زير زمين ڪاريہ ڪندي هن ڀارت ڀر جي ڪرانتڪارين، نوجوانن ۽ آزاديءَ جي اُپاسڪن جو حوصلو بلند رکي، برٽش سرڪار کي نهايت گهڻو پريشان ڪيو. جڏهن ڪانگريس نيتائن کي انگريز سرڪار ۱۹۴۵ ۾ جيلن مان آزاد ڪيو تہ جئہ پرڪاش ۽ ڊاڪٽر رام منوهر لوهيا، سوشلسٽ اڳوانن کي آزاد ڪرڻ کان اِنڪار ڪيو. مگر مهاتما گانڌي ۽ جواهرلال نهروءَ جي خاص ڪوشش بعد کين آزاد ڪيو ويو. لاهور جيل ۾ هنن کي سرڪار خوب تڪليفون ڏنيون. پر هن ويرن پرواه نہ ڪئي. جڏهن جيل مان آزاد ٿيا تہ ساري ڀارت ۾ ٽپي ٽپي تي سندس شاندار سواڳت ڪيو ويو. جئہ پرڪاش

تہ ڀارت جي جوڙجڪ ٺاهيندڙ بزرگن جي فيصلي جي پوريءَ طرح پوئواري ڪن. پارٽيبازيءَ جو لحاظ غلط آهي ڇو تہ ڀارت جو جوڙجڪ سڀ کان اونچو آهي.

(No Consideration of Party loyalty should affect your views on this matter, as the question of honouring the constitution of India must necessarily have a paramount place in your thought)

اڄ جي پارليامينٽ جي ميمبرن کي پارٽيبازيءَ کي ڇڏي جئہ پرڪاش نارائڻ جي ڳالھ مڃي گئو رکشا قانون يڪراءِ پاس ڪرڻ گھرجي.

جئہ پرڪاش نارائڻ جو سنڌي ڪاريہ ڪرتائن سان بہ پريم هو. دادا دڪايل لاءِ لکيائين تہ جڏهن هو ڪنجري تي ٿاپ هڻي، بلند آواز سان ڳائي ٿو 'دي-دو آب يومي دان' يا 'جئہ جڳت، جئہ-جڳت ڳائي جا' تہ ائين لڳندو آهي تہ هوبهو ڪرانتيءَ جي مورتي للڪاري رهي آهي.

ياءُ دوارڪي سندراڻيءَ جي نئين تعليم جي ڪاريہ کي پنهنجي ليکہ ذريعي خوب همٿايائين.

مان سندس ڳوٺ منفر ۾ ساڍن ڏهاڪو ڏينهن رهيس. خوب رهاڻيون ڪيوسين. ڳوٺ جي مون سروي ڪري ڪيس ٻڌايو تہ هر هڪ ڳوناڻي جي سراسري ڪمائي صرف اوڻيھ پئسا آهي. ڪيس مان اُلهاسنگر ۾ بہ وني آيس. ميونسپل مانپتر ءِ ڳوٺري بہ ييٽ ڪئي.

سنڌين لاءِ هن کي خاص کھڪاءُ هو. چوندو هو تہ سنڌي هندو آهن، انڪري مئجارٽيءَ ۾ آهن پر سنڌي آهن انڪري مئنارٽي ۾ آهن. سنڌين کي مئنارٽي حق ملڻ گهرجن پارليامينٽ ۾ عيوضي ملڻ گهرجن.

اڄ هن مهاپرش جي جنم دن ڏينهن اڄو تہ اندر ۾ جهاتي پايون، ڀارت مان پرشٽاچار، آتنڪواد، غريبي، بيماريءَ جهالت دور ڪرڻ لاءِ اسان پاڻ ڇا ڪري رهيا آهيون؟ شل ايشور اسان کي روشني ڏئي، سمتي ڏئي، نرڀيتا ڏئي جئن اسان بہ ان وير جيان سمپورڻ ڪرانتيءَ جي شاهراھ تي هلي، پنهنجو جيون سڦل بڻايون! عهدا، ڌن، ناماچار ڪجھ نہ آهن. گرونانڪ صاحب جي سکيا آهي نرڀيہ-نرويرَ ٿيڻ، آد سچ، جڳاد سچ، هئہ ڀي سچ، نانڪ هو سي ڀي سچ!

●●●●●

۾ آيو. پنهنجي جان جي بازي لڳائي، جوکم جي پرواه نہ ڪري نڪسلوادي ايراضين ۾ گهمڻ لڳو. موت جي خطري جي هن پرواه نہ ڪئي. هو سچن، نسوارت هو. جتي هو ڪا غلطي ڏسندو تہ اُها هڪدم قبولي واپس وٺندو هو. هنجو وشواس هو تہ پارٽ جو وڪاس صرف راڄنيتيءَ سان نہ ٿيندو. اُن لاءِ اڌياتمڪ درشنيءَ سان ڪاريہ ڪرڻ پوندو. برهم وديا مندر آشرم ۾ پرگياپٽ تي جئہ پرڪاش ۽ پرياوتيءَ جي نالي بہ انبن جا وڻ لڳايا آهن. مان روز چوندو آهيان جئہ پرڪاش پرايڪتي، تُلسي رامائڻ گاتي.' 'جئہ پريا ٻڌن ٿا، تلسيداس رامائڻ ڳائي ٿو.' جئہ پرڪاش سڄ اُيرڻ کان ڪلاڪ ڏيڍ اڳہ اُٿندو هو. اڌياتمڪ شبد، سُوتر، منتر گنگنائيندو هو يا ٻڌندو هو. جئہ پرڪاش ويو. مگر ٻاهر نهاريو ڏسو پرڪاش، جئہ پرڪاش - جئہ پرڪاش!'

لوڪ نائڪ جئہ پرڪاش نارائڻ ونوباجيءَ کي ملڻ لاءِ برهم وديا مندر ۾ وقت بہ وقت ويندو هو. جولاءِ ١٩٧١، آشرم جي ڀينرن سان هنجو دلچسپ وارتالاپ ٿيو. جو 'مئتري' ۾ هن ريت آيو آهي. ڀينرن جو سوال: اڌياتمڪ ڀاشا جو اِستعمال ڪرڻ اوهان جو سڀاءُ نہ آهي. پر ٻاپو پريوار جي اڌياتمڪ منڊل ۾ اوهان سهج ورتاءُ ڪريو ٿا، اوهان جي جيون ۾ آخرين مقصد ڇا آهي؟ اُن لاءِ اوهان پنهنجي زندگيءَ کي موڙ ڏيڻ لاءِ ڇا ڪيو آهي؟

جئہ پرڪاش: اڌياتمڪ ڀاشا جي ورتيءَ جو سوال نہ آهي جو سڀاويڪ لڳي ٿو اُهو ڪريان ٿو. مان جڏهن اسڪول ۾ پڙهندو هوس تڏهن سوراج آندولن هلي رهيو هو. اسان جو ديش ڪئن آزاد ٿيندو؟ غلاميءَ مان مڪت ڪئن ٿيندو؟ من ۾ تيز ڀاونا رهندي هئي. من بيقرار رهندو هو. بينگال جي اِنقلابين سان ملاقاتون ٿينديون هيون. مگر ڪجهہ صاف رستو نظر نہ پئي آيو. پڙهائيءَ لاءِ آميريڪا ويس. ڪرانتڪاري مارگہ سان ديش کي آزاديءَ لاءِ سوچيندي، طرح طرح جي تڪليفن، خطرن، قربانين لاءِ پاڻ کي تيار ڪرڻو هو. تمام سويل اُٿي، ٿڌي پاڻيءَ سان سنان ڪري، روزانو نيم سان گيتا جو پاٺ ڪندو هوس. وري اِهو خيال ايندو هو تہ ديش آزاد ٿيندو تہ غريبن لاءِ خاص ڪجهہ ڪرڻو پوندو، انهن سان ٿيندڙ انياءُ ختم ڪرڻو پوندو. ان ڪري ڪميونزم ۽ سماجواد جي ويچارن ڇڪيو. ڪميونسٽ ساهتيہ خوب پڙهيو.

۽ سندس سائي پارت جي انڊين نئشنل ڪانگريس جي اڳواڻن کي آزاديءَ جي آندولن کي تيز رکڻ لاءِ، وديارٿين، مزدورن، ڪسانن کي سوتنترتا حاصل ڪرڻ لاءِ اِنقلابي ذهنيت ڦهلائي جاڳرت رکڻ لاءِ چست ڪندا رهيا. هو ورهاڱي جي خلاف هئا. هنن جو هندستان جي عام جنتا جي قرباني ۽ ٻليدان جي ڀاونا ۾ گهڻو وشواس هو.

جواهرلال نهروءَ پرڌان منتري بڻجڻ بعد بار بار ڪوششون ڪيون تہ جئہ پرڪاش مرڪزي وزرات ۾ وزير ٿي، سندس جاءِ پرڻ لاءِ اچي. مگر جئہ پرڪاش اِنقلابي نيتين، ڪرانتڪاري پاليسين کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ زور پريندو رهيو. ڪرسي، عهدو، پئسو يا ناماچار جو هن ڪڏهن بہ لوڀ نہ رکيو. سدائين جنتا جي ڀلائيءَ جي پروگرامن کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ طوفاني تحريڪ هلائيندو رهيو.

آچاريہ ونوبا ڀاوي:- ”جئہ پرڪاش کي ياد ڪندي لکيو آهي تہ ’جئہ پرڪاش جي وديا حاصل ڪرڻ لاءِ آميريڪا ويو هو، پرشارٿ سان تعليم حاصل ڪيائين. اُتي هن ڪميونزم تي گهڻو ساهتيہ پڙهيو ۽ پچايو. مگر هن جو رايو هو تہ ايشور نيڪيءَ جي پريرڻا ڏئي ٿو. وياپڪ ايشوري شڪتي، مانو ۾ شڌ چيتنا جو نرماڻ ڪري ٿي.

چرچا هلي تہ جواهرلال کانپوءِ پرڌان منتري ڪير ٿيندو؟ تڏهن جئہ پرڪاش جو نالو ورتو ويندو هو. پر جئہ پرڪاش کي ستا جي ابلاشا نہ هئي. جي هو چاهي ها تہ پرڌان منتري يا راشٽرپتي ٿي سگهي ها. پر اهڙي چاهنا هن کي ڪڏهن بہ نہ ٿي. جنتا جي سيوڪ جي ناتي سارو جيون ڪاريہ ڪندو رهيو. ڳوٺ، ڳوٺ ۾ خاص ڪري غريبن جي شڪتي وڌي، ان ڪاريہ ۾ پوري لگن سان لڳو رهيو. انت تائين دريدر نارائڻ جي سيوا ڪندي هن پنهنجو جيون سارٿڪ بڻايو.

گرهستي هوندي بہ آجيون برهمچريہ پالن ڪيائين.

جئہ پرڪاش ٿڪاوٽ جي ڪارڻ ڪجهہ ڏينهن هماليہ جي گود ۾ آرام ڪرڻ ويو. مگر نڪسلوادين بهار جي سروودي ڪاريہ ڪرتائن کي قتل جي ڌمڪي ڏني. جڏهن اِها خبر جئہ پرڪاش کي ملي تہ هو ترت ڊوڙي بهار

ڪي مڃين ٿا. پنهنجو مقصد ڪنهن به طرح حاصل ڪرڻ کان هچڪائين نه ٿا. مارڪسوادي وري به گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي فلاسافي سان اُن کي جوڙين ٿا.

سوال: اوهان ايشور جي پرارٿنا ڪندا آهيو؟

جئه پرڪاش: پرارٿنا لاءِ اپديڪ ته ضرور آهي. پر روز جو نيم نه آهي. سمجهو ته سُستي آهي، پر جڏهن به پرارٿنا ۾ وهندو آهيان ته چهاءُ ضرور محسوس ڪندو آهيان ۽ اُن مان فائدو به ٿيندو آهي. ڪوئي اهڙو ساهتيه پڙهندو آهيان ته هرديه کي آنند ملندو آهي. مان مڃان ٿو ته پنهنجو ڪاريه نراهنڪار روپ سان ڪرڻ لاءِ پرارٿنا ئي موزون آهي.

سوال: نراهنڪار ٿيڻ لاءِ ته ڪجهه ڪوششون ڪرڻيون پونديون آهن؟

جئه پرڪاش: ها، اُهو به برابر آهي. نراهنڪار ٿيڻ به سهج سڀاءُ نه ٿو ٿجي. پر مان پنهنجو ڏسان ٿو ته سهج سڀاءُ محسوس ٿو ڪريان. خاص مون ڪجهه ان باري ۾ نه ڪيو آهي. مونکي نندپڻ کان ئي مشهوري يا سَتا جو موهه نه رهيو آهي. مان ڪڏهن به اِئين نه سوچيو ته مان هي بڻجان يا هو بڻجان.

سوال: ڪم ڪرڻ جي پٺيان اوهان جي ڪهڙي درشٽي رهندي آهي؟

جئه پرڪاش: ڪم سٺي نموني ڪرڻو آهي، اهڙو ڀاءُ رهندو آهي، پر اُن مان مونکي ناماچار ملي ائين نه لڳندو آهي.

سوال: موت جو مقابلو اوهان ڪهڙي نموني ڪرڻ سوچيو آهي؟

جئه پرڪاش: مقابلو ڇا ڪرڻو آهي؟ اچي ته اچي اُنجو ڪهڙو ڊپ؟ ڪرانتڪارين جي مترتا جي ڪارڻ موت جي لاءِ تياري رهي آهي.

سوال: موت ڪانپوءِ جيون جي باري ۾ اوهان جي ڇا راءِ آهي؟

جئه پرڪاش: موت ڪانپوءِ، سرير ختم ٿيڻ ڪانپوءِ به ڪجهه بچي ٿو، اِئين مان مڃان ٿو.

سوال: سروديه سماج ۾ اڌياتم جو سروپ اوهان ڇا ٿا ڀانيون؟

نندڙي هوندي ڪان ۽ جوانيءَ ۾ جا پريرڻا رهي سا آخر تائين قائم رهي. ديش جي آزاديءَ ۽ سماج جي ڍانچي کي بدلائڻ جي. ان ۾ ايترو ضرور ٿيو جو هنساتمڪ طريقي سان يا قانون سان سماج جو بدلاءُ نه ٿي سگهندو، اُن جو خيال پڪو ٿيو ته سرووديه ويچار ڏانهن ڌيان ڇڪيو.

ٻين جي دک ۾ دکي ٿيڻ، غريبن لاءِ ڪجهه ڪرڻ جي پريرڻا ملي ته اهو به اڌياتمڪ ئي آهي.

سوال: اوهان ايشور کي ڪهڙي روپ ۾ ڏسو ٿا؟

جئه پرڪاش: ان بابت خاص مون چنتن منن نه ڪيو آهي. پر ڀڳوت گيتا جو روز مان پاٺ ڪندو هوس. سادگيءَ ڏانهن لاڙو هو. مارڪسوادي ويچارن جي ڪري مان ته مان ناستڪ هئس. سرووديه ۾ اچڻ کان اڳه منهنجي سامهون راڄنيتڪ ۽ سماجڪ سوالن جي سلسلي ۾ آچار نيتيءَ ڌرم نيتي - ايٿڪس جو سوال اُٿيو. سٽالن جي زماني ۾ روس ۾ متياواد چالو هو ته اُديش سٺو هجي ته ڪهڙي به اُپاءُ ذريعي اُهو حاصل ڪيو وڃي، اُن بابت گهڻو ويچار منٿن ڪيو. جڏهن مون پوني ۾ اُپواس ڪيو تڏهن من ۾ ويچار اُٿيو ته راڄنيتي ۽ نيتي شاستر (ايٿڪس) جو هڪ ٻئي سان ڪهڙو سنبنڌ آهي؟ اُن سوال تي سوچيندي ائين لڳو ته نيتي شاستر ايٿڪس مان سنتوش نه ٿو ملي پر اِهو قبولڻو پوندو ته ڪا اهڙي هستي-شڪتي آهي جنهنکي توري ۾ ايشور چئجي. ايشور جي سِروپ جي باري ۾ منهنجي حالت اِها آهي ته ان سوال جي جواب ۾ چپ ئي رهڻ گهرجي. چو ته انڀوتي سان ئي اُن جو درشن حاصل ٿئي ٿو. جي اهڙي آستا نه آهي ته انتم ستيه آهي ته جيون جو ڪو بنياد ئي نه رهندو. آدميءَ کي نيڪ رهڻ جي ضرورت آهي ڇا؟ ان سوال جو جواب نه ملندو.

سوال: اوهان چيو ته چڱائيءَ لاءِ پريرڻا؟

جئه پرڪاش: ها مون اِئين ئي چيو. اُپواس وقت مونکي انڀو ٿيو ته ڀوتڪواد (مٽيرلسٽ) فلاسافي مان 'اِنسينٽوٽ گُڊنيس' چڱائيءَ لاءِ پريرڻا نه ملي سگهندي. مٽر، جڙ تتو ڇا آهي؟ مٽر به ايشور جيان لڀندو رهي ٿو. جنهن سڦل معنيٰ ۾ مارڪسوادي ڀوتڪواد کي مڃين ٿا، اُن ۾ نيڪيءَ جي پريرڻا نه آهي. صرف مارڪسوادي ئي ڇو سڀ پالينيشنس راڄنيتڪ به ان

هنسا ذريعي سماجڪ ڪرانتي ايندي اهڙي خاطري نہ آهي. هنسا مان وڏي هنسا، فئسسٽ ڊڪٽيٽر شپ، عام پريشاني، دکہ ۽ جنتا جي غلامي جا نتيجا نڪري سگهن ٿا. جيڪي هنسا جو پرچار ٿا ڪن انهن کي اِنهن حقيقتن تي سوچڻ گهرجي. هنسڪ اِنقلاب جا باني نئين شانتمیہ سماج نرماڻ ڪرڻ جي بدران طاقت حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ ۾ ئي لڙندا رهن ٿا. اِتهاس ۾ ڏسبو تہ هڪ بہ هنسڪ انقلاب پنهنجي مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ سڦلتا حاصل نہ ڪئي آهي. فرينچ اِنقلاب جو ويچار ڪيو. سمانتا، آزادي ۽ برادريءَ جا آدرش اِنقلاب بعد انقلابين وساري ڇڏيا. روس جي ڪرانتيءَ بابت سوچيو. لينن جو نعرو هو 'طاقت لوڪن کي' پاور ٽو پيپلس - سوويتيس، مزدور، سينڪ ڪسانن جو راڄ، پر ڊڪٽيٽرشپ ئي وڌندي رهي آهي. عام جو راڄ ڪٿي آهي ؟ سڀني ڪرانتين ۾ طاقت هٿ ڪرڻ جو مقصد هوندو آهي. طاقت جنتا لاءِ، پر حقيقت ۾ هٿياربند گروهہ ئي طاقت هڙپ ڪندا آهن. جنتا وٽ هٿيار ڪونهن. پر جنتا جي نالي ۾ ننڍيون ٽوليون، هٿيارن ذريعي جنتا جي نالي ۾، طاقت پنهنجي قبضي رکي ڊڪٽيٽرشپ هلائين ٿا. اِتهاس شاهد آهي تہ هنسا جنتا جي رکشا ۽ سيوا نہ ڪئي آهي. ٽالسٽاءِ برابر چيو تہ ڪرانتيڪار جنتا جي پٺي تي چڙهي وهن ٿا ۽ هيٺ لهن ئي نہ ٿا. هنسا ۾ مڃيندڙ رڳو نڪسلائيٽ نہ آهن. ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا، ڪميونسٽ (ايم ايل) ۽ ٻيون ڪيتريون ٽوليون هٿيارن جو هنسڪ ٻل ڪم آڻڻ چاهين ٿيون. انهن جو پاڻ ۾ شخصي چاهي ويچارن جو جهڳڙو هلندو رهي ٿو. آتنڪواد جو ڦهلاءُ ڪن ٿا. مارڪس جي نالي ۾ يا ماڻهو جي نالي سان. اهي گروپ وري پارٽ کان ٻاهر جي طاقتن، هنسڪ طاقتن سان ناتا ۽ وفاداري ٿا رکن. اِهو غلط آهي.

اِنهن هنسڪ ٽولين جي ڪري ملڪ جو جنتا جي مسئلن ڏانهن ڌيان ضرور ڇڪجي ٿو تہ پر ڪو حل نہ ٿو نڪري.

لوڪ شڪتي - گرام سوراڄ

"جي سرڪار يا هنسا سان سماج جا مسئلا حل ئي نہ ٿا ٿين تہ ڇا ڪجي ؟ ان جو جواب مهاتما گانڌيءَ سوچيو هو تہ هنسا يا سرڪار مسئلا حل نہ ٿي ڪري سگهي تہ جنتا جي طاقت سرڪار

جئہ پرڪاش: سماجڪ جيون ۾، ڳراميڻ جيون ۾، اڌياتم مکيہ طرح اهوئي لکشڻ تي سگهي ٿو ۽ ٿيڻ گهرجي. جي ماڻهو ڳڌ آهن، خاص ڪري ڳوٺ جا ماڻهو، سي هڪ ٻئي لاءِ سوچين، هڪ ٻئي کي مدد ڪن، ضرورت پوي تہ هڪ ٻئي لاءِ تياڳہ بہ ڪن. منهنجي سکہ ۾ ٻئي جو حصو رهي ۽ ٻئي جي دکہ ۾ منهنجي بہ ڀائيداري رهي. ڳوٺ ۾ ڪوهہ کوٽيو آهي تہ ڳونواسي ملي کوٽين. ڳوٺ اڏيو آهي تہ ڳونواسي سهيوڳہ ڏين. سماج سرکشا، سماج ڪلياڻ جو اِجِ سرڪار تي ڪري، اُهو سماج خود ڪري. ويڪتيءَ لاءِ، سماج لاءِ اهو اڌياتمڪ ٿيندو، اِنساني آدرش ٿيندو.'

اهنسڪ ڪرانتيءَ ۾ وشواس

مهاتما گانڌيءَ اهنسا جي شڪتيءَ جا پريوڳ وشال روپ ۾ ڏکڻ آفيريڪا ۽ ڀارت ۾ سڦلتا سان ڪيا. آچاريہ ونوبا ڀاوي اهنسا جي معرفت هنسا جي ڏڏکندڙ آڳہ کي ٿڌو ڪيو. لوڪ نائڪ جئہ پرڪاش نارائڻ کي، اهنسا جي وات سماجڪ مسئلن جي حل ڪرڻ لاءِ ڪارگر لڳي. جئہ پرڪاش لکي ٿو : 'موجوده سمي ۾ مهاتما گانڌيءَ اهنسڪ شڪتيءَ جو سماج ۾ وياپڪ پريوڳہ ڏکڻ آفريڪا ۽ ڀارت ۾ ڪيو، اُن مان اسان کي اهميت ڀريا سبق حاصل ٿيا آهن. اِهي سڀ ڳالهيون اسان لاءِ بلڪل نيون آهن. اِهڙا پريوڳہ اڳي ڪنهن نہ ڪيا ها. هن وقت بہ آچاريہ ونابا ڀاوي جي وياپڪ پريوڳہ ڪيا آهن، اُنهن مان بہ اسان کي نئين روشني ملي آهي اُن مان آئينده لاءِ وڏي مدد ملندي. اِهي اهڙيون حقيقتون آهن جن مان اِهو وشواس پيدا ٿئي ٿو تہ جنهن ڪاريہ ۾ مهاوير، گوتم ٻڌ ۽ عيسي مسيح سڦل ٿي نہ سگهيا، اُنهن ۾ اسان جهڙا ساڌارڻ ماڻهو سڦل ٿي سگهون ٿا، جي اسين ويچار ۽ شرڌا سان ڪوشش ڪريون.' انهن مهاپرشن جي آشا جا ديپڪ روشن ڪيا آهن، اُهي روشن رهن اهڙي ڪوشش اسان کي پنهنجي جان جي بازي لڳائي بہ ڪرڻ گهرجي.

نڪسلوادين جي چئلينج جو مقابلو ڪرڻ لاءِ، شري جئہ پرڪاش نارائڻ جڏهن هماليہ مان هيٺ لهي، بهار جي ڳوٺن جو دورو ڪندي جي حالتون ڏٺيون، اُن جو ذڪر هن هنجي هڪ ننڍي ڪتاب 'فيس ٽو فيس' آمني سامني آمهون سامهون' ۾ دلچسپ نموني ڪيو آهي. لکي ٿو تہ 'راڄنيتي

ڏسڻ ۾ اچي يعني هيٺ ويڪرو ۽ مٿي چوٿو. ان ريت جي لوڪشاهيءَ ۾ عام جنتا دلچسپيءَ سان پنهنجا فرض نباهي سگهندي ۽ لوڪشاهي جوابدار ۽ چست رهندي.

ستا صرف ڏيکاءَ لاءِ نه پر برابر ڳوٺ جي گرام سڀا کي ملڻ گهرجي. گرام سڀا جي ميمبرن کي سڪيا ذميداري ملڻ سان خودبخود ملي ويندي. زمين، جل، جهنگل ڳوٺ جي ملڪيت رهي. گرام سيوڪ پنچات جي اڌين نوڪري ڪن. اُتپادن محصول جو پنجاه سيڪڙو ڳوٺ کي وڪاس ڪاريه لاءِ ڏنو وڃي. ڳوٺ جي سيني بالغن جي گرام سڀا يعنيٖ ڳانو پارليامينٽ ۽ پنچات يعني منتري منڊل ڳوٺ جي ڪئبينٽ، امرجنسيءَ جي سمي لوڪ جئه پرڪاش نارائڻ سمپورن ڪرانتيءَ جو پروگرام ڀارت جي نوجوانن کي سمجهائي جاڳرت ڪيو، سنگٺت ڪيو. اُن موقعي تي جئه پرڪاش صلاح ڏني هر شهر ۾ محلا ڪاميٽيون لوڪ سمتيون ناهي ٽوٽل ريوووليشن مڪمل اِنقلاب جي نرماڻ ۾ لڳي وڃو. جئه پرڪاش جي لڳاتار ڪوشش سبب ڀرشٽ سرڪار هٽي ۽ جنتا سرڪار جو نرماڻ ٿيو. اُن سمي ڀارت جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ نگر نگر ۾ عام جنتا جو نعرو هو '**انڌيري ۾ ايڪ پرڪاش، جئه - پرڪاش، جئه پرڪاش !** سمپورن ڪرانتي فلاسافيءَ جو اڄ به ڀارت جي نوجوانن کي گهرو ابياس ڪري نئين اُتساه جي لهر ڦهلائڻ لاءِ اڳتي وڌڻ گهرجي.

اڄ ديش جي حالت پرشناچار، ۽ آتنڪواد سبب ڪمزور آهي. دنيا جا ملڪ، پاڙيسري ملڪ ڀارت کي ڪمزور ۽ غلام بنائڻ لاءِ منصوبا رٿي رهيا آهن. خاص ڪري ائٽمڪ هٿيارن وارا ملڪ : اڄ اُن خطري کان اسان کي خبردار ٿي، پارٽيبازي جي مرض کان آزاد ٿي، لوڪ شڪتيءَ سان ڳوٺ ڳوٺ کي سواولمبي بڻائي، ڀارت کي مضبوط ڪرڻ گهرجي. تازو پارليامينٽ جي سپيڪر شري سنگما للڪار ڪئي ته آزاديءَ جي ٻي لڙائي لڙڻي آهي. اُن ٻي لڙائيءَ لاءِ گانڌي ونوبا جئه پرڪاش جو اهنسڪ آندولن هلائي رام راڄ جو نرماڻ ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪرڻ گهرجن.

●●●●●

جي طاقت سان گڏو گڏ نرمال ڪرڻ گهرجي. لوڪ سيوڪ سنگهہ جو ويچار عمل ۾ آڻڻ گهرجي.

گانڌيجيءَ ڪانپوءِ ونوبا جي پنهنجي نماڻي نموني، مهاتما گانڌيءَ جي ڪاريہ کي اڳتي وڌايو. گانڌيجيءَ جو ڏسيل جوڙجڪي پروگرام ۽ گرام سوراج، سواولمبن گرام سڀا گرام پنچايت کي شڪتيشالي بڻائڻ لاءِ ياترائون ڪيون. ڀوُدان، گرامدان معرفت شخصي ۽ سماجڪ بدلاءُ ۽ ڳوٺ جو نونرماڻ ۽ پنچاتي خود حڪومت يا گرام سوراج گرام سڀا معني ڳوٺ جي پارليامينٽ جنهن ۾ سڀ بالغ ڳوٺاڻا ڀهرو ونن. گرام ڪوش ۾ هرهڪ ڳوٺواسي پنهنجي ڪمائيءَ جو حصو دان ڏئي جو وري بيمار ۽ لاچار ڳوٺواسين جي سيوا ۾ خرچ ٿئي. زمين جي مالڪي شخصي، نہ پر ڳوٺ جي گرام سڀا جي. ڳوٺن جي حالت جو ذڪر ڪندي جئہ پرڪاش لکي ٿو تہ حالتون نهايت دکدائڪ آهن. غريبي، جهاليت، ايڪتا جي ڪمي، جهڳڙا، ڪورٽن جا ڪيس ۽ تناءُ ۽ سماجڪ گهوٽالا، هرهنڌ سماجڪ ۽ آرٿڪ اسمانتا، انياءُ ڦهليل آهي. انهن حالتن کي ڳوٺن ۾ نہ بدلائبو تہ سڄو ديش پوئتي ڌڪالجي ويندو. اُن لاءِ نشڪام بهادر سيوڪن جي ضرورت آهي. هنسڪ يا سرڪاري قانون سان خاص واڌارو نہ ٿو ٿئي. ڳوٺ جي جنتا ڳوٺ جي وڪاس ڪاريہ ۾ ڀهرو وٺي، لوڪشاهي طريقو اپنايو وڃي تہ وڌيڪ پرڀاءُ شالي ڪاريہ ٿيندو. اِها حقيقت آهي تہ صرف نڪسلائيٽ هنسا نہ ٿا ڦهلائين، پر زميندار راجنيتڪ پارٽين جا اڳوان، سرڪاري عملدار ۽ وياج خور، سرڪار جي سڌارن ۽ غريبن جي ڀلائي وارن قانونن کي هر طرح ڪمزور ڪري دريدر نارائڻ جا حق کسي هنسڪ وايو منڊل نرمال ٿا ڪن. ڪورٽن ۾ غريب ڪيسن ۾ رُلي ٿا وڃن. اِنصاف ڪين ملئہ نہ ٿو پوي. لوڪ سوراج جي وياکيا ڪندي جئہ پرڪاش لکي ٿو تہ جنتا کي شاسن ۾ يوگدان ڏيڻ جي سهوليت ملي، اُن لاءِ راجنيتڪ ۽ آرٿڪ ويوسٿا کي وڪيندريڪرڻ ڪرڻ گهرجي. جئن جئن سرڪار هيٺين سطح کان مٿئين سطح طرف وڌي تئن تئن مٿئين سطح جي شاسن کي گهٽ ۾ گهٽ ستا ملڻ گهرجي. اُلٽي پرئمڊ انوسار پرئمڊ جي مٿين منزل جي ٽڪرن کي ڪاٽي هيٺ زمين ۾ اُلٽو پوندو تہ جئين لوڪ تنتر جو پرئمڊ سهي معني ۾ پرئمڊ

مان پرڌان منتري بڻجي نہ ٿي سگھيس ؟
پر مون ڪرانتي شوڌڪ لاءِ
ڪي ٻيا رستا ئي قبول هئا، منظور هئا
رستا تياڳہ جا، سيوا جا، نرماڻ جا،
رستا سنگھرش جا، سمپورڻ ڪرانتيءَ جا
دنيا جنهنکي ناڪاميابيون ٿي چوي،
اُهي شوڌ جون، ڪوچ جو منزليون هيون.
منزلون اُهي انيڪ آهن،
مقصد بہ گھڻو دور آهي.
ڪٿي مون کي رُڪڻو نہ آهي،
رستو ڪيترو بہ ڪلن هجي
شخصي ڪا ڪامنا مونکي نہ آهي،
سڀ ديش کي سمرپت آهن.
مان، وقلتائن، ناڪاميابين پنهنجين تي خوش آهيان ۽
هيءَ وِقل جيون، ناڪامياب زندگي
سوَ سوَ بار سڦل ٿيندو،
جي سمان ڌرمي، پيارن نوجوانن جو
ڪنڌن پريل مارگہ
ٿوروئي ڪجھہ سولو ٿي سگھي.'

آچاريہ ونوبا ڀاوي لوڪ نائڪ جئہ پرڪاش بابت لکيو تہ 'جئہ پرڪاش جي وديا حاصل ڪرڻ لاءِ آمريڪا ويو هو. پرشارٿ سان تعليم حاصل ڪيائين. اُتي هن ڪميونزم تي گھڻو ساهتيہ پڙهيو ۽ هضم ڪيو. مگر هن جو رايو هو تہ ايشور نيڪيءَ جي پريرڻا ڏئي ٿو. وياپڪ ايشوري شڪتي ماڻهوءَ ۾ شڌ چيتنا جو نرماڻ ڪري ٿي.

چرچا هلي تہ جواهرلعل کان پوءِ پرڌان منتري ڪير ٿيندو ؟ تڏهن جئہ پرڪاش جو نالو ورتو ويندو هو. پر جئہ پرڪاش کي ستا جي ابلاشا نہ هئي جي هو چاهي ها تہ پرڌان منتري يا راشٽرپتي ٿي سگھي ها. پر اهڙي چاهنا هن

لوڪ نائڪ جئہ پرڪاش نارائڻ
ڀارت جي آزادي - سماجواد - اهنسڪ
اِنقلاب جو تپسوي مهان ڪرانتيڪار

١١ آڪٽوبر ١٩٩٩، لوڪ نائڪ جئہ پرڪاش نارائڻ جو ٩٨ جنمدن آهي. ١١ آڪٽوبر ١٩٧٥، چنڊيگڙہ جيل ۾، پنهنجي جيل ڊائريءَ ۾ جئہ پرڪاش اُن ڏينهن لکيو : ’اڄ مون پنهنجي جيون جا ٧٣ سال پورا ڪيا. ڪيترو نہ عجب ! اِها ايشور جي ئي ڪرپا آهي جو لنبي عرصي کان انيڪ پراڻين بيمارين جو شڪار هوندي بہ، ايترا ڏينهن جي رهيو آهيان. ايشور مونکي اهڙي ڀڙي ۽ سنڪلپ ڏئي تہ جئن جيون جو انش بچيو آهي، اُهو مان ديش ۽ جنتا جي سيوا ۾ لڳايان. ايشور جي سيوا ڪرڻ جو اهوئي مون هڪ مارگہ بچيو آهي. منهجني هرديہ ۽ من جو سارو ڪليش مٽجي وڃي، اِهائي هنگي پرارٿنا آهي.

٩ آگسٽ ١٩٧٥، جيل ۾ لوڪ نائڪ جئہ پرڪاش نارائڻ هيلين پرريٽا دائڪ امر ڪوتا لکي :

’جيون ناڪاميابين سان ڀريل آهي،
ڪاميابيون جڏهن بہ ويجهو آيون،
تہ انهن کي پنهنجي رستي تان ڏکو ڏئي هٽائي ڇڏيو.
تہ ڇا اِها ايالٽپ هئي ؟
نہ

سٿلتائن ۽ اسٿلتائن جي
وياکيا، نرالي آهي منهنجي.
اِتهاس کان پڇو تہ ڪي ورهيہ اڳي،

اُن وقت مونکي گانڌيجيءَ جي ويچارن ۽ طريقن جي ڄاڻ نہ هئي. ۱۹۲۰ ۾ مان جڏهن پارٽ موٽي آيس تہ مان مهاتما گانڌيءَ جي شروع ڪيل نمڪ آندولن ۾ ٽپي پيس. پر پارٽي ڪميونسٽ هن سنگهرش ۾ ڪٿي بہ شامل ڏسڻ ۾ نہ آيا. پاڻ ڪميونسٽ گانڌيجيءَ جي خلاف ڳالهيون ڪندا نظر آيا. انڪري منهنجو ڪميونسٽن سان متڀيد ٿيو. اُهو متڀيد روس ۾ سٽالن جي پاليسين جي خلاف بہ وڌيو. ڪانگريس جي نيتين مان سنتوش نہ پئي آيو. ڪانگريس نيتيون سماجوادي نہ هيون. انڪري سوتنترتا سنگرام ۾ سمان ويچار رکندڙ ساٿين جو هڪ ڪانگريس - سماجوادي دل سنگٺت ڪيو تہ جئن آزادي آندولن وڌيڪ تيز ٿي سگهي ۽ سماجواد جو ڦهلاءُ ٿئي. اُن ڪاري ۾ ڪانگريس سوشلسٽ پارٽيءَ کي سڦلتا حاصل ٿي، ڪانگريس وڌيڪ چست ٿي ۽ جنتا ۾ اُتساهہ گهڻو وڌيو، بنيادي سڌانت وڌيڪ صاف ٿيا. اِهو صاف ٿيو تہ (۱) لوڪشاهي ڍنگ سان سماجڪ پريورتن لاءِ هنسڪ طريقا اپنائڻ ڪرانتيءَ جي خلاف آهي. (۲) لوڪشاهي آزاديءَ جي اپاوَ ۾ نہ سماجواد جي سرشٽي ٿي سگهندي ۽ نہ اُنجو بچاءُ ڪري سگهبو. ان سڌانت جي آڌار تي سروهارا جي تاناشاهي يعني وهنوار ۾ مُٺي پر عملدارن جي تاناشاهيءَ کي نہ قبوليو. مون لاءِ رستي ۾ هڪ نئون موڙ آيو. دل ۽ راڄنيتي ڇڏي پنهنجو باقي جيون پوڊان - سروودیہ آندولن ۾ لڳائڻ جو فيصلو ڪيو.

سوتنترتا، سمانتا ۽ ڀائيچاري جي پراڻي جوتي منهنجي جيون ۾ وڌندي رهي. مونکي ارمان آهي جو مان پنهنجي جيون ياترا ۾ جيسين گانڌيجي اسان جي وچ ۾ هو، ان سٽل، اُن منزل تائين پهچي نہ سگهيس. مونکي لڳو تہ جيستائين سماجواد سروودیہ ۾ نہ بدليو تيسين آزاديءَ جو آنند حاصل نہ ٿيندو. اِنسان، اُن جي چيتن شڪتي، سماج ۽ سنسڪرتي جنهنجو هن نرماڻ ڪيو آهي، اُهي جي سڀ پوت درویہ جڙ مارو رهندو، پوءِ هو ٻاهرين درشٽي ڪان ڪيترو بہ سڪریہ ڇو نہ لڳي، مان نہ ٿو سمجهان تہ ڇو اُن شخص کي نيڪ ٿيڻ يعني اُدار، دياوان ۽ نسوارٿي بڻجڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي؟ تہ ڪنهن ڪمزور، دين ۽ دکيءَ لاءِ ڪنهنکي بہ همدردي ڇو ٿيڻ گهرجي؟ موت ڪانپوءِ جو پوت-درویہ آهي اُهو پوت-درویہ ۾ ملي ويندو. نيتڪ وهنوار لاءِ

ڪي ڪڏهن بہ نہ ٿي. جنتا جي سيوڪ جي ناتي سارو جيون ڪاريہ ڪندو رهيو. ڳوٺ، ڳوٺ خاص ڪري غريبن جي شڪتي وڌي، ان ڪاريہ ۾ پوري لڳن سان لڳو رهيو. انت تائين دريدر نارائڻ جي سيوا ڪندي هن پنهنجو جيون سارٿڪ بڻايو. گرهستي هوندي بہ جيون ڀر برهمچريہ پالن ڪيائين.[۱]

جئہ پرڪاش نارائڻ سارو جيون تياڳ، سيوا ۽ ڪرانتيءَ جي راهہ تي هلندي ڪيترا نرالا انڀو حاصل ڪيا. سارو جيون ڪرانتيءَ جو اکنڊ سلسلو، ڪرانتيءَ جي شوڌ ۾، کوج ۾ سمرپڻ ڪيائين. جئہ پرڪاش هڪ هنڌ لکي ٿو تہ 'پنهنجي ننڍپڻ ۾ جڏهن اُن وقت سڀ ڇوڪرا هوندا ها، مان هڪ ڪٽر راشٽروادي هئس. منهنجو لاڙو اِنقلابين جي طريقن ڏانهن هو. اُن وقت بينگال ان ۾ سڀني کان اڳہ هو. تڏهن بہ دکن آفريڪا جي ستياگره جي اِتهاس منهنجي نوجوان من کي مگڌ ڪيو هو. منهنجا ڪرانتيڪار ويچار اجان پڪا نہ ٿيا ها تہ گانڌيجيءَ جو پهريون ستياگره آندولن هڪ وڏندڙ طوفان جيان ساري ملڪ ۾ ڇانئجي ويو. اِهو اُهو وقت هو جڏهن آزادي منهنجي جيون جو هڪ آڪاش ديپ بڻي، اڳتي هلي اِها آزاديءَ جي پاونا ديش جي آزاديءَ کان وڌي، ماڻهوءَ جي هر جڳهہ ۽ سڀني پرڪارن جي بنڌنن کي مڪتي ئي نہ، پر اُن کان اڳتي وڌي، اِنساني شخصيت جي ويچار جي آزادي، آتما جي آزادي بڻي. هيءَ آزادي جيون جي هڪ نشٺا بڻجي وئي آهي. مان روٽي لاءِ، ستا جي لاءِ، سلامتيءَ لاءِ، خوشحاليءَ، راجيہ جي وڏائيءَ لاءِ يا ٻي ڪنهن بہ چيز جي لاءِ اُن سان سجهوتو نہ ٿو ڪري سگهان. عجب جي ڳالهہ آهي جو مون کي آمريڪا ۾ سوويت ڪميونزم جي ديکيا ملي. اُتي مارڪسواد جو گهرو ابياس ۱۹۲۲ کان ۱۹۲۹ تائين مون ڪيو. شري ايم.اين.راءِ جي ليکن جو مونتي گهڻو پرڀاءُ پيو. مهان نيتا لينن جي رومانچڪاريءَ سڦلتا جا ذڪر پڙهي ڪڏهن بہ ٿڪبو نہ هوس. لڳندو هو تہ ڪرانتيءَ لاءِ مارڪسواد جا رستائي سريشٽ آهن. مون کي لڳو تہ صرف آزادي ڪافي نہ آهي. ان جو مطلب ٿيڻ گهرجي، سڀني لاءِ آزادي، جي ماڻهو بلڪل هيٺين درجن تي آهن، اُنهن جي بہ آزادي. ان آزاديءَ ۾ انياءُ کان، بکہ ۽ غريبيءَ کان مڪتي بہ شامل ٿيڻ گهرجي.

جي ضرورت آهي.'

موجوده پارليامينٽري ڍانچي جي ڪمزورين کي ڏسي، اُن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ، ڪرانتي درشٽا جيه پرڪاش نارائڻ جي لوڪ سوراج لاءِ ويچار ڏنا آهن، سي اڄ به ڪارگار آهن. لوڪتنتر جي حقيقي طاقت 'لوڪ' آهن. اِنڪري 'لوڪن' جي شڪتشالي ڀاڱيداري ئي، آزاديءَ جي بچاءُ لاءِ وڏي ۾ وڏي طاقت رکندڙ آڌار ٿي سگهي ٿو. پر اُها ڀاڱيداري ممڪن ڪئن ٿئي، اُن بابت لوڪ نائڪ جيه پرڪاش نارائڻ جا ويچار ڪافي روشني ڏين ٿا. هن جي راءِ آهي ته ديش جي راجنيتڪ ڍانچو، سماج جي پوري ڍانچي ۽ جنتا جي جيون پدتي ۽ ويچارڌارا سان گهرائي سان سنبڌت ٿيڻ گهرجي.

'شاسن دهلي يا راجين جي ٿورين ئي راجڌانين مان، هلايو ويندو ته ڪروڙن ووٽرن جو شاسن ۾، پرتڪش يوگدان ناممڪن رهندو. جنتا کي شاسن ۾ پرتڪش يوگدان ڏيڻ لاءِ، عملي طور سهياڳي ڪرڻ لاءِ، شاسن کي جنتا جي نزديڪ جيترو ممڪن ٿي سگهي، اوترو ئي نزديڪ آڻڻو پوندو. اُن لاءِ راجنيتڪ ۽ آرٿڪ وڪيندريڪرڻ جي سچارو ويوستا ضروري ٿيندي. جئن گانڌيجيءَ جي راءِ هئي. جئن جئن سرڪار جي هيٺئين درجي کان، مٿئين درجي طرف وڃجي، هرهڪ مٿئين درجي جي ڪيتر جي هٿ ۾، گهٽ ۾ گهٽ ڪم ۽ ستا ٿيڻ گهرجي. اُلٽي پرئمڊ جي مثال وٺي، پرئمڊ جي مٿئين ستر جي وڏن حصن کي سخطيءَ سان ڪٽڻ گهرجي ۽ انهنجي مٿين منزلن کي وڏا وڏا ٽڪر ڪري ڌرتيءَ تي آڻڻو پوندو ته جئن لوڪ تنتر جو پرئمڊ سهي معنيٰ ۾ پرئمڊ ڏسڻ ۾ اچي مٿئين طرف ننڍو ۽ بنياد ۾ آڌار وڏو ويڪرو. ان ويوستا ۾ هر منزل، درجي جا ماڻهو پنهنجي پنهنجي ڪيتر، درجي جي ڪمن جي ذميواري نڀائڻ جو ڪم ڪرڻ جو موقعو، وجهه حاصل ڪري سگهندا. انريت جنتا کي لوڪتنتر ۾ بهرو وٺڻ لاءِ اُتساه رهندو. انريت لوڪ سوراج، گرام سوراج جو نرماڻ ٿيندو.

سمپورڻ ڪرانتي

سوراج حاصل ڪرڻ کانپوءِ، ڪيترن ورهين گذرڻ بعد به چوگرد بک،

اُن مان کھڙي پريرڻا ملي سگھندي؟ ستا يا سمپتيءَ جي ڀوڳ واسنا يا جنتا کي جئہ - جئہ ڪار ڪرائڻ يا پنھنجي ساٿين کان سنمان پائڻ جي تمنا رکڻ، اُن جي سامھون ڪم ڪرڻ لاءِ اِھي ئي لالچون ٿي سگھن ٿيون. پر اھڙن لالچين جو سھي يا غلط اندازو لڳائڻ سان ڪو سڀنڌ نہ ٿو رھي سگھي. نيتڪ آدرش جو بيشڪ بنا سنديھہ ھڪ اِتھاس آھي، اُن جو ھڪ سماجڪ مقصد آھي. پر جڏھن اِنسان پنھنجي پرمپارا گت آچار - وھنوار جي سڌانتن ۾ ئي شنڪا ڪرڻ لڳي ٿو تہ پاڻ کي پڇي ٿو تہ مان نيتڪ نيمن انوسار آچرڻ ڇو ڪريان تہ پوتڪ واد وٽ اُن لاءِ ڪو جواب نہ آھي. سماج - سيوا، تياڳ، سوتنترتا، سمانتا ۽ ٻين سڀني آدرشن سان ڪنھن گھٽ وقت گذاريو ھجي ۽ پوءِ جي ھو پاڻ کان پڇڻ لڳي تہ مان اِنھن آدرشن کي بلڪل ئي سويڪار ڇو ڪريان ۽ انھنجي ڪري ناحق پريشاني ۽ نقصان ڇو سھان تہ پوتڪوادي تتو گيان، دونداتمڪ يا ٻيو ڪوئي ھنڪي سنتوشجنڪ جواب نہ ڏئي سگھندو. مان ائين نہ ٿو چوان تہ ناتوڪ پوتڪو ادين ۾ اھڙن ڪن ماڻھن جا مثال نہ آھن، جن اوچ آدرشن لاءِ مھان تياڳ ڪيو ھجي. مان ايتروئي چوڻ ٿو چاھيان تہ ھنجو اھوئي ڪم ھنجي تتو گيان سان ميل نہ ٿو کائي.

اھنسڪ سماجوادي ڪرانتي

ڪرانتيءَ جي سرووديہ - طريقي ۾ ساڌن ۽ ساڌيہ (طريقا ۽ مقصد) ھڪ ٿي وڃن ٿا. نئين سماج - ويوستا ۾ ملڪيت تي سماج جو مالڪپڻو ٿيڻو آھي ۽ سمپتيءَ جو مالڪ فقط ھڪ ٽرسٽي رھڻ وارو آھي. جدا جدا ماڻھن کي ھاٿي کان ئي ٽرسٽي بڻائڻ سان ڪرانتي شروع ٿي ويندي.

آزادي حاصل ڪرڻ کانپوءِ، جنتا جي سيوا لاءِ اُتساھي ماڻھن جو، ديش جي سيوا لاءِ ستا طرف ڊوڙڻ سڀاويڪ ھو. پر مون کي آشا آھي تہ گذريل سالن ۾ ستا ذريعي، سيوا جي آيوگيتا ۽ اسارتا (ناڪاميءَ) جو گھڻو ئي انڀو ٿيو آھي. انڪري سيوا جي لاءِ اُتساھي ديش ڀڳت شخص جو گھٽي ۾ گھٽو تعداد، ھاٿي سرووديہ جي ڪيتر ۾ اچڻ گھرجي. سوين ستياگرھي لوڪ سيوڪ سرووديہ جي ڪيتر ۾ ڀھرين اچي ويا آھن. اھڙن سوين، ھزارين لوڪ سيوڪن

نشڪام نرييہ، سريشٽ
گانڌيوادي سيوڪ-بابا آمٽي !

بابا آمٽي، ڪجھ سال اڳي، جڏهن ’ڀارت جوڙو‘ ياترا ڪئي هئي، تڏهن مونکي هنجو درشن ٿيو ۽ ساڻس گڏ ڪجھ وقت ياترا ۾ ساٿ رهڻ جو موقعو مليو. تازو ڀارت جي راشٽرپتيءَ هنکي، ڀارت سرڪار پاران، ’گانڌي پرسڪار‘، هڪ ڪروڙ روپيہ ڏيندي، هنجي مهان سيوا ڪاريہ جي گهٽي ساراه ڪئي. هو نرييہ، ڪروڻا جي پاونا سان ڀرپور، هڪ ڪرانتي پرش آهي هن سماج جي نهايت ڌڪاريل، دکي انسانن، مهاروڳي ڪوڙهہ جي بيمار مسڪينن لاءِ آنندون سواولمبي نگري جو نرماڻ ڪيو آهي. شري شروڙڪر، يوڳہ ڪيم ۾ لکي ٿو تہ آنندون ۾ هن وقت چار هزار ماڻهون رهن ٿا. جن مان گهڻا آهن مهاروڳہ ڪوڙهہ جا بيمار، جن شفا حاصل ڪئي آهي ۽ هاڻي چست ڪم ڪندڙ آهن، جيتوڻيڪ اُنهن ۾ انڌا، ٻوڙا، گونگا ۽ جسماني طور وڪلانگہ بہ شامل آهن. پر هو آنندون ۾ ڪنهن تي بوجو نہ آهن. خود ڀا وري ۽ سواولمبن سان جيون گذاري رهيا آهن. هو نہ رڳو پنهنجي زندگي جي گذارڻ لاءِ ڪم ڪن ٿا پر سندن سماج جي سيوا ۾ بہ گهڻو چاهہ آهي اُن لاءِ پنهنجو حصو ادا ڪري رهيا آهن. هن نگر ۾ هنن پنهنجي بدني محنت ۽ پئسي سان هڪ ڊگري ڪاليج ناهيو آهي جنهن ۾ ٢٥٠٠ وديارٿي آرٽس، سائينس، ڪامرس ۽ ڪيتي ائگريڪلچرل جون ڊگريون حاصل ڪن ٿا. ان ڪاليج جي نهڻ ڪري ڳوٺن جا نوجوان هتي پڙهي ڊگريون حاصل ڪري سگهيا آهن، جي اِهو ڪاليج نہ هجي ها تہ ڳوٺن جا مسڪين نوجوان ايتري اوچ تعليم حاصل نہ ڪري سگهن ها. اڄ هو گرئجوئيٽ بڻجي، ماڊرن ڀارت ناهڻ ۾ مدد ڪري رهيا آهن. دنيا

بيروزگاري، اُهن جي واڌ-مهانگائي ۽ پرشٽاچار جو بول بالا آهي. اُنهن حالتن کي ظابطي ۾ آڻڻ ۽ بدلائڻ لاءِ، جئه پرڪاش نارائڻ نوجوانن کي سڏ ڏنو ته ديش جي نو نرماڻ لاءِ، سمپورن ڪرانتيءَ جي آندولن ۾ ٽپي جنتا جي خوشحاليءَ جو ڪاريه ڪن. جئه پرڪاش زندگيءَ جي هر کيتر سماجڪ، آرٿڪ، راجنيتڪ، سپيتڪ، نيتڪ، تعليمي کيترن ۾ پوري جنتا جي ڪلياڻ لاءِ ڪرانتي آڻڻ جي ضرورت لاءِ آواز ڏنو.

پرشٽاچار دور ڪرڻ، مهانگائي هٽائڻ، بيروزگاري ختم ڪرڻ ۽ موجوده تعليمي طريقي ۾ بدلاءُ آڻڻ جون مکيه طرح گهرون ڪيون.

سمپورن ڪرانتي آندولن ۾ جنتا وڏي گهٽائي سان ڀاڱه ورتو. سرڪار جي امرجنسيءَ جي دٻاءَ جي پرواه نه ڪري، لکين نوجوان جيل ۾ باند ڪيا ويا. عام چونڊون ٿيون ته سرڪار هارايو. نئين سرڪار جنتا سرڪار لوڪ نائڪ جيه پرڪاش نارائڻ جي آشيرواد سان ٺهي. اُن زماني ۾ ڀارت جي هر ڳوٺ ۾ هر نگر جي گلي گليءَ ۾ اِهو نعرو نهايت لوڪپريه هو 'انڌيري ۾ ايڪ پرڪاش - جئه پرڪاش، جئه پرڪاش !'

اڄ به لوڪ نائڪ جئه پرڪاش نارائڻ جا سمپورن ڪرانتي ۽ لوڪ سوراج جا سڌانت ۽ ويچار، ابياس ڪرڻ، سمجهڻ ۽ عمل ۾ آڻڻ جي ضرورت آهي، ته جئن موجوده پرشٽاچار، آتنڪواد، هنسا، بڪ، بيروزگاري، بي علمي، بيماريءَ جا مسئلا حل ٿين. موجوده راجنيتي پارٽين معرفت ڀارت سکي نه ٿيندو. جئه پرڪاش جي صلاح انوسار اُلٽا پرئمڊ، يعني گهٽي ۾ گهٽي طاقت ڳوٺن جي گرام سڀا، گرام پئنچات ۽ نگرن جي محلا لوڪ سمتين کي ڏئي عام جنتا کي حڪومت ۾ سهه ڀاڱي بڻائڻ گهرجي.

هن ڪاريه ۾ سرووديه منڊل ۽ سرو سيوا سنگهه ۽ سهيوگي ڪاريه ڪري رهيا آهن، اُنهن کي تن من ڌن سان ساٿ ڏئي، نئين آزاديءَ جو نرماڻ ڪرڻ لاءِ پرزور ڪوششون ڪرڻ گهرجن.

●●●●●

سيوڪ) چوندو هو. پر مرليڌر اُن روڳيءَ کي ڏسي بلڪل گهبرائجي ويو. هو روڳيءَ کي هڪ ڪپڙي سان ڍڪي، اُتان ڊوڙي ڀڄي ويو. گهر ۾ جڏهن آيو تہ ٿوري وقت بعد هنکي پاڻ تي غصو آيو تہ هو ڊرپوڪ بڻيو ۽ هڪ ٻئي غريب دکي انسان کان نفرت ڪيائين. اُن بعد هو گهر مان نڪري وري اُن روڳيءَ وٽ اچي، هنکي پنهنجين ٻانهن ۾ پريم سان کڻي گهر آيو ۽ اچي هن جو سيوا ۽ علاج ڪيائين. اُن ۽ ڪن ٻين اهڙن آزمودن بعد هن اهڙو ڪجهہ ڪرڻ جو ويچار ڪيو تہ هڪ ڪَميونُ (گڏيل ساڏنا ڪيندر) کوليان جتي اهڙن مسڪينن ۽ دکين کي پاڻتي ياڙي، زندگي گذارڻ جو آنند ملي. هن اهو سوچيو تہ جيڪي بلڪل دريدر آهن، جنکي سماج ڪابہ مدد نٿي ڪري، جيڪو سو ڪانئن نفرت ٿي ڪري، اُنهن کي مدد ڪريان جئن هو سنمان جي جيون گذاري سکي ٿين. آرٿڪ طور اُهي خود مختيار رهن، ڪين ٻين جي دان جي غرض نہ رهي. مرلڌر پنهنجي سپني کي ساڪار ڪرڻ لاءِ درڍتا سان سنڪلپ ڪري، ڪاريہ شروع ڪيو. سرڪار کان هن بنجر ۽ غير اُپجائو زمين حاصل ڪئي هن پنهنجي اِسپتال ۽ مها روڳين جي ڪالوني اڏي. هنجي سهڌرمڻيءَ هنکي مڪمل پورو ساٿ ڏنو. ڪيس هڪ سال جو پٽ هو. هڪ منڊي ڳانءَ ۽ ڇهن مهاروڳي بيمارن سان هن ڪالونيءَ جو ڪم شروع ڪيو. ڪيس جا زمين ملي سان پڙيانگہ هئي. ڪنڊن وڏن ٻوٽن سان پرپور هئي. نانگہ، وڇون ۽ جهنگلي جانور جت ڪٿ پئي ڦريا. ٿورن ڏينهن ۾ هن اُن زمين تي هڪ ٽن -شيڊ ٺاهي اُتي پريوار، بيمار ۽ ڳانءَ سان گڏ جيون شروع ڪيو. هن جو پڪو نشچو هو تہ ’دان نہ گهرجي پر هنن کي موقعو ڏجي‘ ’ڪوڙهہ جو بيمار بنا آڱرين جي رهي سگهندو پر بنا سنمان جي نہ رهي سگهندو.‘

بابا آمٽي هڪ لاثاني شخص آهي. هنجي هرديہ ۾ سپنن لهڻ واري ڪويءَ جو واس آهي، سماجڪ انياءُ خلاف لڙندڙ سورمو آهي. اڄ هو ٨٦ ورهين جي عمر ۾ جڏهن ڪيس گهڻي ساريرڪ تڪليفون آهن، هو ويهن سالن کان ويهي نہ سگهندو آهي، ليٽي ليٽي ڪم ڪندو آهي. سماج وڪاس لاءِ، نوان نوان سپنا ساڪار ڪرڻ لاءِ همٿ سان اڳتي وڌي رهيو آهي.

هاڻي هو آنندون جي ڪار گذارين ۾ ڀهرو نہ وٺندو آهي. آتنڪواد،

۾ هيءَ آدرش مثال، هڪ ئي پنهنجي ڍنگ جو آهي، جو مها روڳين، ڪوڙهه جي بيمارن، جي محنت ۽ مدد سان ڪاليج ٺهيو آهي. ڪيترو نه اُتساهه اڇي ٿو اِهو ڏسي، ته سماج جا ڌڪاريل، ڪوڙهي بيمار، اپنگ، انڌا، گونگا اِنسان، هيڻا سماج سيوا جو سندر ڪاريه ڪري سگهيا آهن. هن مثال مان اِهو دنيا جي اڳيان آدرش مثال هميشه لوڪ سيوا لاءِ پاونا قائم رکندو ۽ ان مان اِها سکيا ملندي رهندي ته اِنسان، ٻئي ڪنهن اِنسان کي نفرت ۽ ڌڪار سان نه ڏسي، پر پريم ۽ سيوا جي درشٽي ڌاري، وهنوار ڪري ته جئن سڀ انسان ڪارگر ۽ ڪارائتا بڻجي سگهن.

آنندون جو نرماتا مرليڌر ديويداس، يعني بابا آمٽي ودرڀ جي امير گهراڻي ۾ ڄائو هو، سندس جيون عيش ۽ عشرت سان ڀرپور هو. ويهين صديءَ جي ٻئين ۽ ٽئين ڏهاڪن ۾ جڏهن ڀارت ۾ نهايت ٿوريون موٽرڪارس هيون، تڏهن نوجوان مرليڌر شرطن جي راندين ۾ موٽرڪار هلائيندو هو، ننڍا ۽ وڏا شڪار ڪندو رهندو هو، سڀ انگريزي فلمون شونق سان ڏسندو هو ۽ هاليووڊ جي فلمن جي مکيه ائڪٽرس ۽ ائڪٽريسيس کي خط لکندو هو. ڪيترن ائڪٽريسين ۽ ائڪٽرن کي هنجا خط جن ۾ نقطچيني ۽ ساراهه جي اوکه ٻوکه هوندي هئي، خوب وڻندا هئا ۽ هن سان پتر-مترتا وڌائيندا هئا ۽ هيون. هن قانون (لا) جو امتحان پاس ڪري، وارورا ننڍي نگر ۾ وڪالت شروع ڪئي. ڌنڌي ۾ ڪامياب ٿيو. لوڪ پريتا حاصل ڪيائين. ميونسپالٽيءَ جو ميمبر ۽ پريزيڊنٽ چونڊيو. اُن عرصي ۾ صفائي ڪامگارن، ڀنگين سان ڳالهين ۾، هڪ ڀنگيءَ ڪيس اُلهنا ڏيندي چيو ته، ”صاحب اوهان وڏي جات وارا برهمڻ، اسان ڀنگين جي مشڪلاتن کي سمجهي نه سگهندا، جو اسين ماڻهون جو گونهه مٽ ميڙي نوڪريءَ ۾ وجهي، پنهنجي سر مٿي کڻون ٿا.“ نوجوان مرليڌر تي اُن سچائيءَ جي بيان جو گهڻو اثر پيو. هن ڀنگين جيان ڪاڪوس ميڙڻ ۽ ڪچري جا ڏول مٿي تي کڻڻ جو ڪم شروع ڪيو. ان ڪم ڪندي هڪ ڏينهن هن رستي جي ڪناري تي هڪ مها روڳي، ڪوڙهه جو مريض ويٺل ڏٺو، جو سخت برسات ۾ پريشان هئو ۽ هنجي بدن تي جي ڦٽ هئا اُنهن ۾ ڪيڙا پئي چريا. مهاتما گانڌيءَ مرليڌر کي ’اڀيه سادڪ‘ (نرڀيه

مليا آهن جن جو تفصيل تمام وڏو ٿيندو. بابا آمٽي اِهي پرسڪار آنندون ۽ ٻين ٽرسٽ ۾ سيوا ڪاريہ لاءِ سمرپت ڪيا آهن.

ڊاڪٽر وڪاس آنند، هڪ سال جي عمر ۾ آنندون ۾ آيو. اڄ هو سارو ڪاروبار گهٽي لڳن ۽ اُتساه سان سنڀالي رهيو آهي. آنندون ۾ ورڪشاپ، ڪتائي ۽ ٻُنائي سينٽر، پرنٽنگ، ٽيلرنگ، دستڪاري مرڪز ۽ ٻيا سب اُتپادن ڪيندر، آنندون جا ناگرڪ سنڀالي رهيا آهن. جيڪي بيمار چاڪ ٿين ٿا اُنهن کي پنهنجا پريوار گڏ پاڻ سان رهائڻ قبولين نہ ٿا. انڪري هو اُتي ئي عزت سان رهن ٿا. آنندون مان ڪنهن کي بہ ٻاهر نہ ڌڪيو ويندو آهي. جي ڪو پاڻ ٻاهر وڃڻ چاهي تہ اُنکي موڪل ڏني ويندي آهي. ان ڪري هر سال آنندون جي آدمشماري وڌندي رهندي آهي. گذريل پنجاهہ سالن ۾ آنندون ۾ انڌا، ٻوڙا، گونگا ۽ اَپنگ بہ وڌيا آهن. ان ڪري نيون بستيون بہ نرماڻ ٿيون آهن. جهڙوڪ سومنات، اشوڪ ون، ناگيپالي ۽ ٻيا. هر طرح اِها ڪوشش ڪئي ويندي آهي تہ نگريءَ جون ضرورتون اُن جي ڪيتي ۽ هنري ڪيندرن مان پوريون ٿين. آرٿڪ سواولمبن ۽ آزادي حاصل ڪجي. اُن هوندي بہ سنستا جي اڏاوت ۽ مرامت وغيره. ڪئپيٽل ضرورتن لاءِ پئسي جي ضرورت پوندي آهي. مهاروڳي سيوا سمتي ورورا مهاراشٽرا

'Maharogi sewa samiti warora Maharashtra'

جي نالي سهايتا موڪلي سگهجي ٿي تہ جئن ڪمزور ۽ بيمار بہ واڌارو ڪري، خود مختيار ناگرڪ بڻجي وڪاس شيل سنسڪرتي وڌائڻ ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿين.

اسان جو ڀارت ديش مهان آهي، جتي بابا آمٽي جهڙا ڪرامتي سيوڪ پيدا ٿين ٿا.

بابا آمٽي نهايت ڌتڙيل، ڪُروپ، بدزيبن اِنسانن کي جن کان ٻيا مونهن موڙي، ڌڪار ۽ نفرت ڪن ٿا، اُنهن کي گهٽي سنيهہ سان ۽ وگيانڪ ڍنگ سان پنهنجي هٿن سان سيوا سان، نئين جيون بخشي، ايشور جي مهان پوڄا جو هڪ شاندار مثال سماج اڳيان رکيو آهي. رواجي طور ماڻهو ايشور جي پوڄا آراڌنا لاءِ، ديوتائن جون سندر پٿرن جون مورتيون ٺهرائين ٿا پر هن تہ ڀڳوان

قومي ايڪتا، جهنگلن جي رکشا، آبهوا جي پوليوشن (پردوشڻ) وڏن بندن خلاف، آديواسين جي بچاءَ لاءِ طوفاني تحريڪن ۾ ڀرپور وني رهيو آهي. نرمدا نديءَ مٿان شاهي بند ٺاهڻ سان سرڪار ديش جو وڏو نقصان ڪري رهي آهي. اُن آندولن ۾ آديواسين سان هن پاڻيءَ ۾ جل سماڌيءَ وٺڻ جو فيصلو ڪيو. پر سرڪار اُن تي ڌيان نه ڏنو. بابا آمٽي چيو ته ٻوڙهن جي ڪرانتيءَ جي بيوگل جي هيءَ گرجنا آهي.

هن سال آنندون جا پنجاهه سال پورا ٿيندا. گذريل ڏهن سالن کان بابا آمٽي آنندون کان الڳ دور ٿي رهيو آهي. پر آنندون ڏنبدن ترقي ڪندو رهيو آهي. بابا آمٽي جا ٻه پٽ ۽ اُنهن جون ڌرمپتنيون، جي چارئي ڪواليفائيڊ ڊاڪٽر آهن ۽ اُنهن جي ٽيم، ٽولي، آنندون جو ڪم سنڀالي رهيا آهن. اُنڪانسواءِ هو اُن جا ٻه ٻيا ننڍا ڪيندر ۽ ان اُپ ڪيندر درڍنا ۽ پڪتي پاوَ سان سنڀالي رهيا آهن.

بابا آمٽي پنهنجي ننڍي پٽ ڊاڪٽر پرڪاش جي مدد سان ڊنڊ ڪارنيا جي جهنگلن ۾ رهندڙ ماڊيا گونڊ آديواسين جي واڌاري لاءِ اُتي تعليمي مرڪز ۽ ميڊيڪل سينٽر شروع ڪيا. اُنهن آديواسين کي انياءَ جي خلاف لڙي نياءَ حاصل ڪرڻ لاءِ مدد ڪئي. تعليمي مرڪز ۾ پنج سؤ آديواسي ڪاريه ڪرتا تيار ٿي، اُن ڪيتر ۾ سماجڪ ڪرانتيءَ ۾ اُتساه سان ٻيا ڪاريه ڪرتا تيار ڪن ٿا. ٽيهه سال اڳي اُن ڪيتر ۾ رهندڙ پنهنجو نالو به لکي نه سگهندا هئا، اُتي هاڻي ڪيترا اڌياپڪ ۽ ڊاڪٽر تيار ٿيا آهن. سرڪاري آفيسن ۾ ڪلارڪ وغيره تي وڏي تعداد ۾ اُن ڪيتر مان اچي ڀرتي ٿيا آهن.

اڄ آنندون جو سڄيءَ دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ نالو ڦهليل آهي. جدا جدا ملڪن جا وچارڪ ۽ سماج سيوڪ، ودوان، آنندون ۾ اچي، اُن جي وڪاس ۾ پاڻ موڪيو آهي.

بابا آمٽي کي دنيا ڀر مان ان ڪاريه لاءِ ڪيترا پرسڪار ڏنا ويا آهن. يو.ايس.اي مان ڊوميين ڊوئن اوارڊ، مئگسيسي (فلپسائينس) يونائيڊنيشنس مان (هيومن رائيٽس اوارڊ) ٽيمپليٽن اوارڊ (يو.ڪي.) رائيٽ لائيولي هڊ اوارڊ (سئيڊن) ۽ ٻيا ڪيترا. ڀارت ۾ وشو مان هنڪي ايترا ته گهڻا پرسڪار

پوڄنيہ دادا جي پانڊورنگ شاستري آٺولي،
يڪتي ڀاوَ جي نوچيتنا سان،
رچناتمڪ ڪرانتيءَ جو نرماتا !



”اسان ڌرم ۾ آيل جڙتا ۽ وڪرتيءَ کي دور ڪري، ڌرم کي شڌ سوروپ ۾ آڻڻ لاءِ پريتن شيل آهيون، پر اسان ڌرم اُڌارڪ نہ آهيون.“

’سماج ۾ موجوده وشمتا (اسمانتا) دور ٿئي، اونچ-نيچ جو ڀيد ڀاو ختم ٿئي، ايڪتا ۽ سمتا نرماڻ ٿئي، ان جا اسين آگرهي آهيون، پر اسان سماج سڌارڪ نہ آهيون.“

”ڇوت ڇات ختم ٿيڻ ئي گهرجي، اِها ڌرم مٿان ڪلنڪ آهي، ان گندگيءَ کي ڪڍڻ لاءِ اسين پريتن شيل آهيون پر اسان ڇوت ڇات نوارڪ نہ آهيون. گرام وڪاس ۽ گرام سڌار لاءِ اسان آگره ڪريون ٿا پر اسان گرام اُڌارڪ نہ آهيون.“

”اِستري، گهر جي چئن ديوارن کان ٻاهر اچي، سماج جي پورن رچنا ۾ چست ٿئي، اهڙي اسان جي ڪوشش آهي. پر اسين اَبلا اُڌارڪ نہ آهيون.“

”تعليم ۾ بنيادي بدلاوَ اچي، اُنجا اسين صرف چاهيندڙ ئي نہ پر ان بدلاوَ آڻڻ لاءِ پريتن شيل بہ آهيون. پر اسان سکيا شاستري نہ آهيون.“

”راڄنيتيءَ ۾ بنيادي فرق اچي، ڀرشٽاچار ختم ٿئي، ان جا اسين

جي زنده ڪنبت مورتين کي بہ ڇاتيءَ سان لڳائي، ايشور جي سچي پوڄا ڪئي آهي. اسان جي مندرن گردوارن، گرجا گهرن ۽ مسجدن جا پوڄاري سنت سادو، پادري، جٿيدار، مولوي وغيره وڏيون وڏيون ڪٿائون ۽ ڪيرتن ڪن ٿا. اهو بہ سٺو ڪم آهي، پر حقيقي سچو ڪم تہ آهي دکين، دربدرن، روڳين کي پيار ڪرڻ ۽ سندن دکہ نوارڻ لاءِ بابا آمٽي جيان من لڳائي زنده آدرش سماج نرماڻ ڪرڻ. شل اسان جا نوجوان ڌرم پرچارڪ، سماج جي هنن پيڳل پونگڙن جي خدمت ڪري، سماج جو اُڌارڪن ۽ ايشور جي آسيس پائڻ جا صحي حقدار ٿين. ڀارت جي راشٽرپتيءَ بابا آمٽي کي 'گانڌي پرسڪار' پيٽ ڪندي چيو تہ بابا آمٽي جي ڪاريہ شيلي ۽ وڪاس جي ويچارن کي ڀارت ۽ وشو کي مهٽو پوندو. هن ڪمزور ۾ ڪمزور ورگہ جي ماڻهن کي بہ زندگيءَ لاءِ بيڪاري ٿيڻ کان روڪي، پنهنجي محنت تي ڀاڙڻ سيکاريو. دان پيج سان بکاري نہ وڌائجن پر سومان جا روزگار جا وسيلا وڌائي، سماج ۾ سچو سکہ ۽ آنند وڌائڻ گهرجي. پنيءَ جي هڏي ڪرنگهي ۾ دوش جي ڪارڻ بابا آمٽي ويهي نہ سگهندو آهي. هن جهڙو اپنگہ بيو ڪو آدمي تہ ڪم ڪرڻ جي ڪلپنا بہ نہ ڪري سگهندو.

سريش رام نيڪ لکيو تہ، ''بابا آمٽي جهڙو بيمار، روڳي، شرير کي پراڻ وان پراڪرم جو ڊائنمو بڻائي، چست رهي ٿو. گيتا جي ڀاشا ۾ هو هردم يوگست، آتم ست ۽ ستوسٽ رهي ٿو، ان ڪري سدائين تندرست، سوسٽ، سڪريہ ۽ شُپرسن ۽ مست ڏسڻ ۾ ايندو آهي. هنجي اندر ۾ ڪنهن پد، پرتشٺا يا پرسڪار پائڻ جي ڪڏهن واسنا نہ جاڳي.

هو صرف رچناتمڪ ڪاريہ ۾ ئي نہ رُڪي، شاسن جي غلط نيتين جي ورڌ ستياگرهہ سنگهرش ڪري، سرڪار تي لوڪ شڪتيءَ جو دٻاءُ وجهي، سهي نيتين اپنائڻ سان اَهنسڪ سماج رچنا جو مهان ڪاريہ ڪري، جنتا جي صحي رهنمائي ڪري رهيو آهي.

تپسوي، وير، مهاپرش بابا آمٽي کي، شت شت پرڻام !

●●●●●

شردا، نہ انڌ شردا، سنگنت ڪرڻي پوندي. صرف پئسي ۾ نالي جي پٺيان پوڻ سان نهايت وڏو نقصان ٿيو آهي.'

شڪاگو (جپان) ۾ آڪٽوبر ۱۹۵۴ ۾ انٽرراشٽريہ ڌرم پريشد ۾ هن سمجهايو تہ 'صرف سنسڪرتڪ ۽ اڌياتمڪ اُنتيءَ لاءِ تتو گيان جي ضرروت آهي، اِئين نہ آهي پر يوتڪ جيون، دنيوي زندگي بہ سکي ڪرڻ لاءِ تتو گيان جي ضرورت آهي. رشين دواران سمجهايل يڪتي، شڌ سوروپ سان عمل ۾ آندي وڃي تہ اڄ جي آرٿڪ، سماجڪ، راڄنيتڪ وغيره سڀني مسئلن جو حل ٿي سگهي ٿو.' جپان ۽ آميريڪا جي تتو گيانين شري پانڊورنگہ شاستريءَ کي پنهنجي ملڪن ۾ بہ-بہ سال رهي، پنهنجي ويچارن جي سکيا ڦهلائڻ لاءِ وينتي ڪئي. اُن لاءِ هنن گهڻي ئي سهوليتون ۽ رقمون ڏيڻ لاءِ پڌرائي ڪئي. پر پانڊورنگہ شاستريءَ جي چت ۾ آيو تہ اول يارت ۾ سماج بدلائڻ لاءِ، گيتا ۽ اُپنشدن جي تتو گيان ۽ ويدڪ سنسڪرتي جي ويچارن جي ڦهلاءُ جي ضرورت پوري ڪرڻ گهرجي. اُن بعد ٻين ديسن کي چوڻ جو حق ملندو، شاستريءَ جي من ۾ منٿن هلي رهيو هو تہ رشين دواران نرماڻ ٿيل هيءُ مهان سنسڪرتي ڇو ڪنڊت ٿي ؟ انڌ شردا، پاکنڊ، مٿياچار ۽ وهم سان ڀريل اڄ جو وهنوار ڇا رشين جو ڏنل آهي ؟ حقيقت ۾ رشين ڪان جي ڌرم ۽ يڪتي نہ ملي هجي ها تہ هيلتائين سماج ٽڪي نہ سگهي ها. هاڻي ان ڌرم ۽ يڪتيءَ ۾ وڪرتي آئي آهي، غلطيون ڦهليون ويون آهن، انهن کي دور ڪرڻ گهرجي. اُن لاءِ هن سواڌياءَ پريوار، يڪتي ڦيري، ترڪال سنڌيا، ين ين ملڪن ۾ سواڌياءُ ڪئمپس، ڊوائين برين ٽرسٽ، دويہ برادري، ياو ڦيري، جوانن جي معرفت ڌارمڪ ڪرانتي، سرو ڌرم سويڪار، ايڪادشي اُپواس، اياڇڪ ورت، يوگيشور ڪرشن، متسيگنڌا، هيرا مندر، پريوار سٽورس، گورس ليہ ورڪش مندر، محنتڪش مزدورن طرفان ڏنل دان، گهر مندر، پنهنجي چڪتساليہ، مڇي مارن مهاڻن جو آتم گورو، دلتن جو مانو گورو، منش گورو ڏينهن، هريجن ڪئمپ مندر ۾، لوڪناٿ امرتاليم، يڪتيءَ دواران راڄنيتڪ، آرٿڪ، ياوناتمڪ ۽ اڌياتمڪ ڪرانتي گرام سوراڄ، راشٽر اُڌار لاءِ يوڳن جو زهر چڏي، ياونا جو امرت ڏيڻ، لوڪ سنسڪار،

راڄنتيڳيہ نہ آهيون. آڳرهي آهيون، پر اسان تہ ڀڳت آهيون.“

مٿيان آهن ڪي مکيہ ويچار شري پانڊورنگہ شاستريءَ جا.

ڀارت جي آزاديءَ جا پنجاہ سال پورا ٿيندي، سوتنترتا سورڻ جينتي، گهڻي اُتساہ سان ڀارت ۾ ملهائي وئي. ان موقعي تي ڀارت جي نيتڪ شڪتي، ڪٿن وڌي ان باري ۾ سوچيندي، وجيہ دشمي ۱۹ آڪٽوبر ۱۹۹۹ تي، ديش ڀڳت شري آنند ’مهاتما گانڌي اور پوجيہ پانڊورنگہ شاستري آٿولي‘ بابت ’درشن ... ميري جهروکي سي‘ هڪ سندر پستڪ سماج کي ڀيٽ ڪيو. شري آنند، ڪيترائي دفعا شري شاستريءَ سان وارتالاپ ڪيا. هنجي جدا جدا پروگرامن ۾ ڀاڱہ ورتو. هنکي هڪ نوچيتنا، ڀڪتي ڀاوَ جي، ڀارت جي نونرماڻ لاءِ نظر آئي. آشا جو پرڪاش نظر آيو. اُن جو ذڪر هن پنهنجي ان پستڪ ۾ لکي، سماج کي اخلاقي ٻل، سداچار شڪتيءَ جو سنديش ڏنو.

وشو جي ودوانن شري پانڊورنگہ شاستريءَ جي ويچارن جي سارہ ڪندي، هنجو سواگت ڪيو. ان ڪري هنکي دنيا ۾ سڀني کان وڌي پرسڪار ’ٽيمپلين‘ اوارڊ ڏنو ويو ۽ ايشيا جي سڀني کان وڏيڪ مانواري ’ميگسيسي‘

اوارڊ سان هن جو ستڪار ڪيو ويو. ڊاڪٽر مجيد رهنما، ڊاڪٽر گالٽن، پولا آئيڪن ۽ اهڙن ٻين وشو جي موجودہ نامور وچارڪن کي احساس ٿيو تہ اڄ جي مسئلن جو حل هنجي ويچار ڌارا ۾ آهي. پانڊورنگہ شاستريءَ جي ڪارين کان پرڀاوت ٿي جرمنيءَ جي سينٽ نڪولس جي پنج سوَ جينتي تي هنکي خاص طور گهرائي هنجو سنمان ڪيو ويو. اڄ جي زماني ۾ ڪارگر ٿي سگهن اهڙيون ٻہ ويچارڌارائون آهن. گانڌي ويچارڌارا ۽ پانڊورنگہ شاستريءَ جي ويچارڌارا.

گانڌيجي دواران مانيہ پراچين پرمپرا، ڌرم جي شڌ ڀاونا، گرام سوراڄ جي ڪلپنا، لوڪ ڪلياڻ جي ڀاونا کي نت نئين روپ سان ساڪار ڪرڻ لاءِ، شري پانڊورنگہ شاستريءَ رچناتمڪ ڪرانتيءَ جو ڪاريہ شروع ڪيو آهي. هنجي سنستا تتو گيان وديا پيٺ ۾ هن سان ملاقات ٿي. هن جي راءِ ۾ ’جنهن ديش ۾ ڀڳوان ايترا اوتار ڌارڻ ڪيا، جتي رشين جي هڪ دويہ پرمپرا نرماڻ ٿي، وقت بہ وقت ڪيترن سنتن اُن پرمپرا کي وڌائڻ لاءِ تپسيا ڪئي، اُن سنسڪرتيءَ لاءِ لوڪ هرديہ ۾ فخر جو احساس پيدا ڪرڻو پوندو. ايشور

جي اهميت آهي، اوتروئي جيون وڪاس لاءِ من ۽ بدي کي نيڪ رکڻ لاءِ سواڌياءِ جي ضرورت آهي. انڪري اُنجو لڳاتار ساتتيہ رهڻ نهايت ضروري آهي. سويہ جو اڌين يعني ڪنهنجو اپياس ’سو‘ ڇا آهي؟ ’سو‘ جي ارٿ آهي منش جو اهم ۽ هن جي اڇا شڪتي - ٻنهي جو جوڙ سواڌيايہ آهي. جيون وڪاس ۾ ماڻهوءَ جو اهم رنڊڪ وجهندڙ آهي. جيسين تائين ماڻهو جيئرو آهي، پنهنجو اهم دور نہ تو ڪري سگهي. اهم تہ رهندو ئي. پر هو اهم کي ڀاري، رجائي نرم ڪري سگهي ٿو. اهم کي اوچ بڻائي سگهجي ٿو. نيڪ ان ريت ماڻهوءَ جي اِڇا شڪتيءَ جو بہ وڪاس ڪري سگهجي ٿو اڇا جي ڪري اِنسان ڪرم ڪرڻ لاءِ پريرت، اُتساهت ٿئي ٿو. سد اڇا هوندي تہ هو ست ڪرم ڪندو. بري اِڇا جي ڪارڻ برا ڪرم ڪندو.

حقيقت ۾ اِنسان برو تہ آهي ئي ڪونہ. ’سو‘ کي برابر نہ سمجهڻ جي ڪري هو بيمار بڻجي ٿو. گمراہ ٿئي ٿو ۽ اڌوگتيءَ طرف قدم وڌائي ٿو. سواڌياءَ ذريعي صحي سمجھ ملڻ سان هو پاڻ کي سنڀالي وٺي ٿو. ويسن مڪت بڻجي ٿو. سواڌيايہ جو مطلب سوَ-سوروپ، سوَ-ڪرتويہ، پنهنجي فرض، ۽ سوَ-شڪتيءَ جو اڌين، اپياس، اُن جي ڄاڻ سمجھ حاصل ڪري هو پراماڻڪتا جو آچرڻ ڪري ٿو. سواڌيايہ ’سو‘ ۽ ٻئي جي طرف جي، جيون جي رچناتمڪ درشتي جي سوجھ بوجھ ڏئي ٿو. ڪيترا دفعا ماڻهو پاڻکي بلڪل گهٽ محسوس ڪندو آهي. مان ڪير ؟ ڪهڙي باغ جي موري ؟ ان ريت پاڻ کي ڪمزور سمجهندو آهي. لاچار ۽ مجبور محسوس ڪندو آهي. سواڌيايہ هن جي شڪتي جاڳائي ٿو. سمجهائي ٿو. جاڳو، اُٿو، رئو ڇو ٿا ؟ وشو جو سر جڻهار پالڻهار تو ۾ وينو آهي توسان ساڻ آهي، ساٿ آهي، تہ پوءِ تون پاڻ کي ڪمزور نربل لاچار ڇو ٿو سمجهين ؟ گيتا سمجهائي ٿي ’سروسيہ چاهنم هرد سمنوشٽ‘ مان هرهڪ جي هردي ۾ وسان ٿو. تون پاڻ کي ويچارو لاچار ۽ بيوس ڇو ٿو سمجهين ؟ سيني ۾ رام وسي ٿو. ڪوئي بہ لاچار ۽ ڪمزور نہ آهي. نہ تون لاچار آهين ۽ نہ ٻيو ڪو مجبور آهي. اِنڪري هرهڪ ڏانهن آدر پورڻ درشٽيءَ سان ڏسو.

‘Reverence for self and reverence for all Creation’

گانڌيجيءَ جي سپنن کي ساڪار ڪرڻ، استري شڪتي نونرماڻ نوچيتنا، اڌناري نتيشور جو آدرش، سکيا ۾ ڪرانتڪاري پريوگ، جن سيوا يعني پريو سيوا، غريبي دور ڪرڻ، ڪرم لاءِ پريرڻا ڏيندڙ يڪتي، سنسار اُپيوگ لاءِ آهي، ڪروڻا پورن انتهه ڪرڻ، رام راجيه، پوڳواد نه، ايشور واد، وغيره ڪاريه ۽ آدرش رکيا آهن.

سواڌيايه جي اهميت

سوتنترتا سنگرام جي وقت لوڪمانس جاڳرت ڪرڻ لاءِ گانڌيجيءَ پرارٿنا، پروچن، ينگ انڊيا، ۽ 'هريجن' جهڙا مکيه طريقا اپنايا هئا. اُنهن جي معرفت جنتا کي حالتن جو مقابلو ڪرڻ جي پريرڻا ٻل ملندو هو. پوڳواد کان بچڻ لاءِ جن مانس کي سرڪشڻ ملندو هو. گانڌيجيءَ 'هريجن' ۾ لکيو هو ته منش کي اُڌاروگامي (اوچ مٿي بلنديءَ ڏانهن) يا اڌوگامي (نيچ هيٺ ڪيرائيندڙ) اِنهن ٻن رستن مان هڪ چونڊڻو آهي. پر ماڻهوءَ ۾ لڪل حيوان- ڪيس اڌوگتي (نيچ هيٺ ڪيرائيندڙ) ڏانهن گهلي وڃي ٿو. هيٺ ڪيرائيندڙ راهه خوب ڪشش ڪندڙ رهي ٿي، موهيندڙ رهي ٿي، اڄ جي سيتا ماڻهوءَ کي پوتڪ سهوليتن سان لپائي ٿي. اُن جي لوڀ جي ڪري ماڻهو حيوان جهڙو ٿي وڃي ٿو. جي ماڻهو فيصلو ڪري ته موجوده سيتا ذريعي پيدا ٿيل حيواني خطرن کان بچي سگهي ٿو. ماڻهو خود پنهنجو ڀاڳيه وڌاتا آهي. انڪري هنکي پاڻ پرشارٿ ڪري پورڻ بڻجڻ گهرجي.'

شري پانڊورنگ شاستريءَ اِن حيواني سيتا جي خطرن کان بچڻ لاءِ، جن مانس کي جاڳرت ڪرڻ لاءِ **سواڌيايه** کي چونڊيو آهي. سواڌيايه ۾ گيتا، اُپنشد، ويدڪ ساهتيه جي تيجسوي ويچارن ذريعي منش جيون کي اوچ بڻائڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهيو آهي. اِنسان ذات لاءِ سواڌيايه ضروري آهي. اوچي پد تي پهتل ماڻهوءَ لاءِ به ۽ هيٺ ڪريل دراچاريءَ لاءِ به. اونچو هيٺ نه ترڪي ۽ نيچو مٿي ترقي ڪري.

سواڌيايه جو مطلب آهي -'سويه' جو، پنهنجو خود جو ابياس. مان ڪير آهيان ؟ ڪٿان آيو آهيان ؟ مونکي وڃڻو ڪيڏانهن آهي ؟ ڪهڙي رستي تان وڃڻو آهي ؟ سواڌيايه ماڻهوءَ کي جاڳرت رکي ٿو. اِنسان کي هڪ سٺو انسان هڪ دويه انسان بڻجڻو آهي. شرير جي پالنا لاءِ جيترو پراڻ وايوءَ

سيوا ڪاريه ۾ ڀاڱه وٺي رهيا آهن. مڇي مارينڌڙ مهاڻن، دلتن، غريب مزدورن ۾ ساتوڪ ڀاونائون ۽ ڪرم جي شڪتي وڏي آهي. وڏي تعداد ۾ وڻ پوکيا ويا آهن، جنگي ورڪش مندر ڇيو وڃي ٿو. استري شڪتيءَ جي نونرماڻ لاءِ نوچيتنا ڦهلي آهي، تعليم ۾ ڪرانتيڪاري پريوگه ڪيا ويا آهن. گجرات ۾ سوڪ دور ڪرڻ لاءِ، هر ضلع ۾ ٨٠ تلاءُ، سواڌيايه پريوار طرفان نرماڻ ڪيا ويا آهن. ساري ڪاريه جو بنياد آهي ڀڪتي - ساڌنا.

١٩٨٨ ۾ شري پانڊورنگه شاستريءَ کي **گانڌي اوارڊ** سان سنمانت ڪندي ڇيو ويو ته هنجو ڪاريه مهاتما جي سپنن کي ساڪار ٿو ڪري. ١٩٩٣ ۾، شاستريءَ کي 'پروگريس اِن رليجن اوارڊ'، دوالي پيڻ موهنلال چئريٽبل ٽرسٽ طرفان عطا ڪيو ويو. جو هن 'سرو ڌرم سويڪار' ڀاونا جاڳائي سماج کي هڪ نئين راهه ٻڌائي آهي.

١ آگسٽ ١٩٩٢، پوٽي ۾ دادا پانڊورنگه شاستريءَ کي لوڪمانيه تلڪ پرسڪار ڀيٽ ڪندي، مهاراشٽر جي راجپال شري سبر منيم ڇيو ته ڀارت جي راجنيتڪ اڳوانن راشٽر کي موجوده دردشا ۾ ڪيرايو آهي. هن انڌيري ۾ دادا پانڊورنگه شاستريءَ ۽ هنجي مهان ڪاريه مان ديش کي پرڪاش جي ڪرڻ (ترورو) ملي ٿي.

١٩٩٤ ۾ دادا پانڊورنگه شاستريءَ جي امرت مهو اُتسو ملهائيندي گجرات سرڪار ۽ سيني مخالفت پارٽين گڏجي هن جي مهان ڪاريه مان جنتا جو، جو ڪلياڻ ٿيو آهي، اُن لاءِ هنجي شڪرادائي مڃي ۽ هنجو شاندار سواگت سنمان ڪيو.

شل پريو اهڙي مهاپرش کي وڏي آورجا ۽ سٺي صحت بخشي، جئن هنجي رچناتمڪ ڪرانتڪاري ڪاريه سان ڀارت ۽ مانو سماج جو نيتڪ ٻل، اخلاقي شڪتي ۽ ساتوڪ سيوا ڀاءُ، ڀڪت برادري وڌي، جنهن جي اڄ وڏي گهڻي ضرورت آهي.

پوجنيه دادا جي چرنن ۾ بار بار پرڻام !

●●●●●

اهنڪار ڇا لاءِ ؟ نمرتا جي ڀاونا اچي ٿي. سمرپڻ ڀاءُ اچي ٿو. من جو ڏپ، ڀئہ بہ دور ٿئي ٿو. نرڀيتا اچي ٿي. هيءُ سرشٽي ايشور نرمت آهي. تہ خرابي ڇا جي ؟ ايشور ماڻهوءَ کي اندرين سان سينگاريو آهي. وشيہ ڀوڳہ لاءِ اندريون ڏنيون آهن. سنسار جي اُپيوڳہ ڪندي جي ايشور سمرڻ رهي تہ ماڻهو وشين جي انڌ ۾ نہ ڦاسندو. سنسار مان پڇي وڃڻ جي ورتي بہ نہ ايندي. سواڌيايہ سان اِنسان نہ ڀوڳوادي ٿيندو ۽ نہ ڀوڳہ ومکوادي ٿيندو. ٻنهي جي سمنويہ سان ڀڪتي ڀاوَ ۾ رهندو. اِنڪري هو هر حالت ۾ سکي رهندو. سواڌيايہ سيڪاري ٿو تہ ٻاهرين شين مان جيون جو آنند نہ ٿو ملي. آنند تہ ماڻهو ڪهڙي قسم جي چيز سويڪار ڪري ٿو، اُن ۾ آهي.

سواڌيايہ ۾ ٻڌيءَ جو سنان آهي. سنسار جي جهنجهٽ ۾ هميشہ رهڻ سان، ٻڌيءَ ۾ واسنا وڪار جي گندگي اچي ٿي. گهر ۾ صبوح جو صفائي ڪانپوءِ شام جو وري ڪچرو ڪنو ٿي وڃي ٿو ۽ ڪڏهن پوندو آهي. ان ريت ٻڌيءَ ۾ ڪچرو اچي ٿو وڃي. اُهو ڌوئڻ سان ماڻهوءَ جي ورتي ست جي طرف وڌي ٿي.

جيو، جڳت ۽ جڳديش جو سنبنڌ سمجهي، جيون کي آنند سان ڀرڻ، سهہ ڌرم، سهہ ڀڳتي، سهہ تتو وگيان جاڳائي، ماڻهو، سماج ۽ راشٽر جي پنر نرماڻ لاءِ شڪتي حاصل ڪري ٿو.

سو اڌيايہ سان جيون جو سروانگي وڪاس ٿئي ٿو. جيون ۾ همٿ اچي ٿي، حوصلو بلند ٿئي ٿو. جيون تيجسوي ۽ چرتروان ٿئي ٿو. ٻڌي ڪلي ٿي. جيون ڀاو سمرڌ ۽ پريمميہ بڻجي ٿو. 'سوَ' جي سمجهہ مظبوط ٿئي ٿي. مان ڪير آهيان ؟ ڪٿان آيو آهيان ؟ مونکي ڇا بڻجڻو آهي ؟ اُن جي جاڳرتا سواڌيايہ مان ملي ٿي. سماج ۾ ديوي برادريءَ جي اُنتي ٿئي ٿي. پانڊورنگہ شاستريءَ جي سواڌيايہ جا ڪيندر ڀارت جي هزارن ڳوٺن، ۽ دنيا جي ڪيترن ملڪن ۾ هلي رهيا آهن. عرب ملڪن ۾ بہ. جتي هزارين ماڻهو شامل ٿيندا آهن. انڪري ڀاونا سان ڪيترا سيوا ڪاريہ، پريو سيوا ڪاريہ هلي رهيا آهن. انگلنڊ، آميريڪا، ڪئناڊا، آفريڪا، ڪاڙيءَ جا عرب ملڪ، سويڊن، پورچوگال، ويسٽ اِنڊيز، فجي ٻيٽ، وغيره دنيا جي ملڪن ۾ سواڌيايہ پرواهہ هلي رهيو آهي. هزارن جي تعداد ۾ ڀائر ڀينر اچي ڀڪتي سواڌيايہ ۽ پريو

مدراس جي ڪرسچن ڪاليج ۾ داخل ٿيو. ان سمي سوامي وويڪانند جي ويدانت گرجنائن جو هن تي گھڻو اثر پيو. ويهن ورهين جي عمر ۾ هن دي ايٿڪس آف ويدانت، تي هڪ زوردار ليک لکيو. سندس ساک ڦهلي.

١٩٠٨ ۾ پريزيڊنسي ڪاليج ۾ لاجڪ جو اسسٽنٽ پروفيسر مقرر ٿيو. ١٩١١ ۾ هن ڪاليج وديا پوري ڪئي. 'درشن' فلاسافيءَ ۾ ايم.اي پاس ڪيائين. وديارٿي جيون ۾ غريبيءَ کان گھبرايو نه. ٽيوشن ڏئي گذارو ڪندو رهيو. سندس سهپاڻي ۽ پروفيسر سندس ودوتا ڏسي ڪيس گھڻي عزت ڏيندا هئا. ڪجھه وقت گورنمينٽ آرٽس ڪاليج راجمهندرم ۾ 'درشن' پڙهايائين. ١٩١٨ کان ١٩٢١ تائين مئسور جي مهاراجا ڪاليج ۾ پروفيسر رهي، وديارٿين ۾ گھڻي لوڪ پريتا پاتائين. اُن عرصي ۾ هن ٻه گرنٿ 'دي رين آف ريليجنس اِن ڪانٽيمپوري فلاسافي' ۽ 'فلاسافي آف روبندرناٿ' لکيا. انهن گرنٿن جي ڪري راڌاڪرشڻن جو ودوانن ۾ سنو نالو ٿيو. گرديو ٽئگور شانتينڪيتن مان هن نوجوان پروفيسر کي لکيو ته اوهانجي لکيل گرنٿ جي سوڀيا بابت ڇا لکان ؟ مونکي شڪ آهي ته ٻيو ڪو منهنجي تتو گيان جي وشيه ۾ اهڙو لکي سگھندو يا نه ؟' انهن ٻن گرنٿن کانسواءِ 'مائينڊ' مئگزن ۾ 'برگسن' جي فيلسوفي بابت سلسليوار ڪيترا ليک ليکائين. لوڪمانيه تلڪ پنهنجي مشهور گرنٿ 'گيتا رهسيه' (١٩١٦ ۾ ڇپيل) ۾ راڌاڪرشڻن جي ليکن جا حوالا ڏنا. نوجوان پروفيسر لاءِ اِها فخر جي ڳالهه هئي.

بينگال جي مهان ودوان سر استوش مکرجيءَ، پروفيسر راڌاڪرشڻن کي ڪلڪتا يونيورسٽيءَ ۾ پوسٽ گرئجوئيٽ ڊپارٽمينٽ ۾ پروفيسر چونڊيو. اُن يونيورسٽيءَ طرفان انٽرراشٽر فلاسافي ڪانگريس هارورڊ ۾ پروفيسر راڌاڪرشڻن شامل ٿيو، اُتي آمريڪا ۾ هنجي تقريرن جو شاندار پرڀاوُ پيو. آمريڪاواسين کي لڳو ته ٻيو سوامي وويڪانند ڀارت مان آيو آهي.

وشو شانتيءَ - وشو سرڪار
جو مهان اُپاسڪ
ڊاڪٽر راڌا ڪرشڻن

ڀارت ۾ هر سال ۵ سيپٽمبر، ڊاڪٽر راڌاڪرشڻن جو جنم ڏن، وڏي اُتساهه ۽ شرڌا سان، ماسترن جو ڏينهن ڪري ملهايو ويندو آهي. اُن ڏينهن وديارٿين جو سنمان ڪيو ويندو آهي. اِها نهايت سٺي پرٿا آهي. ماسترن جو سنمان ڪرڻ سان سماج کي سداچار ۽ سٺيءَ سماج جي نرماڻ ڪرڻ لاءِ گهڻي شڪتي ملي ٿي.

سرو پلي ڊاڪٽر راڌاڪرشڻن، ڀارت جو مهان شڪشڪ وديا گرو هو. جيون ڀر هو سکيا جي کيتر ۾ ڀاڱ موڪيندو رهيو. هن پنهنجي ساهتيه سيوا، ڀاشڻن ۽ ڪرم سان مانوسماج ۾ ايڪتا پريم ۽ وديا جي ڦهلاءُ لاءِ اديت ڪاريه ڪيو.

جيتوڻيڪ راڌاڪرشڻن، هڪ غريب ڪٽنب ۾ جنم ورتو ۽ سکيا حاصل ڪرڻ لاءِ غريبيءَ جو مقابلو ڪندو رهيو. پر هو چوندو هو تہ سونن چمچن يا ڪاٺ جي چمچن ۾ ڇا رکيو آهي. ڳالهہ آهي تہ وات ۾ ڇا ٿو وجهجي.

مدراس کان ۴ ميل دور سروپلي ڳوٺ ۾ ڊاڪٽر راڌاڪرشڻن جا وڏا رهندا هئا. راڌاڪرشڻن جو جنم ۵ سيپٽمبر ۱۸۸۸ ۾ ٿيو. ۱۲ سالن تائين هن پنهنجي ڳوٺ تستڻيءَ ۾ پنهنجي پتا وٽ شروعاتي سکيا حاصل ڪئي ۽ شاسترن جو ابياس ڪيو. ويلور ۾ وچي وڌيڪ تعليم حاصل ڪيائين. اتي عيسائين کي پنهنجي ڌرم لاءِ شرڌا ڏسي ڪيس بہ پنهنجي هندو ڌرم لاءِ شرڌا اُتپن ٿي. ويلور مان ايف-اي پاس ڪري،

انتر راشٽريہ ڪيتر :

ڊاڪٽر راڌا ڪرشن ڪي ۱۹۲۱ ۾ راشٽر سنگھہ راڳين يو.اين.او، ڪي 'انٽرنئشنل انٽليڪچيوئل ڪوآپريشن' انتر راشٽريہ ٻوڌڪ سهيوگہ ڪاميٽيءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. ان ڪم ڪندي، ڊاڪٽر راڌاڪرشڻ جي جيون کي نئون موڙ مليو. اوپر ۽ اولھہ جي پل نرماڻ ڪندي، وشو ناگرڪ، وشو مانو تيار ڪرڻ جو پروگرام عمل ۾ آندو. وشو برادري ۽ وشو شانتي جا ساڌن سوچيا. ٻين مهاياري لڙائي سبب اهو ڪاريہ بند ٿيو.

راجدوت

۱۹۵۰ ۾ ڊاڪٽر راڌاڪرشڻ کي ڀارت سرڪار رشيا ۾ راجدوت مقرر ڪيو. ڊاڪٽر راڌاڪرشڻ روس ۾ رهندي اُتان جي ڊڪٽيٽر سٽالن سان ٻہ دفعا گڏيو ۽ مٿس سٺو پرڀاوُ وڌو.

اُپ راشٽرپتي

۱۹۵۲ کان ۱۹۶۲ تائين ڊاڪٽر راڌاڪرشڻ ڀارت جو اُپ راشٽر پتي ٿي رهيو. سڀ راجنيتڪ پارٽيون هنجو سٺو سنمان ڪنديون هيون. راشٽر نيائن ڪيس پورو ساٿ ڏنو. ان ڪري راجيہ سڀا جو ڪاريہ سندر نموني هلندو رهيو.

راشٽرپتي

۱۲ مئي ۱۹۶۲ ڏينهن ڊاڪٽر راڌاڪرشڻ راشٽرپتيءَ جو پد سنڀاليو. پنهنجي پاوناٺن سان ڀارت جي سنسڪرتيءَ جي انوسار دنيا جي ڀن ڀن ديسن جا دورا ڪري هن وشو شانتيءَ جي ڦهلاءُ ڪندي پرڀاوشالي ڪاريہ ڪيو. افغانستان، ايران، آمريڪا، انگلنڊ ۽ روس جون سڦل ياترائون ڪيون. هر جڳهہ ڀارت جو شان وڌايو. ڊاڪٽر راڌاڪرشڻ جو رايو هو تہ مانو سماج جو هاڻي نو نرماڻ ٿي رهيو آهي. مانو سماج اڌياتمڪ پورنتا پراپت جي

ڪل پتي

1921 ۾ آنڌرا وشو وديالہ جي سينيٽ پروفيسر راڌاڪرشڻن کي ڪل پتي مقرر ڪيو. نوجوان ۽ اُتساهي پروفيسر ٻن سالن جي اندر اِتهاس، ارٿ شاستر، راڄنيتي شاستر ۽ تيليگو وڀاڳہ شروع ڪيا، آنڌرا يونيورسٽيءَ جو درجو گهڻو اوچو ٿيو.

آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ ۾ ايسٽرن رلجينس جو پروفيسر ٿيو.

ڪلڪتا يونيورسٽيءَ ۾ درشن جو پروفيسر ٿي رهيو. جنوريءَ کان جون تائين انگلنڊ ۾ رهندو هو. هڪ ئي وقت هڪ ئي ودوان ٻن مهان ديسن جي ٻن وشو وديالين ۾ پروفيسر هو.

1939 ۾ مهامنا مالويہ جي، مهاتما گانڌيءَ جي صلاح تي سر سرو پلي راڌاڪرشڻن کي ڪاشي هندو وشو وديالہ جو ڪُل پتي ٿي رهڻ لاءِ مڃايو. ڊاڪٽر راڌاڪرشڻن هندو يونيورسٽيءَ جو ڪاريہ 1948 تائين سنڀاليو. 1939 ۽ 1940 ۾ راڌاڪرشڻن ڪلڪتا، آڪسفورڊ ۽ ڪاشي يونيورسٽيءَ، ٽنهي جڳهين ۾ گهمندو رهيو. وينهن سالن تائين ڪلڪتا يونيورسٽيءَ ۾ رهيو. هر هنڌ هن مهان سيوا ڪاريہ ڪيو.

ڀارت جي آزادي آندولن جي ڀارتين سان ڊاڪٽر راڌاڪرشڻن جو ڪافي سنو رستو هو. مهاتما گانڌيءَ کي ايندن گرنٿ 1938 ۾ سيواگرام ۾ ڀيٽ ڪيائين. سڀاش چندر بوس ۽ مهاتما گانڌيءَ جي ڳالهين ۾ ڀهرو ورتائين.

1908 کان 1948 تائين راڌاڪرشڻن پريا چاليهہ سال وديا ڦهلائڻ جي ڪاريہ ۾ لڳايا.

ڪاشيءَ ۾ جڏهن پهريون ايشائي شڪشڻ سميلن ٿيو تہ اُن جو اڌيڪش ڊاڪٽر راڌاڪرشڻن کي چونڊيو ويو.

1950 ۾ مولانا آزاد ڀارت سرڪار جي شڪشا منتريءَ سڪشا ڪميشن جو چيئرمن ڊاڪٽر راڌاڪرشڻن کي ئي مقرر ڪيو.

باب ٻيون

اڄ جي حالتن

جي

اوکه ڏوکه

ڪوچ ڪري رهيو آهي. اِنسانيت جنهن نئين جنم جي آس ڪري رهي آهي. اُها آهي اڌياتمڪ مانوتا، روحاني انسانيت. دنيا جي موجوده بيماري نئين ڌرم جي جنم جي ويم جي ويدنا آهي. موجوده سڀيتا وشو جي نئين آتما اُتپن لاءِ سنگهرش ڪري رهي آهي. موجوده پيڙهيءَ جو وڏي ۾ وڏو ڪم آهي وشو چيتنا لاءِ روح ڦوڪڻ. ڊپ جي جاءِ تي اسان کي آپيه جي درڪار آهي. اسان کي هڪ تتو گيان، هڪ درشن، هڪ راهه، هڪ آشا جي ضرورت آهي. موجوده اوشواس اَنشچتتا، نرآشا کي پيدا نه ڪيو. وشواس ڪرڻ ڏکيو لڳي ٿو پر وشواس نرماڻ ئي ضروري آهي. اسان روحاني جيون جي ڪوچ ۾ آهيون جو پرماٽڪ، سرو شڪتيمان ۽ صاف رهندو.

گرنٿڪار

ڊاڪٽر راڌاڪرشڻ قريب ڏيڍ سوءِ گرنٿ رچيا. گرديو ٽئگور، مهاتما گانڌي، ڀارتيه درشن، هندو فلاسافي، سڀيتا جو آئينده، گوتم ٻڌ، ڀارت ۽ چين، تعليم، راجنيتي ۽ لڙائي، ڀڳوت گيتا، مهان ڀارتي، مکيه اُپنشد، برهم سوتر ۽ آتما ۽ وشو شانتي ۽ ٻيا گرنٿ جي ڀارت ۽ دنيا جي لئبررين، يونيورسٽين ۾ گهڻي سنيهه سان پڙهيا وڃن ٿيا.

ڊاڪٽر راڌاڪرشڻ وشو شانتي ۽ وشو سرڪار نرماڻ جو مهان ڪاريه نوجوانن لاءِ ڇڏيو ويو آهي. شل اسان جا نوجوان اُن ڪاريه لاءِ قدم ملائي، قدم وڌائين!

جئه - جڳت!

●●●●●

جو وڪاس ٿيندو. سوديشي، گرام اُديوگ، جي سنسڪرتي پراچين ڪال کان ڦهليل آهي. اُنهيءَ سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ جي معرفت دنيا ۾ امن ۽ شانتي ايندي.

١٩٩٧-١٩٩٨ سال ڀارت جي آزاديءَ جي پنجاهہ سال پورا ٿيڻ ڪري سونهري جشن ڪري ملهايو ويو. ڀارت اهنسا سان آزاد ٿيو. اِهو مانو اِتهاس جو هڪ وڏو چمتڪار آهي. بنا هٿيارن جي مهاتما گانڌيءَ، وشال انگريز سلطنت، جنهن تان سج ئي نہ لهندو هو، کي هٽائي ڇڏيو. ان مهان سڦلتا مان اِنساني سماج کي اِها پريرڻا ملي ٿي، تہ جڏهن اهڙو ڏکيو مسئلو اهنسا ذريعي حل ٿي سگهيو، تہ هاڻي جي اِنسان جا موجوده مسئلا آهن، اُهي بہ اهنسا جي ذريعي ڇو نہ حل ٿي سگهندا ؟ نراشا جو ڪوئي ڪارڻ ڪونهي، همت ۽ آشا سان پنهنجون ڪوشنون چالو رکڻ گهرجن.

آچاريہ ونوباڀاوي چيو تہ 'اڄ وگيان جو زمانو آهي. سماج وگيان جي ذريعي طاقتور بڻجي سگهي ٿو. مگر ان لاءِ اسان جي سماج جو، پون آهي اُن جي تري وارو بنيادي مڪان آهي اهو ڳوٺ. ڳوٺ کي مضبوط ڪرڻو پوندو. اُن کان پوءِ تحصيل، ضلع ۾ راجيہ، ديش ۽ وشو جا مٿيان مڪان ٿا اچن، جي تري جو مڪان ئي ڪمزور هوندو، تہ مڪان جا مٿيان حصا ڪئن قائم رهي سگهندا ؟

اسان جو ڪم آهي تہ ڪمزور هيٺين طبقي جي ويوسٿا کي شڪتيشالي بڻايون. ڳوٺن جي ماڻهن کي برابر کاڌو نہ ملندو، ٻارن کي کير مکڻ ڏهي نہ ملندا، تہ ڪمزور ٿيندا. ڳوٺ جا جانور اڌ بکيا آهن، تہ ڳوٺ لاءِ اناج ۽ کاڌي جو سوال رهندو. جي ڳوٺ ۾ ئي اناج نہ هوندو تہ تحصيل، ضلع، راجيہ، ملڪ ۾ دنيا کي اناج، کاڌو ڪٿان ملندو ؟ ان ڪري مون ڀودان، گرامدان، گئو رڪشا آندولن شروع ڪيا آهن. گئو رڪشا کان سواءِ گرام سوراج، اهنسڪ سماج رچنا نہ ٿي سگهندي. ڳانءِ نہ رهندي تہ ڳوٺ ڪئن ٽڪندو ؟ ڳوٺ نہ رهندا تہ گرام سوراج ڪئن نرماڻ ٿيندو ؟' ڪنهن بہ عمر جي ڳانءِ ٻيل هن ڪيتي پرڏان ملڪ ڀارت ۾ نہ ڪٽجن

جئہ -گرام -
جيہ جگت !

(هيءُ ليکہ هنديءَ ۾ ٣٥ سرووديہ سماج سميلن جي سووينئر ۾ ڇپيو ءَ گئو ونش رکشا ستياگره جي ١٨ ساليانيءَ سڀا ۾ ستياگرهين ۾ پڙهيو ويو. اُن جو سنڌي ترجمو پاٺڪن لاءِ پيش ڪجي ٿو.)

ڀارت سرڪار جي شهري وڪاس کاتي جي سيڪريٽري شري سوا رام ڪرشڻ لکي ٿو تہ :-

ڀارت ۾ هن وقت ٢٠٨ شهري لوڪ سڀا چناو ڪيتر آهن، جن ۾ ٢٥ ڪروڙ ووٽر رهن ٿا، جي ڀارت جي ووٽرن جي ٤٠ (چاليهہ) سيڪڙو آهن. اِهي ديش جي آمدنيءَ جو ٧٠ (ستر) سيڪڙو آمدني نرماڻ ڪن ٿا. ڀارت جي آزاديءَ کان پوءِ شهرن جو واڌارو نهايت گهڻو وڌيو آهي. جنهنجي ڪري هنسا، آتنڪواد ءَ ٻيا مسئلا گهڻو وڌيو آهن. راشٽرپتا مهاتما گانڌيءَ ٥ آڪٽوبر ١٩٤٥ جو پنڊت جواهرلعل نهروءَ کي لکيو هو تہ منهنجو وشواس آهي تہ ڀارت جي معرفت وشو ۾ سچي آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ اسان کي دير-سوير آخر ڳوٺن ۾ وڃي رهڻو پوندو. جهوپڙين ۾ ءَ نہ محلن ۾. ڪروڙن اِنسانن کي شهرن ۾ محلن ۾ رهندي آرام ءَ شانتي نہ ملي سگهندا. ستيہ ءَ اهنسا جو درشن ڳوٺن جي سادگيءَ ۾ ئي حاصل ٿيندو. ڳوٺن ۾ ئي رام-راجيہ جو نرماڻ ٿيندو. سواولمبي ڳوٺن سان ئي اهنسڪ سماج نهندي انياءَ دور ٿيندو. هنسا جو بنياد آهي انياءَ ءَ بي انصافي، ڪنهن جي حڪم سان آدرش سماج نہ نهندي. ڀارت جي ڳوٺن ۾ پراچين وقت کان سڀاويڪ سهيوگہ پريم آهن. ڳوٺن ۾ ئي پنچات ذريعي سهيوگي سنسڪرتي ءَ سڀيتا

ڪري سگهنداسين ؟ هٿيارن وڌائڻ سان ته ڀَپ دور نه ٿيندو. سرڪار طرفان هٿيار ۽ فوج وڌيڪ وڌائيندا ته ڀَپ وڌيڪ وڌندو. ڀَپ کي دور ڪرڻ لاءِ سوتنتر لوڪ شڪتي وڌائڻ سان ئي جنتا جو منوبل وڌندو. اِها آهي ٽين شڪتي. جا شڪتي هنسا جي خلاف آهي، شاسن شڪتيءَ کان نرالي آهي. هڪ هنسا شڪتي، ٻين ڏنڊ شڪتي يعني حڪومت جي طاقت ۽ ٽين اسان جي شڪتي يعني لوڪ شڪتي. ان شڪتيءَ کي وياپڪ ڪرڻ گهرجي. ان ڪري اسان کي پنهنجو الڳ سمپردايه نه ٺاهڻو آهي. اسان کي عام ماڻهن سان رلي ملي وڃڻو آهي ۽ صرف اِنسان جي ناتي ئي ڪم ڪرڻو پوندو.

لوڪ نائڪ جئه پرڪاش نارائڻ گهڻي وشواس سان لکيو ته ’اڄ جي زماني ۾ گانڌيجيءَ انهيءَ ٽين شڪتيءَ جو سماج ۾ وياپڪ پريوگ آفريڪا ۽ ڀارت ۾ ڪيو، اُن مان اسان کي قيمتي سبق مليا. اِهي سبق بلڪل نوان آهن، جو اهڙا پريوگ اڳي ڪڏهن نه ڪيا ويا هئا. موجوده وقت ۾ ونوباجيءَ به جي وياپڪ پريوگ ڪيا آهن، اُنهن مان به ڪيترين نين سکيائون مليون آهن، جن جي ڪري اڳتي جي ڪاريه لاءِ وڏي مدد ملندي. مان مڃان ٿو ته جنهن ڪاريه ۾ مهاوير، ٻُڌ، عيسيٰ ڪامياب نه ٿي سگهيا اُن ۾ اڄ اسان جهڙا رواجي ماڻهو ڪامياب ٿي سگهندا. اسان کي شرڌا پورڻ ويچار ڪرڻ گهرجي.‘ اِستري شڪتي نوچيتنا، جو ڪاريه اڄ جي حالتن ۾ نهايت ضروري آهي. ڀارت ۾ پنجاه سيڪڙو ڀينر اڻپڙهيل آهن. ڏهيج، ڏيتي ليتيءَ لاءِ ڀارت ۾ هرروز ويهه معصوم ڀينر جلايون وڃن ٿيون. ڪروڙن جي تعداد ۾ ننڍڙين ٻالڪين کي وئشيا ورتيءَ ۾ گهسايو ٿو وڃي. بلاتڪار اتياچار ۽ انياءُ جو ڀينرن مٿان ٿي رهيو آهي، اُن جو طوفاني هلچل سان مقابلو ڪرڻ گهرجي. استري شڪتي نوچيتنا کي جاڳائڻو آهي.

نوجوانن کي اڳيان اچي، سنگهرش لاءِ، نوجوان سري ڪرشن جو پانچ جنيه ناد ڦوڪڻو آهي. آتنڪواد، ٻک، بيڪاري، ڀرشٽاچار جو نرڀيه، نروير ۽ نرپکش لوڪ شڪتيءَ جي طاقت سان مقابلو ڪرڻو آهي. ويسن مُڪت قرض

۽ مانس جي روانگي ٻاهرين ديسن ڏانهن نہ ٿئي اُن لاءِ ڀارت سرڪار قانون پاس ڪري.' اُن اُديش لاءِ ونوبا جيءَ جي آديش انوسار ١١ جنوري ١٩٨٢ کان ديونار قتل خاني تي گوونڊي ممبئيءَ نزديڪ ستياگره شروع ٿيو. اُهو ستياگره اڄ اکنڊ روپ سان هلي رهيو آهي. ستيہ، پريم، ڪروڻا جو سنديش ڏيئي رهيو آهي. هن گئو ونش رڪشا جا ستياگرهي هر روز ستياگره ۾ پرارٿنا ۾ جيہ-جڳت گرام سوراج ۽ وشو شانتيءَ جا نعرا بلند ڪري، سماج کي جاڳرت ڪندا آهن. هيءُ ستياگره آراجنيتڪ، اسمپردايڪ ۽ اهنسڪ آهي. سنت ونوبا جي چوندا هئا تہ تپ جي اگني جلائي رکندا رهو ۽ جپ جو نغارو وڄائيندا رهو تہ ڪڏهن نہ ڪڏهن تہ سُپت آتما سمهيل روح جاڳندو.' وڏيڪ ونوباجيءَ چيو تہ وشو اڳيان جي مکيہ مسئلا آهن اُنهن ۾ هڪ آهي 'بکہ' ۽ بيڪاري ۽ ٻيو آهي اٽو بم، جي وناش لاءِ ٺاهيا پيا وڃن. وگيان جي شڪتيءَ سان اِنسان پنهنجون گهرون وڌائي رهيو آهي. آدمشماري وڌي رهي آهي ۽ بکايل وات وڌي رهيا آهن. وگيان جون کوجنائون شانتيءَ لاءِ جنتا جي ڀلائيءَ لاءِ آڻڻ گهرجن. اُن لاءِ مون ڀودان گرامدان ۽ گئو رڪشا آندولن شروع ڪيا آهن. هڪ راشٽر، ائٽم بم ٺاهي، ٻين راشٽرين کي هيسائي ڊيڄاري رهيو آهي. اوشواس ۽ ڊپ جو ڪارو ڇانو ڌرتيءَ مٿان ڦهلجي رهيو آهي. جپان جي هيروشاما تي ائٽمبم وسايا ويا اُن جو خراب پرڀاءُ اڄ بہ ڏسي رهيا آهيون. هٿيارن سان ڪوبہ مئسلو حل نہ ٿيندو. ايشور اِنسان کي پريم سيکاريو آهي. ساري دنيا ۾ شروع کان ئي ٻالڪپڻي کان ئي پيار، ماتر ڀاشا جو گيان ۽ ڌرم جي سکيا ماءُ ڏئي ٿي. ماءُ پيءُ ٻارن کي ستيہ پريم ۽ شانتيءَ جا گُڻ سيکارين ٿا. قران ۾ هڪ آيت اچي ٿي 'صرف اُهي ئي ڪامياب ٿي سگهندا جي سچائيءَ سان ڪم ڪندا، سڀ ڳالهائيندا ۽ سڀ جو ڀلاءُ ڪندا. باقي ٻيا ناڪامياب ٿيندا.'' پريوءَ اِنسان کي اهڙو تہ رحمدل بڻايو آهي، جو هو ننڍڙي جيو جو دک بہ سهي نہ ٿو سگهي. پر اڄ اُهوئي اِنسان پنهنجي اِنساني برادريءَ کان ڊڄي رهيو آهي. اسان کي اِهو ڊپ ڇڏڻ گهرجي. ڊپ ڇڏي پيار سان رهڻ گهرجي هيءُ هنسا جو ڊپ سماج مان ڪڍڻ دور

شانتي سينا ناهڻ جي ضرورت

سال ٢٠٠٠ کان ٢٠١٠، ڏهه سالن جو شانتي ۽ اهنسا پروَ!

سال ٢٠٠٠ کان ٢٠١٠ سال تائين دنيا ۾ وشو شانتي ۽ اهنسا جا ڏهه سال ملهائڻ لاءِ، نوبيل شانتي پرسڪار وجيتا، فرانس جي راڄڌاني پئرس ۾ عام سڀا ۾ اهڙي پڌرائي ڪئي.

سنيڪت راشٽريه سنگهه، وشو جي متحد جماعت، يو. اين. او به ان پڌرائيءَ جي پٺڀرائي ڪندي، خاص ٻارن لاءِ اُهي ڏهه سال ملهائڻ لاءِ دنيا جي هر باشندي، هر اِنسان کان هيٺينءَ ريت جي پرتگيا ڌرائڻ جي اپيل ڪئي آهي:

(١) 'مان اِهو ڄاڻان ٿو ته اِنسانيت لاءِ، منهنجي جا ذميواري آهي، اُها پوري طرح نڀائيندس. خاص ڪري اڄ جي ٻارن ۽ آئينده جي پيڙهين جي رکشا لاءِ هر طرح ذميوار رهندس.

مان پنهنجي روزمره جي زندگيءَ ۾ پنهنجي ڪٽنب، پنهنجي سماج، پنهنجي ڪم ڪار، پنهنجي کيتر ۽ پنهنجي ملڪ ڏانهن پوري طرح وفادار رهندس. مان بنا ڪنهن ڀيد ڀاوَ جي هر اِنسان جي زندگيءَ ۽ هنجي سنمان ڏانهن پوري طرح سچيت رهندس.

(٢) 'مان پوري طرح اهنسا جو پالن ڪندس ۽ هر قسم جي هنسان کان دور رهندس، چاهي اُن جو سنٻنڌ شرير، من، سماج، آرٿڪ تنتر وغيره جي ڪنهن به چيز يا پرورتي سان ڇونه هجي. مان ٻارن، نوجوانن ۽ سڀني سان اهنسا جو وهنوار ڪندس.

(٣) 'مان پنهنجي سڀني وسيلن سان انهن ماڻهن کي بچائڻ جي ڪوشش ڪندس جن سان راڄنيتڪ ۽ آرٿڪ اَنياءُ ٿي رهيو آهي.

مُکت ۽ اُتم شڪتيءَ سان ڀرپور سمرڌ ڀارت جو نرماڻ ڪرڻو آهي. اُميد آهي تہ گذريل پنجاهہ سالن ۾ جي ڳوٺ ڪمزور ٿيا آهن ۽ وڏا شهر وڌيا آهن، ايڪهين صديءَ ۾ ڪجهہ سالن بعد، مهاتما گانڌيءَ جي ڪلپنا موجب، ماڻهو شهرن جي محلن جي اشانتيءَ کان پٺڀي ڳوٺن جي جهوپڙين ۾ شُڌ پرياورڻ ۾ شانتي ميہ وڪاس جو آنند ميہ جيون ماڻيندا. اسان کي نراشا ۾ نہ اچي سرووديہ جو، لوڪ شڪتيءَ ٿين شڪتيءَ جو دنيا ۾ زوردار پرچار ڪرڻ گهرجي. وشواس سان، اُتساهہ سان راشٽريہ ڪري 'دڪايل' جي 'جيہ-جڳت' جي هن گيت جو سنديش ڦهلايون.

جيہ جڳت پڪاري جا، سر امن پر واري جا.
سڀکي هِت کي واسطي، اپنا سُکہ وساري جا،
پريم کي پڪار هو، سبڪا سبسي پيار هو.
جيت هو جهان کي، کيون ڪسي کي هار هو ؟
نياءُ ڪا وڌان هو، سبڪا حق سمان هو،
سبکي اپني هو زمين، سبڪا آسمان هو.
رنگہ ڀيد ڇوڙ دو، جات پات توڙ دو،
مانوون کي آپسي، اکنڊ پريت جوڙ دو،
شانتي کي هوا چلي، جڳہ کهي بلي بلي،
دن اُگي سنيهہ ڪا، رات رنج کي ڍلي

جيہ جڳت

●●●●●

سگهيا آهيون. هنسا جي فضا ۾ ننڍين هٿيارن جو ڪم آڻڻ، شخصي تڪرارن ۾ راڄنيتڪ اُڏيشن لاءِ وڌندڙ آهي، جيتوڻيڪ ان خلاف گهٽي ئي نهرائڻ پاس ڪيا پيا وڃن.

اِهي هٿيار اڪثر تسڪري معرفت سمگل ڪيا وڃن ٿا ۽ شخص ۽ ٽولين ۾ وڪيا وڃن ٿا. مثال طور اُتر اوڀر ڀارت جي ايراضين ۽ سري لنڪا ۾ ايل. ٽي. ٽي. اي وڏي انداز ۾ اِن ريت هٿيار حاصل ڪري سرڪارين سان جنگيون جوٽي رهيا آهن. اسان کي تڪرارن جي نبيرڻ لاءِ هنسا ۽ اهنسا جي طريقن بابت گهرائيءَ سان ڌيان ڏيڻ گهرجي.

ورڪشاپ جي ڪو-چيئرمن، پاڪستان جي سماج شيوڪ تهرا مظهر يارت جي پروفيسر متين زبيريءَ چيو تہ اسان جي ملڪن ۾ نهايت ٿورائي وارا گروپ آهن جنڪي هنسا جي وڌائڻ ۾ لاڀ ملي ٿو پر وڏي گهٽائي ۾ جنتا شانتي ۽ امن جي چاهنا رکندڙ آهي. مهاتما گانڌيءَ جي آدرشن واري سنسٿا سرو سيوا سنگهہ بہ شانتي سينا ٺاهڻ لاءِ جنتا کي اپيل ڪئي آهي. شانتي سينا سمتي، راڄسٿان واراڻسي اُتر پرديش، ڀاران هيٺين پڌرائي ڪئي وئي آهي.

'ديش ۾ هر طرف هنسا ڦهلجي رهي آهي. اِنسان ڪٿي بہ سلامت نہ آهي. هندو سمپردايواد ۽ اِسلامي ڪٽرواد چوٽيءَ تي پهچي ويا آهن. جنتا کي پاڻ ۾ وراهڻ ۽ الڳاءُ، نفاق پيدا ڪيو پيو وڃي. سرڪاري سرڪشا بل ان هنسا جو مقابلو ڪرڻ ۾ ڪامياب نہ آهي. ڪلي بازار ويوسٿا ڪارڻ اَسمانتا وڌي رهي آهي ۽ بيروزگاري ۽ غريبي وڌندڙ آهي. ان ڪري وڌيڪ هنسا ڦهلجڻ جو انديشو آهي. راڄنيتڪ اپراڌيڪرڻ، سياسي گنهگارن جي ڪري ڳوٺن ۽ شهرن ۾ گنهگار مافيا زور پڪڙي رهيا آهن.

هاڻي فقط هڪ ئي رستو بچيو آهي تہ جنتا سنگٺت ٿئي. شانتيمبہ طريقي سان پنهنجو سمسيائون مشڪلاتون حل ڪري. ان ڪري ڳوٺ ڳوٺ ۾ نگرن جي محلن پاڙي پاڙي ۾ تعليمي سنسٿائن ۾ جنتا بہ پنهنجي شانتي سينا ٺاهي. وڌيڪ ڄاڻ لاءِ شانتي سينا سمتيءَ جي ڏنل ايڊريس تان ڄاڻ ورتي وڃي. نهايت گهڻي خوشيءَ جي ڳالهہ آهي جو ان شانتي سينا سمتيءَ جو

(٤) ’مان ٻالهائڻ جي آزاديءَ کي اهميت ڏيندس، اُن جو بچاءُ ڪندس، مان سپينڪ ووڏنا اَنيڪتا کي عزت ڏيندس ۽ اُنجي رکيا، سلامتيءَ لاءِ ڪوشش ڪندس. مان ڳالهہ ٻولهہ جي ذريعي مسئلن جو حل ڪڍندس. مان اِهو بلڪل پسند نہ ڪندس تہ اُنجي سلجهائڻ ۾ ٻين جي نندا ڪئي وڃي، دٻايو وڃي يا اُنهن کي سماج کان ٻاهر ڪڍيو وڃي.

(٥) ’مان اهڙي اُپيوڪتا آچرڻ (شين جي ڪم آڻڻ جي وهنوار) جي وڪالت ڪندس جنهنجي ذريعي پرڪرتيءَ ۾ سَنتُلن (بئلنس) ميزان قائم رهي.

(٦) ’مان سماج جي وڪاس لاءِ مدد ڪندس، منهنجي ڪوشش رهندي تہ سماج جي سڀني پرورتين، ڪارين ۾ مهلائن، اِسترين جي ڀاڱيداري رهي، لوڪشاهيءَ جي نيمن جو پورو پالن ٿئي، هڪٻئي جي ڀائپي ۽ سهمتي ايڪتا جو واڌارو ٿئي.

ننڍن هٿيارن تي روڪ :

١٧ اپريل ٢٠٠٠، نيو دهليءَ ۾ سائوٿ ايشيا ريجنل ورڪشاپ ۾ فيصلو ڪيو ويو تہ ننڍن هٿيارن جي وڌندڙ گهر کي روڪڻ گهرجي. ڀارت جي رکشا منتري شري جارج فرنڊيز رايو ڏنو تہ ’ڪلٽ آو وايولنس، 'Cult of Violance' هنسا جي فضا، ميڊيا جي معرفت ۽ ٻي طرح وڌائي پئي وڃي. هن چيو تہ جئن سگريٽن ڇڪڻ خلاف ڪيترن قاعدن پاس ڪرڻ ڪانپوءِ تقاضا وڌندڙ آهي، انريت ننڍن هٿيارن جي روڪ جي قاعدن جي پرواهہ نہ ڪري، ننڍن هٿيارن جي واڌ ٿي رهي آهي.

ميڊيا، خاص ڪري اليڪٽرانڪ ميڊيا، هنسا جي وايومنڊل جو ڦهلاءُ ڪري رهي آهي. رانديڪن جي واپار ذريعي بہ هنسا جي پاونا وڌي رهي آهي. اڄڪلهہ ٽئنڪس ۽ مشين گنس وارن هٿيارن جا رانديڪا لوڪ پريہ ٿي رهيا آهن. اسان جا ٻار جنگہ وارين ويڊيو رانديڻ ۾ ڪلاڪ ڏيان ٿا ڏين. ان ريت نوجوان پيڙهي يڌ ڪيتر جي هنسا طرف وڌندڙ آهي.

ڀارت ۾ شخصي هنسا ۽ ساموهڪ هنسا، راڄنيتيءَ جي ڀاڙن ۾ پختي آهي انڪري نڪسلائيٽ آندولن ڪيترن راڄين ۾ ڦهلجي ويا آهن. ڪيترن ڏهاڪن سالن جي عرصي کان انهن هنسڪ هلچلن کي اسان بند نہ ڪري

ان اَستيہ، انياءَ ۽ هنسا جو مقابلو ڪرڻ آهي تہ هنسا سان نہ ٿيندو. هاڻي هو گهڻو طاقتور بڻجي ويا آهن. انهن جو مقابلو ڪرڻو آهي تہ جنتا جي اهنسڪ طاقت کي جاڳائڻو پوندو. ضرورت آهي تہ جنتا جي اهنسڪ شڪتيءَ کي جاڳائجي تہ جئن انهن سيني اَنيائن جو مقابلو ڪري سگهجي. ان ڪري ڳوٺ ڳوٺ، محلي محلي، پاڙي پاڙي ۽ تعليمي سنسٿائن وديالين ۾ نوجوان ۽ ناگرڪن کي گڏجي شانتي سينا ٺاهڻ گهرجي. شانتي سينا ئي سچي آزادي نرماڻ ڪري سگهندي. اوهان ڪرپا ڪري ان ڏس ۾ ڪوشش ڪريو. اسان سان سنبند وڌائڻ لاءِ لکو حال احوال ڏيو ۽ وٺو. شانتي سينا جي معرفت نئين سماج جو بنياد، گانڌي، ونوبا ۽ جئہ پرڪاش جي آدرشن انوسار ٺاهي گرام سوراج جي طرف جنتا کي اڳتي وٺي هلون. شانتي سئنڪ جو سنڪلپ پتر :

مان اِهو سنڪلپ ٿو / ٿي ڪريان تہ

(۱) ستيہ ۽ اهنسا جي آڌار تي نئين سماج ٺاهڻ ۾ پنهنجي شڪتي لڳائيندس.

(۲) سماج ۾ ٿيندڙ هنسڪ جهڳڙن جو نبيرو اهنسڪ ساڌن سان ڪندس.

(۳) جاتي، ڌرم، سمپردايہ، لنگ، رنگ، بولي، وغيره تفاوتن کان مٿي چڙهي سمتا سان، هڪ نظر سان ڪم ڪندس.

(۴) جنگ اِنسانيت لاءِ سراپ آهي. هر قسم جي هنسڪ لڙاين دور ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪندس.

(۵) نرڀيہ، نشپڪش ۽ نرؤير رهڻ جي ڪوشش ڪندس.

(٦) نيم سان پنهنجو ڪجهہ وقت سدياونا، سيوا ۽ رچناتمڪ ڪمن ۾ لڳائيندس. .

(۷) شانتي سينا جي اَنوشاسن کي مڃيندس ۽ اُنجي رٿيل ڪمن ۾ ڀاڱہ وٺندس.

شانتي ڪيندر - مرڪز

(۱) شانتي ڪيندر شانتي سينا جي بنيادي اِڪائي رهندي.

(۲) شانتي سيوڪ بدني پورهيو، سيوا، سواڌيايہ جو ابياس ڪندو.

(۳) جتي گهٽ ۾ گهٽ پنج شانتي سئنڪ هوندا، اُتي شانتي ڪيندر ٺهي سگهندو.

منتري شري ڀڳوان ٻجاج، سنڌي سماج جو اُتساهي، آنيوي لوڪ سيوڪ چونڊيو ويو آهي.

شري ڀڳوان ٻجاج، 'سروودي جڳت' ۾ لکي ٿو: ديش جون حالتون ڏينهون ڏينهن تيزيءَ سان بدلجي رهيون آهن. راڄنيتڪ پارٽيون، سمپردايڪ سنگٺن، سرڪار جي اُداريڪرڻ جي ڪري جنتا جي شڪتي گهٽجي پئي وڃي. لوڪشاهيءَ کي چئلينج ڏنا پيا وڃن. لڳ ڀڳ لوڪتنتر جو مخول اُڏايو پيو وڃي. لوڪ تنتر ۾ سالن کان لوڪ ته غائب آهن. راڄنيتڪ پارٽيون پنهنجا تماشا ڪري رهيون آهن.

فرقيپرستي پنهنجا هنسڪ پير هر ڪيتر ۾ وڌائي رهي آهي. آر. ايس. ايس. سڀني ڌرمن جي ماڻهن کي هندوتو جي دائري ۾ آڻي راشٽرواد جي ٻهچ پوکڻ جي پڌرائي ڪري، سڀني ڌرمن کي ختم ڪري هندو راشٽر جي ڪلپنا جو سپنو ڏسي رهيا آهن. ٻئي طرف مسلم ڪٽروادي به چپ چاپ نه ويٺا آهن.

ڪانپور ۾ پارٽيءَ وديارٿي پريشد ڪاليج جي وديارٿي ڇوڪرين کي جينس نه پائڻ جو حڪم ڏنو آهي ۽ اسلامڪ اسٽوڊنس مووميٽ مسلمان ڇوڪرين کي برقعا پائڻ جي فتوا ڏني آهي. ڪيترن ڳالهين ۾ لڳي پيو ته اِهي فرقيپرست هڪ ٻئي جا سڳا ڀائر آهن.

سرڪار کان ته ڪوئي پڇڻ وارو ڪونهي. ڪنهن به سرڪاري دفتر ۾ بنا ڀرشٽاچار جي ڪم ڇونه ٿو ٿئي؟ ڪوئي ٻڌڻ وارو ڪونهي. ڪيترا سنگٺن پنهنجي گهرن لاءِ آندولن ڪن پيا. سرڪار سڀني ڪمن لاءِ فوج يا نيم سرڪاري سپاهين جو سهارو وٺي، هر هنسا کي وڌي هنسا سان ختم ڪرڻ ٿي چاهي. هيءُ بي سمجهه ماڻهو ڪڏهن اُٺوبر ڪم آڻڻ جون ڳالهيون پيا ڪن. ديش مٿان قرض ڏينهون ڏينهن وڌندڙ آهي.

اُداريڪرڻ ته پوري ارٿ ويوستا کي چوپٽ ڪري ڇڏيو آهي. ٻهو راشٽري ڪمپنيون سارو ڌن پنهنجي قبضي ۾ آڻي رهيون آهن. سرڪار هنن جي آگيا جي خلاف هلي نه ٿي سگهي. ان ڪري غريبي، بيروزگاري وڌي رهي آهي. هنسا وڌي رهي آهي.

وڌائڻ.

(ب) راڄنيتڪ آزادي: قومي آزادي، وشو برادري، لوڪشاهيءَ جي پاونا جو وڪاس.

(پ) نيتڪ، آڌياتمڪ: پرڪرتيءَ پراڻين لاءِ پريم آدر، وِيسَنَ - مڪتي، شراب بندي.

شانتي - ميہ جڳت جو بنياد وجهون

لوڪ نائڪ جيہ پرڪاش نارائڻ لکيو آهي تہ ’ڪوئي بہ ديش اهنسڪ ساڌنن سان، انتراشٽريہ تناءَ سنگهرش جو مقابلو تيسين تائين نہ ڪري سگهندو، جيسين تائين اُن جو اندريون جيون اهنسا تي آڌارت نہ هوندو. ڪنهن راشٽريہ سمدايہ ۾ اهنسا جون شڪتيون چاهي ڪيترو بہ اسنگٺت چونہ هجن. اُن کي هنسڪ چنوتيءَ جي وقت هٿ تي هٿ رکي وهڻ نہ گهرجي.‘

هنسا ۽ فوجي طاقت سان اسان جي ملڪ ۽ دنيا جي ٻين ملڪن جا مسئلا حل نہ ٿيندا. ستيہ ۽ اهنسا جي طاقت جڏهن سنگٺت ڪبي، تڏهن ئي ڏکئي ۾ ڏکئا مسئلا حل ڪرڻ جي شڪتي حاصل ٿيندي. ان ڪري نمرتا سان اسان مان هرهڪ کي شانتي سئنڪ بڻجي، شانتي سينا ٺاهي مانو جي سک ۽ ڪلياڻ لاءِ سچائيءَ نرڀيتا سان ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

پرارٿنا

’شانتي ڪا واديہ بنا تو ’مجهي‘،
پربهو، شانتي ڪا واديہ بنا تو ’مجهي!‘
’شانتيءَ جو ساز بڻاءِ تون مونکي،
پربهو، شانتيءَ جو ساز بڻاءِ تون مونکي!‘
جئہ جڳت!

●●●●●

(۴) شانتي ڪيندر جا سڀ سئنڪ ملي سرو سمتي سان يڪراءِ هڪ سال لاءِ هڪ سنيوجڪ طئہ ڪندا.

(۵) شانتي ڪيندر ۾ هرهڪ شانتي سيوڪ هڪ هفتي جي ڪم جو بيان لکيت ۾ پيش ڪندو ۽ هرهفتي لاءِ شانتي سينڪ ملي پروگرام ٺاهيندا.

(٦) شانتي ڪيندر جي هفتيوار پروگرام ۾ مکيہ ريت بدني پورهيو، سوادياءُ ۽ سيوا جو ڪاريہ رهندو.

(٧) شانتي سئنڪ جي يونيفارم، ٻانهن تي نيري پٽي تي ڪاري مس سان ’شانتي سينڪ‘ لکيل هوندو.

(٨) شانتي سئنڪ جو ساليانو چندو پنج رپيہ ڏيندو. ٻہ رپيا شانتي سينا سمتيءَ کي موڪليو ويندو باقي ٽي رپيا شانتي ڪيندر لاءِ خرچ ڏيندا.

واقفيت فارم

(١) نالو (٢) ائڊريس (٣) عمر (۴) تعليم (۵) ڌنڌو روزگار (٦) رُچي (٧) سماجڪ ڪاريہ جو انڀو (٨) ڪهڙي سنگٺن سان جڙيل آهي (٩) اوهان ڪيترو وقت سيوا لاءِ ڏيندا (١٠) مونکي شانتي سينا جي سدسيتا، ميمبرشپ قبول آهي.

صحي - تاريخ

(هيءُ واقفيت پتر شانتي سينا سمتي، سروسيوا سنگهہ، راجگهاٽ، واراڻسي - ٢٢١٠٠١ (اُتر پرديش) پتي تي موڪليو وڃي)

شانتي سينا جو پروگرام

(١) سماج ۾ اشانتي ۽ تناوَ جي ڪارڻن جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ، اُنهنجي دور ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ، سماج ۾ شانتي ۽ سدڀاونا لاءِ ڪوشش ڪرڻ.

(٢) اِستري شڪتي ۽ نوجوان شڪتي وڌائڻ ۽ سنگٺت ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ.

(٣) سماجڪ ڪرسمن خلاف چيتنا جاڳائي جنتا ۾ شانتيءَ لاءِ اُتساهہ وڌائڻ لاءِ هيٺيان پروگرام ڏيندا :

(الف) آرٿڪ آزادي: کادي گرام اُديوگہ ۽ سوديشي لاءِ نشٺا.

(ب) سماجڪ آزادي: سمپردايڪ ۽ جاتيوار سدڀاونا ۽ پاڙيسري ڌرم ڀاونا

هن کي ماريو ويو. ڦاسيءَ جي تختي تان هنجون کي لکيتون چوري ڇپيءَ ٻاهر آيون. جنهن ۾ هن اِنسان جي ظلم خلاف بغاوت بابت لکيو. ان بغاوت جي لڙائي کان ڪوبہ الڳ نہ رهي سگهندو. ان ڪري سڀني ڀاڱہ وٺندڙن فيصلو ڪيو تہ هو راڄنيتيءَ ۾ ڀاڱہ وٺندا ۽ ڪين اُميد آهي تہ هڪ ڏينهن نئين سماج نرماڻ ڪرڻ ۾ عوام جو ساٿ حاصل ڪندا. هو جنتا جا اُميدوار، اُنهن ايراضين مان ڪڙا ڪندا، جتي هنن سچو جيون ڪم ڪيو آهي. جيئن تہ نامينيشن فارم ڀرڻ لاءِ نهايت ٿورو وقت بچيو آهي، انڪري هو ٿورا اُميدوار بيهاريندا، پر ان بابت گهڻي خبرداري ورتي ويندي تہ جيڪي بہ اُميدوار بيهاريا ويندا تن جو اخلاق صاف ۽ شڌ هجي. راڄنيتڪ گروپ کي اڃان ڪو نالو نہ ڏنو ويو آهي. جدا جدا ڪيترن ۾ ڪم ڪندڙن جو سنڀنڌ ٿيندو تہ 'راڄنيتي آدرشن لاءِ پليٽفارم' ٺاهيو ويندو. ايجنڊا بلڪل صاف رهندي تہ هڪ نئون نظام، نياءُ ۽ سمانتا تي، گانڌيجيءَ جي سپنن جي آڌار تي ٺاهيو ويندو. بنا ڀيد ڀاوَ جي اِنساني ايڪتا ۽ سادگي، وڏندڙ عيش عشرت جي خلاف هن غريب ديش ۾ جواهرلعل جئن چيو تہ سرمائيداري طريقا ڪارگر نہ ٿيندا. جنتا عام ماڻهو ننڍين ڪيترن ۾ هڪ ٻئي جي آمهون سامهون گڏ رهي خودمختيار ۽ وڏ ۾ وڏ سواولمبي ٿيندا، هنن جي آرٿڪ پاليسي پريم ۽ سيوا تي قائم رهندي. چنانچہ تہ پر سهڪار عمل ۾ ايندو. هرهڪ شخص جي ڀلائي عوام جي ڀلائي ۾ رهندي. سميلن طرفان اهڙي هڪ پڌرائي ظاهر ڪئي وئي.

'اسان جو ڳوٺ اسان جو راڄ' نيتيءَ انوسار خودمختيار ڪاميٽيون نهنديون، جي گرام سڀا جيان رهنديون، جنڪي بنيادي حق آهي تہ هو راڄنيتڪ ۽ آرٿڪ سٽا، مٿان جي دٻاوَ بنان، ڪم آڻينديون. هننڪي مڪمل اڌڪار رهندو تہ جنتا جي سڀاويڪ ضرورتن جهڙوڪ زمين، پاڻي، جهنگل ۽ نديون معدني پيدائشون پنهنجي آزاديءَ سان ڪتب آڻين. هو پنهنجي ڪيتر جون وڪاس يوجنائون پاڻ تيار ڪنديون، جنجي ذريعي سڀني تندرست ماڻهن کي پورن روزگار ملي ۽ وندر ورونهن ملي جهڳڙن تڪرارن نبيرڻ جو مڪاني طور بندوبست رٿيو ويندو. طاقت، غريب کان غريب ماڻهوءَ جي هٿ ۾ بہ رهي، اهڙا قدم کنيا ويندا. هن کان اڳي ڪيترائي موقعا بيڪار وڃايا

سيواگرام جو سڏ

نئين آزادي، مڪمل آزاديءَ لاءِ نوان اُمنگ، نوان قدم ! چونڊن بعد سوراج کان پورن سوراج لاءِ نئين ياترا !!

ڪارگل لڙائي جي وجهہ بعد، ڀارت ۾ ديش ڀڳتيءَ جي، جاڳرتا جي، ايڪتا جي نئين لهر هلي رهي آهي. هاڻي چونڊن جو بہ سلسلو سامهون آيو آهي. ان موقعي تي ديش ۾ نيون ڀاونائون، مڪمل آزاديءَ نرماڻ ڪرڻ جي جذبات ڦهلجي رهي آهي. تازو مهاتما گانڌيءَ جي سپنن جو ڀارت ۾ وشو، نرماڻ ڪرڻ لاءِ ويچار ڪرڻ لاءِ، مهاتما گانڌيءَ جي آشرم سيواگرام ۾ ٢ جولاءِ کان ۵ جولاءِ ١٩٩٩ نئين آزادي آندولن طرفان سميلن سڏايو ويو هو. اُن سميلن ۾ ٢٥٠ جدا جدا کيترن ۾ ڪم ڪندڙ نامور اڳوانن ڀاڱ ورتو. اِنساني حقن جي رکيا ڪندڙ، پارليامينٽ ميمبر، گانڌيوادي، قانوني ماهر، اڳيان ملٽري عملدار، سروسيوا سنگهہ جا اڳوان ۾ بيا گڏيا. انيوي بزرگ ۾ اُتساهي نوجوانن ويهن مشهور سنستائن جي رهبرن دلچسپيءِ سان سميلن ۾ بهرو ورتو. سڀني جو اِهو رايو هو تہ موجوده راڄنيتي ستا جي پٺيان، انڌا ڌنڌ ڊوڙ هلي رهي آهي، انڪري لوڪشاهي ۾ ديش لاءِ وڏو خطرو پيدا ٿيو آهي. عام جنتا راڄنيتي پارٽين مان وشواس وڃائي چڏيو آهي. سياسي اڳوانن ۾ چونڊن مان عوام نراس ۾ نااُميد آهي. هيلتائين هو انهن کان پري رهي گڏجاڻين ۾ سيمينارن ۾ پئي مليا جليا. پر هاڻي هو صرف درشڪ ٿي نہ رهندا. پر ڪو قدم کڻندا بيءَ حالت ۾ هو جنتا سان وفادار نہ چئبا.

حقيقت ۾ ديس جي ڪاريہ ۾ سڀ ڪنهنکي ڀاڱي ڀائيواري ڪرڻي آهي. نازين، زيڪ ڪميونسٽ اڳوان شري جوليس فيوچڪ کي ان ڪري سختيون ڏنيون، ڇاڪاڻ جو هن چيو تہ زندگيءَ ۾ ڪوبہ رڳو درشڪ نہ آهي.

ڪير ڪندو؟ سينٽرل ڪاميٽيءَ جو رايو آهي ته هو ڳالهيون بدلائي، سماجڪ، آرٿڪ ۽ راڄنيتڪ ڪرانتي آڻڻ ۾ ڪامياب ٿيندا، جي سڀ پهه ائين ٿي سگهيو ته مسڪين جنتا ڌرتيءَ جي مالڪ بڻبي. جنتا پورن سوراج، مڪمل آزادي ماڻيندي.

شري ڪلديپ نائر مشهور پترڪار، انڊين ايڪسپريس ۾ مٿيان ويچار ظاهر ڪندي لکيو، ته هيءُ سميلن سيواگرام آشرم ۾ ٿيو، جو مهاتما گانڌيءَ جي آدرشن سرو ڌرم سمڀاونا، سيڪيولرزم، سادگي ۽ نشڪام سيوا ڀاونا سان جڙيل آهي. لوڪ سڀا جي ميمبرن ديس جي ڀلائي ڀلائي ستا جي انڌا ڌنڌ ڊوڙ لڳائي. انهن حالتن ۾ بيو ڪهڙو رستو آهي؟ اهوئي رستو آهي.

ته راڄنيتيءَ ۾ دست اندازي ڪجي ۽ راڄنيتيءَ کي ظابطي ۾ آڻجي، راڄنيتڪ انوشاسن، سنيم، سنجم نرماڻ ڪجي ته نشڪام سيوا جي فضا قهلجي.

سميلن جو اُدگهاٽن ڪندي، مشهور گانڌيوادي بزرگ نيتا شري راڌا ڪرشن بجاج چيو، ته صرف ڀارت ئي نه پر پوري مانو سماج کي مڪتي مارگ بتائيندڙ پوجنيه مهاتما گانڌيءَ جي، ڪرم ڀومي سيواگرام ۾ اوهان جو دل سان سواگت ڪريان ٿو. ڀارت کي راڄنيتڪ آزادي ١٩٤٧ ۾ ملي ۽ پرجا تنتر قائم ٿيو. پر راڄنيتڪ آزاديءَ کي مڪمل آزادي جي وڪاس ڪرڻ ۾ پرجاتنتر جي هرهڪ انسان کي اڌڪار ملڻ ۾ ڪيتريون رڪاوٽون آڏو آهن. سڀني کان وڏي رڪاوٽ آهي نوڪرشاهي، انگريزن لُٽڻ لاءِ نوڪرشاهي ڪڙي ڪئي. نوڪرشاهيءَ جي معرفت هننکي جنتا جي لٽ ڦر ملندي هئي، ان ڪري نوڪرشاهيءَ کي وڏيون پگهارون، سهوليتون ۽ وڏا اڌڪار ڏنا ويندا ها. بدقسمتيءَ سان گذريل پنجاه سالن ۾ نوڪرشاهي پراڻي روپ ۾ ئي رهي آهي. جنتا کي لٽڻ واري رهي، جنتا جي سيوڪ نه بڻي. نوڪرشاهي مڃين ٿا ته ڪين سرڪاري پگهار ملي ٿي. اُهو پنهنجو حق ٿا سمجهن ۽ ڪم ڪرڻ لاءِ رشوت وٺن ٿا. وزيرن ۽ پارليامينٽ ميمبرن وغيره حڪمرانن کي به لُٽ جو حصو ملي ٿو، اُهي به خوش آهن. انريت جنتا کي گذريل پنجاه سالن ۾ نوڪرشاهي ۽ نيتائن ٻنهي لٽيو آهي. اڄ جي دردشا لاءِ

ويا، جڏهن طاقت راڄين تائين ڏئي سگهجي ها، جي راڄين کي طاقت ڏني وڃي ها، تہ ديش جو سنگٺن وڌيڪ مضبوط ٿئي ها. سموري طاقت دهليءَ وٽ نہ رهي ها. ٻيا بہ گهڻا فائدا ٿين ها. دهلي جي راڄين سان طاقت ونڊي وراهي ها، تہ راڄين کي بہ پرياڳ وچهي ضلعن ۾ ڳوٺن تائين طاقت جي وراهست ٿي سگهي ها. هن وقت تہ جنتا حڪومت کان دور آهي. ان ڪري جنتا طاقت ڪتب آڻڻ ۾ اڃ پاڳي پائيوار نہ آهي. جنتا لاءِ دهلي يا راڄين جون راڄڌانيون (ڪئپيٽلس) اڃ بہ ايترو ئي دور آهن جيترو انگريزن جي راڄ ۾ دور هيون.

سميلن ۾ نئين آرٿڪ پاليسيءَ جي خلاف زوردار آواز هو. نئين آرٿڪ نيتيءَ جي ڪري گهٽ ۾ گهٽ ٢ ڪروڙ پارتواسي بيروزگار بڻيا آهن. وڌيڪ ۾ وڌيڪ ماڻهو بڪہ بيروزگاري ڏانهن ڌڪاڻجي رهيا آهن. ملٽي نئشنل ڪمپنيون گهرائي، ديش جا قدرتي ۽ پراڪرتڪ وسيلا ڪمزور ڪيا پيا وڃن. ان پاليسيءَ جي ڪري نہ صرف اسان آرٿڪ آزادي وڃائي رهيا آهيون پر اسان جي راڄنيتڪ آزادي بہ ڪمزور ٿي آهي. پارت سرڪار مکيہ نيتين کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ ورلڊ بئنڪ، آءِ.ايم.ايف ۽ ڊبليو.ٽي.او. (ورلڊ ٽريڊ آرگنائيزيشن) جي حڪمن تي عمل ٿي ڪري.

پارهن ڄڻن جي هڪ سينٽرل ڪاميٽي، نظرداري ڪرڻ لاءِ ناهي وئي، جئن گڏيل ليڊرشپ رهي. موجوده راڄنيتي پارٽين يا گروهن سان ميل ميلاپ يا صلاح مصلحت نہ ڪئي ويندي، ڇاڪاڻ تہ اُهي فرقيپرستي، جات پات ۽ پرشٽاچار ۾ ڦاٿل آهن.

نومبر ۾ هڪ وڏو سميلن سڏايو ويندو تہ جئن ڪاريہ وڌائجي. جيتوڻيڪ هن وقت اسان ڪناري تي آهيون، پر ڪجهہ وقت گذرڻ سان، اسان کي جنتا چڱي طرح سچائي سات ڏيندي. جئن جرمنيءَ ۾ 'گرينس' کي سماج جي بدلاءُ بابت ڏنل ويچارن کي شروع ۾ نہ ٻڌو ويندو هو، پر جڏهن هنن چونڊن ۾ ڪٽيو تہ کين هڪ طاقت ڪري مڃيو ويو.

امرجنسيءَ ڪانپوءِ گانڌين آدرش انوسار، لوڪ نائڪ جئہ پرڪاش نارائڻ جي اڳوانيءَ هيٺ اندرا گانڌيءَ کي شڪست ملي. هن وقت اڳواني

راءِ پارليامينٽ ۽ اسيمبليءَ ۾ پيش ڪن. پر انهن ماڻهن جنتا جو نرادر ڪري پنهنجون پارٽيون ٺاهيون آهن ۽ انهنڪي قانوني روپ ڏنو آهي. حقيقت ۾ اِخلاق تہ اِهو آهي، تہ چونڊن جي ٽڪ جي جنتا جي راءِ ئي، لوڪ سڀا ۾ ظاهر ٿيڻ گهرجي.

اڄ سڀ کان وڏو سوال آهي روزي - روٽيءَ جو. روزي روٽي معنيٰ جيون جون گهٽ ۾ گهٽ بنيادي ضرورتن جهڙو ان، ڪپڙو، گهر، تعليم، منورنجن وغيره سڀ ڏيڻ سماج جي ذميواري آهي. روزي روٽي ڏيڻ جو سڀني کان وڏو ساڌن (ذريعو) کيتي، گئورکشا، کاڌي گرام اُديوگہ آهي. هاڻي کيتيءَ جي اُپج وڌائڻ لاءِ رسائنڪ (ڪيميڪل) پاڻ ۽ جيوڙامار دوائون ڏنيون ٿيون وڃن. جنهنجي ڪري زمين جي اُپجائو شڪتي گهٽجي رهي آهي. زمين مري رهي آهي، اَن پاڻيءَ ۾ زهر ملي رهيو آهي. اِنساني زندگي خطري ۾ آهي. زمين ۾ جي اِنسان جي خورش لاءِ جيو جنتو وغيره تت آهن اُهي ناش ٿي رهيا آهن. انڪري رسائنڪ (ڪيمڪل) پاڻ ڪيٽ ناشڪ دوائن جو بهشڪار ڪري، ان جي جاءِ تي ديسي ڳانءِ جو گوبر، موتر جو پاڻ ۽ جنتو ناس ڪرڻ جي دوا طور ڏيڻ گهرجي. ان جا سڦل آزمودا مليا آهن. جنهنجي ڪري زمين جي پيدائشي طاقت وڌي آهي، اَن پاڻيءَ ۾ زهر نہ ٿو اچي ۽ خرچ بہ گهڻو گهٽ ٿو ٿئي. زمين کي کاڌ يعني کاڌو ڳانءِ - بيل کان ملي ٿو ۽ ڳانءِ - بيل کي کاڌو زمين کان ملي ٿو، ٻئي هڪ ٻئي جا پورت ڪندڙ آهن، ٻنهي جي رکشا ۾، اسان جي بہ رکشا آهي، راشٽر طئہ ڪري تہ برسات جو پاڻي هر کيت ۾ روڪيو وڃي ۽ زمين ۾ داخل ڪيو وڃي، سمايو وڃي. ديش جا جهنگل وڌايا وڃن. ندي، نالي پهاڙ، ٽڪريون، ڪٿي بہ زمين خالي نہ ڇڏي سڀني هنڌ جهنگل وڌڻ وارا وڻ لڳايا وڃن، ڪپڙو، تيل وغيره جيون جون ضروري شيون ڳوٺن ۾ ئي تيار ڪيون وڃن تہ ملڪ ۾ ڪوئي بيڪار نہ رهندو. پنهنجي ئي ڳوٺ ۾ ڪم ملندو تہ روزي-روٽي بہ ملندي.

مهاتما گانڌيءَ جي ويچار موجب اسانکي ڪجهہ بہ ڪم ڪرڻو هجي تہ سڀ کان پهريون ستيہ نشٺا گهرجي. جتي سچ نہ آهي اُتي سداچار نہ رهندو، اڄڪلهہ راڄنيتيءَ وارا ڌرم نرپيڪش اکر ڪم آڻين ٿا. ڌرم نرپيڪش

اهي ماڻهوئي جوابدار آهن، پلاننگ ڪميشن ٽاسڪ فورس ڪاميٽي پروفيسر ايس ڪي سنگهه جي زير صدارت لاهي هئي. اُن ڪاميٽي ١٩٩١ ۾ پنهنجي رپورٽ ۾ پڌرائي لکيو آهي ته انگريزن جي راڄ ۾ نوڪرشاهي جو تعداد ٢٠ لک هو. ١٩٩١ ۾ اُهو تعداد وڌي ١٨٥ لک ٿيو. هاڻي ته اُهو تعداد ٻن ڪروڙن کان به وڌيڪ ٿي ويو هوندو. اُن ڪاميٽيءَ سفارش ڪئي آهي ته نوڪرشاهيءَ جو تعداد گهٽائڻ سان، ماڻهن جون پريشانيون گهٽبيون، وڪاس جي ڪم ۾ تيزي ايندي ۽ سرڪاري ڪم به جلدي ٿيندو.

انهن پنجاه سالن جو انهو آهي ته ان ۾ ٨٥ سيڪڙو نوڪرشاهيءَ تي خرچ ٿئي ٿو، جو اڳئين پرڌان منتريءَ قبوليو هو. جنتا جي سيوا لاءِ جو ١٥ سيڪڙو بچي ٿو، اُن مان مشڪل سان پنج سيڪڙو جنتا تائين پهچندو هوندو، ڀارت کي زنده رکڻ لاءِ ۽ انگريز سرڪار واري غلام نوڪرشاهيءَ جي غلاميءَ کان مڪت ٿيڻ لاءِ، مرڪزي ۽ راجيه سرڪارين جا اڌڪار صرف سرکشا، ٻاهرين ملڪن سان نيتي، پوسٽ، ريلوي آمدرفت، بنيادي هنر، وڏا هنر، وغيره ساموهڪ ڀلائي جا وڀاڳ سرڪارين وٽ رهن. روزاني جيون جا سڀ اڌڪار جل، زمين، جهنگل، پرياورڻ، اِنصاف، سڀ گرام سڀائن کي ڏيڻ گهرجن، ته جئن جنتا آزاديءَ جو احساس انهو ماڻي. هڪ رواجي مثال ڏيان. سيوا سنستائن مٿان چئرٽي ڪمشنر مقرر ڪيو ويو آهي. ڪروڙين رپيه دان ڏيندڙ بي ايمان ۽ ڀرشٽاچاري، چئرٽي ڪمشنر ايماندار ۽ وشواس پاتر مڃيا وڃن ٿا! سنستائن جي ڪمن ۾ طرح طرح جون رنڊڪون وجهي، رشوت وٺڻ ۽ سجڻن کي تڪليف ڏيڻ، هميشه جو ڪاروبار آهي. سرڪاري چئرٽي ڪمشنرن جو خرچ به سنستائن کان ورتو پيو وڃي. هيءُ سيوا جو نمونو آهي! هميشه جو انيو آهي ته انيتڪتا کي ضابطو پوليس يا قانون دواران نه ٿي سگهندو. نوڪرشاهيءَ جو هڪ وڏو ظلم اِهو به هلي ٿو ته پنج سيڪڙو نوڪرشاهي پنهنجي انگريزي پنجانوي سيڪڙو جنتا مٿان مڙهين ٿا. نندن ٻارن کي ماتر ڀاشا بدران انگريزي پڙهڻي پوندي آهي. اِهو به غلط آهي.

اڄ جا پارليامينٽ ميمبر ۽ اسيمبلي ميمبر ـ جنتا جي ترجماني برابر نه ٿا ڪن. نيتڪتا جي تقاضا آهي ته چونڊيل ميمبر پنهنجي تڪ جي

ڀارت جي موجوده حالتن بابت سروَ سيوا سنگهہ جي نويدن
شانتي سينا، گرام سوراج، سواولمبن ۽ لوڪ شڪتي نرماڻ لاءِ اپيل

١٤-١٥ جون ١٩٩٩، بهار جي ڀاڳلپور ۾ سرو سيوا سنگهہ جو سميلن ٿيو. سميلن ۾ ديش جي موجوده حالتن تي ويچار ڪيو ويو. پاڪستان سان ڪارگل ڪيتر ۾ ڀارت جي لڙائي، ديش ۾ صرف ڇئن سالن ۾ لوڪ سڀا جون ٽيون دفعو چونڊون وري سامهون آهن، انهن چونڊن ۾ حالتن جي بدلجڻ جو خاص ڪجهہ اُميد ڏسڻ ۾ نہ ٿي اچي. راڄنيتڪ پارٽيون سرڪار هلائي نہ ٿيون سگهن ۽ سرڪار ناهڻ ۾ بہ ناڪامياب ٿيون رهن. ان قسم جي راڄنيتڪ استرٿا ۽ شوُ نيتا ۽ آزادي ۽ لوڪتنتر لاءِ خطرناڪ آهن. جن مانس ڪنهن مظبوط وڪلپ لاءِ بلڪل نراس آهي. ٻئي طرف جنتا جي ڳالهہ اِها آهي جو جتي راڄنيتڪ پارٽين لاءِ اوشواس ۽ انهن جي ضرورت تي سوال جي نشاني اچي وئي آهي، اُتي گهٽين ئي ايمانداريءَ جي ڪوشش ڪانپوءِ بہ اسان جنتا جي شڪتيءَ جو وڪلپ نرماڻ ڪرڻ ۾ اڃا تائين ڪامياب تي نہ سگهيا آهيون. ديش ۾ هنسا، آتنڪواد ۽ اگرواد وياپڪ آڌار بڻجي رهيو آهي. پوليس ۽ ارڌ سئنڪ طاقتن جو وڌندڙ وستار هن مسئلي جو حل تہ نہ آهي جيڪو سو ان ۾ تاناشاهيءَ جو ٻج لڪل آهي. پترڪارن مٿان حملا ۽ راڄنيتڪ پارٽين جي سپائن ۾ سينا جي عملدارن جي موجودگي لوڪتنتر لاءِ اپسوڳ مهيو ويندو.

انهن حالتن جو بنيادي علاج، گرام سوراج، يعنيٰ خودمختيار،

جو مطلب حقيقت ۾ سنپردايہ نرپيکش ٿيڻ گهرجي. ليڪن ڌرم نرپيکش
ارت راڄنيتيءَ ۾ ڌرم جو دخل نہ ٿئي. يعني راڄنيتيءَ مٿان ڌرم جو ضابط
هجي، ائين مڃيو ٿو وڃي. گانڌيجيءَ جي مانيتا هئي تہ ستيہ ڌرم جو ضا
راڄنيتيءَ مٿان ٿيڻ گهرجي، ستيہ ڌرم جي ضابطي کانسواءِ راڄنيتي راڪ
راڄنيتي آهي. اسان جي راشٽر جو مکيہ واکيہ بہ آهي 'ستيہ-ميو-جيتي

ستيہ سان گڏ اهنسا ۽ پريم ٿيڻ ئي گهرجي، بنا اهنسا جي ستيہ ٽڪ
نہ سگهندو. بنا ستيہ جي اهنسا بہ نہ ٽڪندي، ٻئي هڪ روپ آهن. پر
پريم قائم رکڻ لاءِ ضرورت آهي تہ اڄ جي نرڻيہ پدتي ۾ بنيادي ڦيرو اڄ
اڄ جي گهٽائي يعني ٥١ سيڪڙو جي فيصلي سان ٤٩ سيڪڙو ماڻهن تي
چاهين انياءُ ڪري سگهن ٿا. اِها پد تي لوڪشاهيءَ جي بنياد کي ٽوڙي ٿ
گهٽائيءَ جي فيصلي بدران سڀني جي مڃتا يا وڏي گهٽائيءَ سان ني
قبولڻ گهرجي. ١/٦ (ڇهون حصو) کان وڌيڪ وروڌ نہ هجي تہ گهربل س
سمتي مڃي وڃي. ١/٦ حصي کان وڌيڪ مخالفت جي حالت ۾ ڪوبہ فيص
نہ ڪرڻ گهرجي. ان ريت جي وهنوار ڪرڻ سان پاڻ ۾ پريم قائم رهندو، ٽ
جي سمسيا نہ رهندي، ديش اکنڊ رهندو.

يوڳن ۾ سڀ شيون سينڊريہ (جيوڪ) نان ڪيميڪل هئڻ سبب ڪ
تڪليف ڏينديون. پر آرگئنڪ، سينڊريہ پاڻ مان اُتپادت شين جو آ
بندوبست، نئين آزاديءَ جي طرف وڌندڙ هڪ شروعاتي بنيادي لوس ق
آهي، ان جو اوهان سڀ سواگت ڪندا.

گانڌيوادي پروگرام سان، گانڌيوادي چونڊن ۾ لڙي جي ڪلي ايند
پارليامينٽ اندر نئين آزادي، مڪمل آزاديءَ، پورن سوراڄ جي ڪاريہ
پرياوشالي لابي تيار ٿي سگهندي، اُن جو اثر نيتڪتا، انوشاسن ۽ راڄني
تي جنتا جي سيوا لاءِ لاڀدائڪ ٿي سگهي ٿي. هي نيون ڪوششون ٿي رهيو
آهن. انهن جو جنتا کي سواگت ڪرڻ گهرجي. ان ۾ جنتا جو فائدو ٿيندو.
نين چونڊن بعد، نئين ياترا جو آرنڀ ٿئي پورن سوراڄ لاءِ!

●●●●

ووٽ ڏيڻ جنتا جي ڀلائيءَ ۾ نہ آهي. ان ڪانسواءِ سرو سيوا سنگهہ جنتا کي اپيل ٿو ڪري، تہ هو ڀرشٽ ۽ اپراڌي اخلاق جي اُميدوارن، کي ووٽ هرگز نہ ڏئي. ان اپيل کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ اسان کي زوردار نموني متداتا (ووٽر) جي سکيا لاءِ بندوبست ڪرڻو پوندو ۽ جنتا کي سامهون اڄ جي حالتن جي خطرن کان ساوڌان ڪرڻو پوندو. سماجڪ ۽ آرٿڪ ويوسٿا جو صاف چٽر بہ جنتا جي سامهون رکڻو پوندو، جئن اُنهن کي سهي اُميدوار چونڊڻ ۾ مدد ملي. سنوڌان (ڪانسٽيٽيوشن-جوڙجڪ) ۽ چونڊن جي قانونن ۾ ضروري سڌارا ڪرائي، راجنيتڪ ڀرشٽاچار مٿان مظبوط ظابطو رکڻ بہ ضروري آهي. ان کان اڳتي وڌي لوڪ اُميدوار يا لوڪ سمتي اُميدوار جي پريوگ لاءِ بہ ڪوششون ڪرڻيون پونديون. راجنيتيءَ جي اپراڌيڪرڻ (گناه گاري) ۽ سنگٺت سمپردايہ واد ۽ جاتيواد جي راجنيتي ۾ جي خطرا آهن، اُن باري ۾ جنتا کي خبردار ڪرڻ اسان جو فرض آهي.

سرو سيوا سنگهہ وڏن بندن ٺاهڻ بابت، اوويڪ پورڻ ۽ لوڪ وروڌي نيتيءَ جي خلاف، اهنسڪ سنگهرش جو سدائين سمرٿن ڪيو آهي. ان ۾ ڀرشٽ راجنيتائن، عملدارن ۽ ٺيڪيدارن جي گٺجوڙ ۾ سوارٿ آهي. جنهنجي ڪري انساني وڪاس لاءِ خراب نتيجا نڪرن ٿا، جو وڏي تعداد ۾ عام ماڻهن کي هڪ کان ٻئي هنڌ وڃڻ لاءِ لاچار ڪيو ٿو وڃي ۽ اُنهن جي زندگي مشڪل ڪري، کين قدرتي سهوليتن کان وانجيو ٿو وڃي. اُهو وڏو انياءُ آهي.

هاڻي تازو سپريم ڪورٽ معرفت نرمدا گهاٽي يوجنا ذريعي سردار سرووَر بند جي اوچائي وڌائڻ جي اجازت ڏني آهي. آديش ڪارڻ اُن ڪيتر جي هزارن ڪٽنبن جي زندگي سنڪٽ ۾ پئجي وئي آهي. ان جي وروڌ هنن ٻڏي وڃڻ جو ستياگره ۾ مظبوط رهڻ جو اهنسڪ اعتراض وٺڻ جو فيصلو ڪيو آهي. هنن کي هن سنگهرش لاءِ سروَ سيوا سنگهہ جو سمرٿن آهي. پر نرمدا بچائو آندولن جا ساٿي بہ ان ڳالهہ کان بخوبي واقف آهي تہ هيءَ پريوجنائون آخرڪار اڄ جي جن وروڌي وڪاس نيتيءَ جو

سواولمبي ٻوڻن جي بنياد ۽ لوڪ شڪتيءَ دوارن وڪيندرت ويوستا تي آهي. انڪري سروَ سيوا سنگهه پنهنجي نشنا گرام سوراج لاءِ دهرائي ٿو. اُن سان گڏ شانتيءَ جي لاءِ لوڪ ايڪرم (جنتا جي چست رهنمائي) جي نرماڻ طرف طاقتوار ۽ بنيادي قدم کڻڻ لاءِ، ضرورت محسوس ڪندي، وري شانتي سينا جي ناهڻ جو سنڪلپ ڪري ٿو ۽ ان ۾ سروودي ڪاريه ڪرتا ۽ ديش جي جنتا جو وڏ ۾ وڏ يوگدان جي اُميد ڪري ٿو.

سماج مان هنسا دور ڪرڻ لاءِ، ٻوٽ جي استر تي گرام اُديوگ مضبوط ڪرڻ لاءِ، خاص ڪري بهوراشٽر ڪمپنين جي حملي جي پومڪا ۾ سوديشيءَ جي نشنا کي وڌيڪ ۽ وڌيڪ مظبوط ڪرڻ، پرايا ورڻ (وايو منڊل) جي سرڪشا، وڌندڙ بيروزگاري ۽ آرٿڪ سلطنتشاهيءَ خلاف جنتا جي چيتنا جاڳائڻ اسان پنهنجو مکيه فرض سمجهون ٿا.

سادي لوڻ جي ڪتب آڻڻ تي بندش ۽ صرف آيوڊين ملاوت وارو لوڻ ڪم آڻڻ لاءِ، جنتا کي مجبور ڪرڻ جي خلاف، سرو سيوا سنگهه جي سڏ تي جنتا ديش ۾ جدا جدا جڳهين تي ستياگره به ڪيو، پر سرڪار ان وشيه بابت جو رخ ورتو آهي، ان لاءِ اسان کي ارمان آهي. پر ان کي اسان چئلينج سمجهي لوڪ شڪتي ذريعي سنگهرش وڌائينداسين.

سروَ سيوا سنگهه جو مرڪزي اُديش گرام سوراج جي اِستاپنا آهي. سروودي ڪاريه ڪرتا ۽ لوڪ سيوڪ کي ستا جي چٽاپيٽيءَ ۾ نه پوڻو آهي. پرديش جي موجوده حالت ۽ راڄنيتي استرتا، ڪمزوريءَ جي حالت ۾ اسان دور نه رهي سگهنداسين. ايندڙ لوڪ سڀا جي چونڊن ۾ سرو سيوا سنگهه، پنهنجي مريادا قائم رکي دست اندازي ضروري سمجهي ٿو، جئن عام جنتا کي راڄنيتيءَ جي دُشٽ چڪر مان مڪتيءَ جو رستو ڪلي، ۽ جنتا جي همٿ وڌي. بدقسمتيءَ سان سڀ پارٽيون جي مرڪز يا راڄين ۾ طاقت ۾ رهيون، اُنهن جون نيتيون ۽ ڪم جو طريقو جنتا جي ۽ لوڪتنتر ويوستا جي خلاف پئي رهيو آهي. اهڙين حالتن ۾ سرو سيوا سنگهه جي راءِ ۾، انهن پارٽين جي اميدوارن کي ووٽ ڏيڻ نه گهرجن. انهن کي

ڳودي مين جسڪي بهتي هئن هزار نديان

آزادي جي هلچل ۾، ڀارت جي ڪند ڪڙڇ ۾، اقبال جو گيت 'ساري جهان سي اڇا هندستان همارا' گهٽي صدقي سان ڳايو ويندو هو. اُن گيت ۾ اِها بہ سٽ آهي 'ڳودي مين جسڪي بهتي هئن هزار نديان ...' پر اڄ ڀارت جو هزارين نديون جٽڪ سڪي ويون آهن.

سنڌي سماج تہ درياهہ شاهہ جي پوڄا، جهوليلال، ورڻ ديوتا جي هر روز آراڌنا ڪندي رهي ٿي. سنڌي سماج جو مهامنتر آهي 'آيولال - جهوليلال، جيڪو چوندو جهوليلال، تنهنجا ٿيندا ٻيڙا پار !'

جڏهن سنت ونوبا ڀاوي گرامدان آندولن شروع ڪيو، تہ اسانجي هڪ سنڌي دانوير ڀاءُ شري اُتمچند، آچاريہ ونوبا ڀاوي کي هڪ لک رپيہ دان ڏنا ان لاءِ تہ گرامداني ڳوٺن ۾ کوهہ کوٽايا وڃن.

چون ٿا جڏهن انگريز ڀارت ۾ آيا تہ هتي جي برسات ڏسي بلڪل وائڙا ٿي ويا. سڄيءَ دنيا جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ سراسري ساليانہ ١٠٠،١ مليميٽر برسات ڀارت ۾ وسي ٿي.

برسات جو پاڻي روڪي، ڪٺو ڪرڻ جو رواج پنجن هزار سالن جي جهوني سنڌو سڀيتا جي زماني کان هو. ننڍين جي ڪنارن تي جي شهر اڏيا، اُتي برسات جو پاڻي ڪٺي ڪرڻ جو رواج هو.

برسات جي پاڻيءَ جي ذريعي ڀارت جي کيتي سرسبز رهي ۽ جنتا خوشحال رهي.

پر سرڪاري وڏن بندن ننڍين کي سڪايو. جمنا ننڍي اونهاري ۾

هڪ انگ آهن. انڪري اسانجو هنن کي عرض آهي تہ هو ڪوئي اُتي قدم کڻڻ جي بجاءِ هن سڄي انياءُ پورڻ وڪاس نيتيءَ جي خلاف سنگهرش کي وڌيڪ تيز ڪن.

ان وڪاس نيتيءَ جو ئي هڪ ٻيو مثال پارت جي اوپر اولهہ سمنڊ جي ڪناري وارن علائقن ۾ سپريم ڪورٽ جي صاف آديش خلاف 'جهينگا مڇي' اُتپادن جي اُديوگہ کي قائم رکڻ آهي. سروودیہ آندولن جي بزرگہ نيتا، سروَ سيوا سنگهہ جو اڳيون پرڌان شري ايس جڳنناٿن ان باري ۾ ستياگره ڪري رهيو آهي. اُن جو سمرٿن سرو سيوا سنگهہ ڪري ٿو.

حالتون ڪهڙيون بہ ڏکيون هجن، نراشا جي بدلي، مضبوط سنڪلپ ۽ ان جي عمل ۾ آڻڻ لاءِ سڀني جو سهيوگہ سهياڳہ ئي اسان جو ساڌن ۽ طاقت آهي. اکرن جي بجاءِ آچرڻ، عمل جي اهميت وڌيڪ آهي.

●●●●●

جي ڪارڻ پاڻيءَ جي نافت وڪرال روپ ورتو آهي. گجرات سوراشٽرا ۽ ڪڇ ۾ ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ پنج پنج ڏينهن پاڻي ميسر نہ ٿو ٿئي. هفتي ۾ صرف هڪ دفعو اڌ ڪلاڪ لاءِ پاڻي ڏنو ٿو وڃي. چوگرد هاهاڪار ڦهلجي ويو آهي. پاڻيءَ لاءِ جهڳڙا پيا ٿين. نہ رڳو ڳوٺن ۾ پر شهرن ۾ پاڻيءَ جي تنگيءَ سبب غريب لاچار گندو پاڻي پيئڻ لاءِ ڪم آڻين ٿا. ڪيترن ضلعن ۾ فصل چوپٽ ٿي ويا آهن. ڪسان آتم هتيا پيا ڪن.

مرڪزي حڪومت ۽ راجيہ سرڪاريون ان حالت کان اڳي ئي واقف هوندي بہ هٿ تي هٿ رکي ويٺا ڪجهہ بہ قدم نہ کنيائون.

آزاديءَ کان اڳي بہ ڳوٺن ۾ پاڻيءَ جي تڪليف هئي. پر اُن آزاديءَ جي ۵۲ سالن کان پوءِ بہ قربين ڳن لکن ڳوٺن ۾ پيئڻ جو پاڻي ماڻهن کي نہ ٿو ملي.

پنج سالي يوجنائن جي ذريعي اڄ تائين اربين روپيہ خرچ ڪيو ويو آهي. پر جيڪي کوهہ کوٽايا ويا يا هئنڊ پمپ لڳايا ويا. اُنهن ۾ پاڻي کونهي سڀ بيڪار پيا آهن. شڌ پيئڻ جو پاڻي نہ ملڻ ڪري ماڻهو دستن، اُلٽين، پوليو ۽ پيٽ جي ڪيترين بيمارين کان پريشان آهن.

ڪيندريہ سرڪار ۱۹۹۶ ۾، راجين جي مکيہ منترين جي ميٽنگ ۾ فيصلو ڪيو تہ سال ۲۰۰۰ تائين ساري ديش کي پيئڻ جو صاف پاڻي ضرورميسر ڪري ڏينداسين. پر فيصلو ڪاغذي ئي رهيو عمل ۾ حالتون اُلٽيون آهن. هن سال بجيٽ ۾ شري سنهامالي منتريءَ ۲۱۰۰ ڪروڙ رپيہ پاڻي يوجنا لاءِ ظاهر ڪيا.

مگر حالتن ۾ ڪو ڦيرو نہ آيو آهي. جنتا جي ڀاڱيداري ضروري آهي. گرام پنچاتن ۽ سماج سيوڪن کي هن ڪاريہ کي سنڀالڻ گهرجي. سرڪار کي جنتا جو سهڪار حاصل ڪرڻ گهرجي. آدمشماري وڌندڙ آهي، بنن جي برباد ٿيڻ سبب پاڻيءَ جي شڌتا تي وڏو اثر پيو آهي. شهر جو گندو پاڻي ۽ ڪارخانن جي زهريلي ڪيميڪلس ڪري گنگا، جمنا ۽ ٻيون ڪيتريون نديون گنديون ٿي رهيون آهن. سرڪار گنگا ۽ جمنا جي صفائيءَ لاءِ ڪروڙين روپيہ خرچ ڪري رهي آهي. انهن ندين جي آسپاس وارين ميونسپالٽين ۽

وهڪري جي رفتار گهٽائي ڇڏي آهي. شهرن جي گندي پاڻيءَ جي نيڪال ڪري ندين کي گندو ڪيو ويو. جهنگلن ۽ ٻنن جا وڻ ڪٽي پاتالي زمين جو پاڻي گهٽائي ڇڏيو. مٿان وري شهرن ۾ ٽيوب ويل لڳائي، زمين جو پاڻي وڌيڪ گهٽايو آهي. ان ڪري ملڪ ۾ سوڪ جو آزار شروع ٿيو. اسان جا ڳوٺ ٩٠ سيڪڙو پيئڻ جو پاڻي زمين مان حاصل ڪندا آهن. ڪيتي ٻہ پنجاھ سيڪڙو زمين جي پاڻيءَ تي ڦري ڦلي ٿي. آزاديءَ بعد ڀارت ۾ پاڻيءَ جو بندوبست اهڙو تہ غلط طريقن سان ڪيو ويو آهي جو چوگرد پاڻيءَ جي اڻاٺ جو آزار شروع ٿيو آهي.

مهاراشٽرا جي احمدنگر ضلع جي ريليگان سڌي ڳوٺ ۾، موجوده حالتن ۾ شري اناهزاري مهاتما گانڌي ۽ سروودي نيتين کي عمل ۾ آڻي، پوري ڳوٺ کي سواولمبي ۽ سکي بڻايو آهي. جنتا جي سهڪار سان هن وڻن پوکڻ جو آندولن هلايو. ڳوٺ ۾ گهٽ برسات پوندي آهي. ساليانہ انڪل ڏهہ انچ. پر هن برسات جي پاڻي روڪڻ ۽ ڪٺي ڪرڻ لاءِ ٨٥ کوهہ کوٽايا، بند ٻڌائي، تلاءَ نرماڻ ڪيا. اِنڪري ڳوٺ جي خوشحالي ايتري وڌي جو ڳوٺن جي ماڻهن ڳوٺ ڇڏي شهرن ڏانهن روزگار لاءِ وڃڻ ڇڏي، ڳوٺ ۾ ئي روزگار حاصل ڪيو. ان خوشحاليءَ جي ڪري ڳوٺ ۾ اسڪول لوڪ پريہ ٿيا، ٻارن تعليم حاصل ڪرڻ شروع ڪئي. شراب بندي ڪئي. زالن پنچات جو ڪاروبار هلايو. جانورن کي کيتن جو فصل ناس ڪرڻ کان روڪيو ويو. بايو گئس، گوبر گئس، هوا جون چڪيون ونڊملس ۽ اِسڪولن جي ڇتين مٿان سولر پئنلس لڳائي، سج جي گرمي ڪٺي ڪري، گهرن ۾ کاڌي رڌڻ جو بندوبست ڪيو.

ان ڳوٺ جي ڪرامتي سڦلتا بعد، شري انا هزاري مهاراشٽرا ۾، ٻين ڳوٺن کي انريت پريو ڀاڳيو ڪرڻ جي يوجنا مهاراشٽرا سرڪار کي ڏني. مگر راجنيتڪ پرشٽاچار ڪارڻ ان جو فائدو مهاراشٽرا جي ڳوٺن کي نہ ملي سگهيو آهي. ان مهان بنيادي اِنقلاب جو فيض ڀارت جي هر ڳوٺ کي حاصل ٿي سگهي ٿو. پر پرشٽاچاري راجنيتي اڳوان، ان لاڀ کان جنتا کي وانجهي رهيا آهن.

اڄ گجرات، راجستان، مڌيہ پرديش آنڌرا، مهاراشٽر ۽ اوڙيسا ۾ سوڪ

مڪاني ماڻهن پاڻيءَ روڪڻ جي ڪاريہ ۾ وڏيون سڦلتائون حاصل ڪيون آهن. اهڙين ڪار گذارين کي همٿائڻ ضروري آهي.

دنيا ۾ ٻين ملڪن جي ڀيٽ ۾ ڀارت برسات پاڻيءَ جي حالت ۾ وڏيڪ امير آهي. پر سوڪ ٻوڏ جي تڪليفن کان لوڙيون ٿا اُن جو ڪارڻ آهي پنهنجي غلطي ۽ بيوقوفي. پاڻيءَ مٿي جهوپڙا، مورکہ اُڃ مرن‘ (شاھ صاحب) سنڌي شاعر جي ڳالھ سچي حقيقت ظاهر ٿي رهي آهي. اسان جي زمين ڪيميڪل پاڻ ۽ ڪيميڪل جنتو مار زهري دوائن جي ڪم آڻڻ سبب، وڏي تعداد ۾ غير اُپجائو ۽ ٺوٺ بيڪار ٿي رهي آهي. ان ڪري ڀارت ۾ مشهور سائنسدان آئنسٽائين جي صلاح موجب گانءِ ٻيل جو ڇيڻو ۽ موتر پاڻ طور ڪم آڻڻ سان زمين جي اُپجائو طاقت وڌندي سوڪ کي روڪڻ ۾ هٿي ملندي. مگر بد قسمتيءَ سان ڀارت اندر وڃن ٿا چوپائي مال جي قتل جا قتل خانا وڌندا. انهن تي عام بندش پوڻ گهرجي. گانءِ ٻيل جي هتيا هوندي ڀارت مان مانس جي روانگي بند ڪرڻ لاءِ ڀارت سرڪار کي قانون ٺاهڻ گهرجي. ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ سنت ونوبا جيءَ جي آديش انوسار بمبئيءَ ۾ گونڊيءَ نزديڪ ديونار (ايشيا جي وڏي ۾ وڏي قتلخاني) جي سامهون شانتي سينا جا سينڪ گذريل ١٨ اسالن کان ستياگره ڪري، سماج جو ۽ سرڪار جو ڌيان ڇڪائيندا رهيا آهن. جنتا کي ان ستياگره کي ڀرپور سهيوگہ ڏئي ڀرپاوَ شالي بڻائڻ ۾ اڳتي وڌڻ گهرجي.

اسانجي رحمدل سنڌي سماج ڀارت جي ٻوڏ ڇاهي سوڪ جي پيڙت جنتا کي مالي مدد ڪندي رهندي آهي. اهو سٺو ڪم آهي. پر جئن شاھ صاحب فرمايو آهي تہ ؛

’روزا ۽ نمازون اِهو پڻ چڱو ڪم،

پر اُهو ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرينءَ کي.‘

پوري ڀارت ۾ وڻن پوکڻ جي وسيع هلچل جي ضرورت آهي. وڻ گهڻا ٿيندا تہ برسات جهجهي وسندي سوڪ نہ ٿيندي. ان ڪري ايندڙ چوماسي جو فائدو وٺي سنڌي سماج کي جهوليلعل جو اُتساھ سان نعرو بلند ڪري گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪروڙ وڻ پوکڻ جي سيوا ڪرڻ گهرجي. ڏھ لکہ سنڌي پريوار

ڪارپوريشنس طرفان ڪارخانن ذريعي ڪيميڪلس جو زهر پاڻي ۾ ملايو وڃي ٿو ته ندين جو پاڻي پيئڻ لائق رهي ٿو ۽ خرچ به بچي ٿو.

جنتا هرياڻا جي ڪن ڪيترن جي ڳوٺن ۾ گذريل چونڊن ۾ ووٽ ڏيڻ کان انڪار ڪيو ڇاڪاڻ ته پاڻي ڪونهي ته ووٽ به ڪونهي. اُتر پرديش ۽ بهار ۾ زمين جو پاڻي وڃي ٿو گهٽبو بوسٽر لڳائي، ماڻهن تائين پاڻي پهچايو ٿو وڃي.

۱۹۸۸ ۾ سنيڪت راشٽر جي مها منتري بُترس گهالي ۽ چتاءُ ڏنو هو ته پاڻي ۽ جي اڻاٺ ڪري ملڪن ۾ لڙائي لڳڻ جو انديشو آهي. ۱۹۹٦ ۾ ورلڊ بئنڪ جي وائيس پريزيڊنٽ چتاءُ ڏنو هو ته ايندڙ صدي ۾ يڌ تيل ۽ راڄنيتي ۽ لاءِ نه پر پاڻي ۽ جي سوال تي ٿيندي. ڀارت ۾ پاڻي ۽ لاءِ راڄين ۾ راجستان، هرياڻا پنجاب ۽ دهلي ۾ ڪاويري جل لاءِ ڪرناٽڪا تامل ناڊو ۽ ڪيرالا ۾ تناءُ وڌي رهيو آهي.

راڄيه سرڪارن ۽ مرڪزي سرڪار جي وچ ۾ به تال ميل نظر نه ٿو اچي. پاڻي ۽ جو بندوبست راڄيه سرڪارن جي ذميواري آهي، اِئين چئي ڀارت سرڪار پاڻ کي آجو ٿي ڪري. ڀارت سرڪار جي جل سنساڌن وزير شري سي پي ٺاڪر جو رايو آهي ته راڄيه سرڪاريون مرڪزي سرڪار کي پوريون رپورٽون نه ٿا موڪلين. پاڻي ۽ سوڪ بابت ڪاريه ڪيتي منترالي، گراميڻ وڪاس منترالي ۽ جل سنرڪشڻ منترالي ۾ وراهيل آهي. اهي منترالي پاڻ ۾ پيا اٽڪن. گڏجي مسئلو حل نه ٿا ڪن. نئين صدي ۾ جڏهن ساري دنيا ۾ ڪمپيوٽر ڪرانتي ۽ جي گونج ڦهلجي رهي آهي. تڏهن اسان جا ڪروڙين ڀارتواسي جيون جي بنيادي ضرورتن کان به وانجهيل آهن. اسان جا راڄنيتڪ، نوڪر شاهي ۽ وگياني هن مصيبت لاءِ جوابدار آهن. انهن کي ضرور سزا ملڻ گهرجي. پر اُن سان گڏ مرڪزي سرڪار راڄيه سرڪارن کي ساڻ ڪري گڏجي هي ۽ مسئلو حل ڪرڻ گهرجي. هلچل هلائڻ گهرجي جنتا جي ساٿ سان پاڻي ۽ جي هڪ هڪ بوند جي سنڀال ڪرڻ گهرجي. سرڪاري ايجنسين سان گڏ جنتا جي سنگهٽنن ۾ چيتنا ۽ سوجھه ٻوجھه جاڳرت ڪرڻ جي وڏي ضرورت آهي.

مهارشٽرا مڌيه پرديش، راجستان وغيره راڄين جي ڪيترن ۾

مهاشور اتريءَ جو سنديش

ڳئو بيلن جي رکشا ڪريو !

ڳئو رکشا لاءِ شريمتي مينڪا ڳانڌيءَ جو سمرٿن

سنتن کي وينتي !

اسان جي ڀارت ديش ۾ پراچين سمي کان، مهاشور اتريءَ جو ڏينهن، مهاديو جو ڏينهن گهڻو شرڌا ۽ اُتساهه سان ملهايو ويندو آهي. ان ڏينهن ’ستيم شوم سندرم‘ جي مورتي مهان يوگيشور شو مهاراج جي پوڄا پرتشٺا ڪئي ويندي آهي. سدا شو جي سواري آهي بيل ندي، اڄ بيلن جو ڀارت ۾ ڪروڙن جي تعداد ۾ قتلام ڪيو پيو وڃي. ڀارت سرڪار ان قتلام کي ايترو همٿائي رهي آهي جو، جيڪي ڳئو رکشڪ ڳئو ڀڳت، ديش ڀڳت، ڌرم ڀڳت، ان قتل کي روڪڻ لاءِ، ڪوس گهرن جي سامهون وڃي قتل روڪڻ لاءِ ستياگره ڪن ٿا، تنکي ڀارت سرڪار جي پوليس پڪڙي، جيل ۾ ٿي وجهي. گذريل ارڙهن سالن کان ستياگرهي ستياگره ڪندي پڪڙيا پيا وڃن.

ڀارت جي مهان سنت آچاريہ ونوبا ڀاوي کي ڀارت سرڪار، پارليامينٽ ۾ نهراءُ پاس ڪري خاطري ڏني، تہ اوهان ڳئو رکشا لاءِ آمرڻ ورت سماپت ڪريو، جو پارليامينٽ اوهان جي راءِ سان شامل آهي تہ ڪيتي پرڌان ڀارت ۾ قانون پاس ڪري قتل بند ڪيو ويندو.

ڀارت ۾ مانس جو ايڪسپورٽ ٻين ملڪن ڏانهن بند ڪيو ويندو. اُن وقت جي پرڌان منتري شري مرارجي ديسائي، دهليءَ مان وارڌا وڃي روبرو آچاريہ ونوبا ڀاوي کي، اهڙي خاطري ڏني، اُن خاطريءَ تي وشواس رکي سنت ونوباجيءَ آمرڻ ورت ٽوڙيو. پر سرڪار اُن بعد اڄ تائين اِهو انجام نہ پاڙيو آهي. اڄ تائين ڳئو ۽ ڳئو ونش جو قتل چالو آهي ۽ وڌندو رهي ٿو.

هن پيءِ جي ڪم ۾ ساٿ ڏين ۽ هرهڪ پريوار صرف ڏهه وڻ هن چوماسي ۾ لڳائي ۽ سنڀالي، ته ڀارت ڪي هڪ ڪروڙ وڻ سنڌي سماج طرفان ڀيٽ ڪري سگهنداسين. روڪ پئسن جي دان کان هيءُ وڻن لڳائڻ جو دان وڌيڪ اُتم ۽ ڪارائتو ۽ هميشه لاءِ لاڀدائڪ ٿيندو. ان جو اثر اهڙو ٿيندو جو ڀارت جون هزار نديون لکين ڪوهه ۽ تلاو لهرن سان لڏندا، جهوليلعل جو سچو درشن ملندو. ملڪ جو ڪلياڻ ٿيندو. ڪي سال اڳي مون ڪوشش ڪري گهاٽڪوپر جي شمشان ڀوميءَ وٽ وڻ لڳايا. سڀني ڀارٽين جو ساٿ مليو هو. اڄ اُهي وڻ وڏي ڇايادار ٿي راهگيرن کي سک ڀهچائي رهيا آهن. گذريل ۲۲ فيبروري راشٽرماتا ڪستوربا جي پنيه تٿي ڏينهن ٻه، مون ميونسپل اڌڪارين ڪائونسلرس وديارٿين اڏياپڪن سان گڏ، فيصلو ڪرايو ته هن چوماسي ۾ گهاٽڪوپر ۾ هڪ لک وڻ پوکينداسين. هرهڪ ٻوٽي جي خريديءَ جو هڪ رپيو وديارٿين ڏيڻ قبوليو. ميونسپل گارڊن اڌڪارين ٻوٽا ڏيڻ جو وشواس ڏياريو. ان ريت هر نگر ۾ سنڌي ڀائر ۽ ڀينر ڪوشش ڪندا ته اسان جي سنڌي سماج جي دين، ڀارت لاءِ مهان ٿيندي. ڀارت کي اڄ ان رچناتمڪ ڪاريه جي وڏي ضرورت آهي.

لهرن وارو لال-درياهه لال-جهوليلعل، جهولي ته جئن ڀارت جو هر کيت، هر گهر، سرسبز ۽ آباد ٿئي.

’سستي نه قيام گهر جي، ڀارت جا نو جوانو! سوامي وويڪانند.
ڀاڻ جاڳو ۽ ٻين کي جاڳايو!

●●●●●

اسانجي سنڌي سماج جي پوڄنيہ سنت آسارام باپوجيءَ کي شري جئہ پرڪاش نارائڻ جي خط جي ڪاپي موڪلي ۽ هيٺيون خط بہ لکيو. ان خط پهچڻ بعد پوڄنيہ سنت آسارام باپوءَ هڪ پنهنجو سيوڪ مون وٽ موڪليو. مون هن ڀاءُ کي گئو ونش رکشا ستياگرهين سان روبرو حال احوال وٺڻ لاءِ ڳالهيون ڪيون. هن ڀاءُ خاطري ڏني تہ هو پوڄ سنت آسارام باپوءَ کي احوال لکندو. اُميد تہ پوڄ سنت باپو آسارام صاحب ۽ سنڌي سماج جا ٻيا سنت هن خط تي ويچار ڪندا ۽ پنهنجي پوري شڪتي لڳائي مهاشوراتري جي پوڄا جو پڇ ڪندا ۽ ڀارت سرڪار تي پنهنجي سوجهہ بوجهہ سان گئو ونش رکشا لاءِ قانون پاس ڪرائڻ ۾ ويهڻ نهن جو زور لڳائيندا. خط هيٺينءَ ريت آهي :

پوڄنيہ سنت شري آسارام باپوجي،

جئہ شري ڪرشن !

سپريم چرن وندنا !

ونيہ تہ اوهانجي 'رشي پرساد' نومبر ١٩٩٩ جي انڪ ۾، پرڌان منتري شري اٽل بهاري باجپاءِ جا، اوهان کي سنمان جا اُدگار پڙهي گهڻي خوشي ٿي. اوهان سڄي ڀارت جي جنتا کي ڀارت جي رشين جو سنديش پنهنجي سندر ۽ پرڀاو شالي پروچنن ۽ ست ساهت ذريعي ڦهلائي رهيا آهيو. جيوديا جو مهان ڪاريہ ڪري رهيا آهيو. بار بار جئہ شري رام، جئہ شري ڪرشن، هري اوم جو جاپ ڪرائي جنتا جي دلين ۾ آڌياتمڪ ڀڳتيءَ جو ساگر نرماڻ ڪري رهيا آهيو. گذريل ١١ جنوري ١٩٨٢ کان سنت ونوباجيءَ جي آديش سان ممبيءَ ۾ ايشيا جي وڏي ۾ وڏي قتل خاني ديو نار جي سامهون گئو ونش جي رکيا لاءِ اکنڊ ستياگره اهنسڪ اسمپردائڪ ۽ آراجنيتڪ

Nonviolant Non communal and Non Political

نيتين سان هلي رهيو آهي. ان ستياگره ۾ لکين ڀارتواسين، سنتن، ودوانن ڪسانن پينرن ۽ ناگرڪن ڀاڱ ورتو آهي. ڀارت جي ڏهن راجين ۾ گئو ونش قانون بحال ڪري راشٽرپتيءَ جي صحي لاءِ ڀارت سرڪار کي موڪليا

لوڪ نائڪ ڄئہ پرڪاش نارائڻ، ڀارت جي پارليامينٽ جي سيني
ميمبرن کي، اپيل ڪئي تہ پارٽيبازيءَ جو لحاظ ڇڏي، ڀارت جي ساڍن ستر
لکن ڳوٺن جي، ڪروڙن ڪسانن جي رکشا لاءِ اهڙو قانون يڪراءِ پاس ڪيو تہ
ڄڻن ڳانءِ بيل جو وڌ بند ٿئي. ان خط جي ڪاپي ۱۹۹۹ جي چونڊن بعد
پارليامينٽ جي سيني چونڊيل ميمبرن کي مون نئين سر اپيل ڪندي موڪليو
تہ اِهو قانون پاس ڪريو. سنواڌن جي ۴۸ قلم جي درستي ڪريو تہ ڳئو ۽ ڳئو
ونش جي رکشا ڪئي ويندي.

ان خط جي جواب ۾ پارليامينٽ ميمبر ۽ ڀارت سرڪار جي سماجڪ
نياءَ جي سٽيٽ منسٽر شريمتي مينڪا گانڌيءَ مون کي تازو هيٺيون خط
موڪليو آهي. هن صاف رايو ڏنو آهي تہ ستياگره تيسين چالو رکو، جيسين
اهو ڳئو ڪوس بند ڪيو وڃي. آزاديءَ جي لڙائي وقت مهاتما گانڌي ۽ ٻين
اڳوانن جو اهوئي رايو هو. خط انگريزيءَ ۾ هيٺينءَ طرح آهي.

PEOPLE FOR ANIMALS

A-4, Maharani Bagh, New Delhi - 110065 Tel : 6840402 Fax : 6823144

Assandas Bherwani
Gauraksha Satyagraha Sanchalan Samiti,
Sarvodaya
Ghatkopar, MUMBAI - 400 086.

Dear Shri Bherwani,

Thank you for the information on cow slaughter. I fully support the demand to completely ban it in the whole country as was envisaged by Mahatma Gandhi and other leaders at the time of independence.

I wish the Shanti Sainiks continued strength and resolve in offering Satyagraha at the Deonar slaughter house until this abomination is ended.

(Smt. Maneka Gandhi)

Minister of State for
Social Justice and Empowerment
Govt. of India
New Delhi

تي بندش هئي ڇاڪاڻ تہ گھوڙو اتي ڪيتيءَ لاءِ ڪارائتو هو.

ڪيميڪل ڀاڻ ۽ ڪيٽ ناشڪ دوائن جي ڪم آڻڻ سبب ڪيتيءَ جي اُپت لاءِ زمين جي شڪتي گھٽجي آهي ۽ جل زمين سڀ پردوشت ٿي رهيا آهن. اسان جو ديش قدرتي وسيلن سان ڀرپور آهي. سج جو پرڪاش، زمين، جل، وايو پشوڌن ۾ سمرٿ آهي.

وديشي مدرا لاءِ ڀارت سرڪار مانس جي روانگي ايڪسپورٽ ڪري پشوڌن ناس ڪري رهي آهي. ان جو اثر ساري ڀارتي سماج مٿان بلڪل برو پئجي رهيو آهي.

ديش جي ڪيتي، ڳوٺاڻا هنر، آمدرفت جا وسيلا سڄيو ڀاڻ، صحت سيني نظرن کان گئو ڌن جي رکشا هڪدم ضروري آهي. اُن لاءِ سنت ونوباجيءَ جي آگيا انوسار ڀارت سرڪار کي قانون بحال ڪرڻ گھرجي ۽ مانس جي روانگي بند ڪرڻ گھرجي.

”گاءِ بيل بچينگي - ديش بچيگا“

●●●●●

ويا آهن. سال گذرندا پيا وڃن پر راشٽرپتيءَ جي صحي اڃان تائين ان قانون تي نہ پئي آهي. ڀارت جو گئو ونش انڌا ڌنڌ قتل ٿي رهيو آهي.

گئو ۽ گئو ونش جو قتل ڀارت سرڪاري جي ايڪسپورٽ پاليسيءَ موجب هر سال وڌي رهيو آهي. ١٩٤٧ ۾ ڀارت ۾ ٣٠٠٠ قتلخانا هئا جي هاڻي وڌائي ٣٦٠٠٠ ڇٽيهہ هزار قتلخانا کولايا ويا آهن. دهليءَ ۾ پارليامينٽ جي سامهون بہ بار بار ستياگره ڪيو ويو آهي.

١١ آڪٽوبر ١٩٩٩، لوڪ نائڪ جئہ پرڪاش نارائڻ جي ٩٨ جنم ڏينهن، ڀارت جي پارليامينٽ ميمبرن کي ١٩٧٩ ۾ خط لکي هن اپيل ڪئي هئي تہ پارٽيبازي ڇڏي گئو رکشا جو قانون يڪراءِ بحال ڪريو، ان خط جي ڪاپي ١٢ لوڪ سڀا جي سيني ميمبرن کي اسان موڪلي اپيل دهرائي آهي. ڀارت جي جوڙجڪ ۾ ٤٨ فقريءَ ۾ ڳانءِ گئو ونش ڳنڍي بحال ڪريو تہ جيئن سپريم ڪورٽ جو اعتراض دور ٿي وڃي. ۽ کيتي پرڌان ڀارت ۾ ڪنهن بہ عمر جي ڳانءِ بيل جي وڌ تي سمپورن بندش پوي. ڀارت مان مانس ايسڪپورٽ بہ بند ڪيو وڃي.

ان خط جي ڪاپي پرڌان منتريءَ کي فئڪس ڪري موڪلي وئي. هن خط سان گڏ اها ڪاپي اوهان جي شيوا ۾ بہ موڪلجي ٿي. اوهان کي نماڻي وينتي آهي تہ اوهان بہ اهڙا اپيل پرڌان منتري ۽ ڀارت سرڪار جي ٻين مهارٿين کي موڪليندا. ڀارت ۾ ۽ وشو ۾ ماس آهار، ان ڪري گهڻبو جيو ديا جو ڪاريہ وڌندو، ڀارت جي سنسڪرتي آرٿڪ شڪتيءَ جو وڪاس ٿيندو ڀارت جي ستن لکن ڳوٺن جا ڪروڙين ڪسان خوشحال ٿيندا. ڪريا ڪري احوال ڏيڻ جي ديا ڪندا.

راشٽر پتا مهاتما گانڌيءَ چيو تہ گئو رکشا دنيا کي هڪ مهان دين آهي. ڀارتيہ سنسڪرتي ۽ ارٿ شاستر ۾ گئو رکشا جو نهايت اهميت وارو استان آهي. اسان کي کيتي آمدرفت جا وسيلا ڳوناڻا هنر کيتيءَ کي ريڇ ڏيڻ لاءِ بيل گوبر موتر سان سجيو ڀاڻ زهري جيتن کان رکيا، گوبر گئس ۽ چمڙو گئو ماتا جي دين آهي. ان ڪري ويدڪ سمي کان وٺي مغل راڄ تائين ڀارت ۾ گئو وڌ اهڙيءَ طرح بند هو جئن يورپ ۽ عرب ديسن ۾ گهوڙي جو وڌ

ڀارت گرام پرڌان هئڻ سبب سڄيو سوا ولمبي ڪيتيءَ کي مرڪز ۾ رکي هيءُ ڪاريہ گراميڻ ڀارت ۾ شروع ڪيو ويو. گڏو گڏ شهرن ۾ وسترِ سواولمبن ۽ سوديشيءَ کي اڳيان رکي ڪم شروع ڪيو ويو. اُن سان گڏ شراب بندي، گئو رکشا، پوليس ڪورٽ مڪتي، ٻيا ٿورا پروگرام مڪاني حالتن موجب ٻڌيندي سگهجن ٿا. جئن لوڪ شڪتي تمام گهڻن ڪمن ۾ وراهجي نہ وڃي. نوجوانن ۽ مهلائن جي جاڳرتا ۽ سنگٺن لاءِ راشٽريہ يوُا سنگٺن جو پرچار وڌايو وڃي. سنوڌان جي بنيادي اڌڪارن بابت يونيورسٽين ۾ بحث مباحثا رکيا وڃن. ان وشيہ جي پومڪا نباهڻ وارو ساهتيہ هر ڀارتي ڀاشا ۾ شايع ڪيو وڃي. جاڳرت ۽ سنگٺت لوڪ شڪتيءَ ذريعي، ئي گرام سوراج جي اسٿاپنا ممڪن آهي ۽ صحتمند سنگٺت لوڪتنتر جي دٻاءَ سان سنوڌان ۾ ڄاڻايل، پر عمل ۾ نہ آندل ڪمن کي، سرڪار کان ڪرائي سگهبو. ستل لوڪ شڪتيءَ کي جاڳائي اُن کي سنگٺت ڪري، چست بڻائي آئينده جي ڪم لاءِ سڦلتا حاصل ڪرڻ جو هڪ ئي طريقو آهي.

ڀارت جي سروديہ منڊلن جي مرڪزي سنسٿا سروَ سيوا سنگھ، ڀارت جي جنتا کي، پنهنجن جوڙجڪي اڌڪارن حاصل ڪرڻ لاءِ مٿيون ٺهراءُ پاس ڪيو آهي.

نوٽ : سنڌي سماج کي بہ راجنيتڪ اڌڪارن حاصل ڪرڻ لاءِ ان ڏينهن سنڌي سماج کي ٿورائي واري جاتي ڪري قبولڻ، پارليامينٽ ۽ اسيمبلين ۾ سنڌي ميمبرن لاءِ رزرويشن جي سهوليت لاءِ جوڙجڪ ۾ درستي مڃڻ، سنڌي سماج، سنڌي ڪالونين ۽ نگرن جي وڪاس لاءِ هر سال پلئننگ ڪميشن کي هڪ هزار ڪروڙ رپيہ حاصل ڪرڻ، سنڌي جاتيءَ جي لاءِ سنڌو ديش راجيہ نرماڻ ڪرڻ لاءِ زمين حاصل ڪرڻ لاءِ، مورچا لڳائي، اُپواس ڪري جنتا کي جاڳرت ۽ سنگٺت ڪرڻ گهرجي.

●●●●●

٢٦ جنوري ٢٠٠٠ ڀارت جي سنوڌان جا پنجاهه سال

٢٦ جنوري، ريپبلڪن ڏينهن ملهائڻ لاءِ سرو سيوا سنگهه جو پروگرام جنتا جي اڌڪارن، جاڳرتا ۽ سنگٺن جو ڏينهن

٢٦ جنوري ٢٠٠٠ جو ڀارت جي جوڙجڪ، ڪانسٽيٽيوشن لاڳو ٿيڻ کي پنجاهه سال پورا ٿيندا. اِنهن پنجاهه سالن ۾ سڀني مکيه راجنيتڪ پارٽين کي ڪيندر ۾ يا راجين ۾ راڄ ڪرڻ جو موقع ووٽرن ڏنو آهي. ديش جي نرماڻ لاءِ سنوڌان جي نيتي نرديشڪ تتن جو چوٿين اڌياءَ ۾ سرڪارين کي ڪجهه نشچت نرديش ڏنا آهن. چونڊن ڪانپوءِ سنوڌان جو قسم کڻي سرڪاريون ڪم ڪن ٿيون.

پر گذريل پنجاهه سالن ۾ نه گرام پنچايتن کي سوَشاسن (خود حڪومت) جو اڌڪار (حق) ڏيڻ، اِسم ٤٠، ڏهن سالن جي اندر يعني ١٩٦٠ تائين سڀني ٻالڪن، ٻالڪين کي سکيا، تعليم ڏيڻ اِسم ٤٥، وغيره نه ٿيا آهن. بلڪ سڀني جي گذران لاءِ ضروري وسيلا ۽ سمپتيءَ جو وِڪيندريڪرڻ، اسم ٣٩. ڪم جو حق، اِسم ٤١. ڳوٺاڻن هنرن جو واڌارو، اِسم ٤٣. نشيدار پدارٿن تي روڪ، اسم ٤٧، ڳئو رکشا ۽ آبهوا جي رکشا، اِسم ٤٨. اجان عمل ۾ نه آيا آهن. بلڪ انهن معاملن ۾ جيڪو سو اسان اُلٽي راهه ۾ وڌيا آهيون. وديشي قرض جو بوجو گهٽڻ وڌڻ سبب بهوراشٽر ڪمپنين جي چنبي ۾ ڦاسي آزاد راشٽر غلاميءَ ۾ ڦاسندو ٿو وڃي.

سرڪارين طرفان سنوڌان، ڪانسٽيٽيوشن جي بي حرمتي ڪرڻ خلاف جنتا جو غصو ظاهر ڪرڻ لاءِ ۽ ان موقعي تي جنتا جي سنڪلپ شڪتي جاڳائي مضبوط درڍ ڪرڻ لاءِ، گرام سوراڄ - لوڪ سوراڄ جو ڪم شروع ڪرڻ لاءِ، سنوڌان ڏينهن ٢٦ جنوريءَ جو، جڳهه جڳهه ٢٤ ڪلاڪ اُپواس ڪرڻ گهرجي.



دادا جھمن واسواڻي ھري آسنداس ڀيرواڻيءَ کي
آسيس، پيار سنمان ڏئي رھيا آھن.



سوامي ديو پرڪاش مھراج، ڊاڪٽر ديال آشا، دوارڪو سندراڻي
۽ ٻيا ساٿي ھري آسنداس ڀيرواڻيءَ کي پيار ۽ سنمان ڏئي رھيا آھن.



ھري آسنداس ڀيرواڻي پنھنجي ننڍپڻ جي ساٿيءَ
ھري دواڪي سندراڻيءَ سان گڏ



ليکڪ : شري آسنداس پيرواڻي (سوتنترتا سيناني ۽ لوڪ سيوڪ)